# منير ڪان ماڙڪ تائين

سهيڙيندڙ: مصور حسين



www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# منير ڪان ماٽڪ تائين

**سهيڙيندڙ: مصور حسين**

**ڊجيٽل ايڊيشن:**

2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”منير ڪان ماڻڪ تائين“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب ناميارا ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار ماڻڪ جي لکڻين ۽ ماڻڪ جي شخصيت تي لکيل مضمونن/تاثرن/احساسن جو مجموعو آهي، جنهن جو سهيڙيندڙ شاعر ۽ ليکڪ مصور حسين آهي. شوڪت شورو ماڻڪ بابت لکي ٿو:

”ماڻڪ سنڌي زبان جو هڪ نهايت ئي ذهين، سڄاڻ، حساس ۽ گهڻ – اپياسي ليکڪ هو. ماڻڪ رڳو ڪهاڻي ۽ ناول جي فارم، ٻولي ۽ اسلوب ۾ تبديلي ۽ نواڻ ڪانه آندي؛ پر هن جا موضوع به نهايت ڇرڪائيندڙ آهن. هن جي پوئين دور جي لکڻين ۾ هڪ سڄاڳ ذهني پيڙا نمايان آهن، جيڪا اڄ جي موتمار ۽ مايوس حالتن جي پيداوار آهي. ماڻڪ انهن حالتن کي قبول نٿو ڪري ۽ ذهني سطح تي انهن کان بغاوت ڪري ٿو.“

بقول مصور حسين جي ”ڪوشش باوجود هي ڪتاب ڪنهن به اداري پاران ڪتابي شڪل ۾ ناهي ڇپايو ويو.“ اسان ٿورائتا آهيون پياري شاهنواز ٽالپر جا جنهن اڻ ڇپيل نقل ڪاپين تان هي ڪتاب ڪمپوز ڪري موڪليو ۽ ٿورا مصور حسين جا جنهن هن ڪتاب جو اڻ ڪمپوز ٿيل مواد موڪليو ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# ڪمپوزر پاران

”انسان غلطين جو گهر آهي، ويسر سندس فطرت ۾ شامل آهي. اُن ڪري انسان جي لکت غلطين کان پاڪ ۽ صاف نہ ٿيندي. وس آهر ڪوشش ڪبي آهي تہ بهتر کان بهتر ڪيو وڃي. ڪٿ ڪا بہ غلطي هجي تہ نشاندهي ڪجو.

**شاهنواز ٽالپر**

**ڪمپوزر**

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

sntalpur@gmail.com

# ارپنا

هيءُ ڪتاب نالي ڪجي ٿو:

ماڻڪ جي گهر واري
صابره مُنير
پُٽ علي ميمڻ
۽ ماڻڪ جي پوٽي ۽
پوٽين جي نالي

# فهرست:


- سنڌ سلامت پاران
- سهيڙيندڙ پاران

(1) مُئل ماڻهو – جيئري پيڙا - ولي رام ولڀ
(2) بي معنيٰ زندگي ۽ ماڙڪ – شوڪت حسين شورو
(3) ماڙڪ: اُسرندڙ سوچ جي نمائندگي ڪندڙ ليکڪ – ممتاز مهر
(4) ماڙڪ: هر دؤر جو ليکڪ – عزيز مهراڻوي
(5) ماڙڪ: انساني آدرشن جو ليکڪ – غفور ميمڻ
(6) ماڙڪ جي ناول "ساھ مُٺ ۾" جو تنقيدي جائزو – ڪنعيو گيانچنداڻي
(7) صبح جي ستاري ڏانهن – نصير مرزا
(8) پاتال ۾ بغاوت – سليم احمد
(9) چميل وقت جون گرم يادون – نثار حسيني
(10) ماڙڪ: پهرين ملاقات کان آخري ملاقات تائين – مير ٽيڀو
(11) ماڙڪ: چرڪائيندڙ ليکڪ - تهمينہ سڪندر
(12) بيٺل دل جي خبر – مظهر ميمڻ
(13) ماڙڪ، مان ۽ گئس چيمبر – اخلاق انصاري
(14) ماڙڪ ۽ حقيقت پسندي – ممتاز ابڙو
(15) منير ڪان ماڙڪ تائين – ممتاز مهر
(16) جڏهن سفر هليا – نصير مرزا
(17) رهجي ويون من ۾ آسون – صابر هيسباڻي
(18) ماڙڪ : پاتال ۾ بغاوت – ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
(19) سنڌيت جي اندروني ايڪسري – موهن ڪلپنا
(20) ماڙڪ مِٽ سندوم - احمد شاڪر
(21) ماڙڪ جي خودڪشي – مصور حسين
(22) سرحد پار سنڌ ۾ وجود جي پوائنٽن جي تصوير – هيرو شيوڪاڻي
(23) ماڙڪ جو ڇڏيل ادبي مورچو – انور پيرزادو
(24) اگهاڙو سچ – شوڪت حسين شورو
(25) ديوانگيءَ جو سفر – منور سراج
(26) "ساھ مٺ ۾" جو اڀياس _ نصير سارنگ
(27) ہہ اکر – امداد حسيني
(28) تاثر – شرجيل
(29) مئي پڄاڻان – آغا قيوم

# سهيڙيندڙ پاران

ماڪ سنڌي ٻوليءَ جو اهو ليکڪ آهي، جنهن پنهنجي مختصر ڄمار ۾ تمام گهڻو ۽ منفرد ادبي پورهيو ڪيو. ڪهاڻي هجي يا ناول، ناٽڪ هجن يا مضمون، سندس لکڻين جي سنڌي ادب ۾ تمام وڏي اهميت آهي. ماڪ جي ان اهميت کي نظر ۾ رکي مون 2016ع ۾ پنهنجي ايم فل جي مقالي لاءِ سندس ڪهاڻين جي چونڊ ڪئي ۽ ڪيترن ئي مشڪل مرحلن مان گذري 2018ع ۾ ان مقالي کي لکي پورو ڪيم. مون جڏهن شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ مان ايم فل جو ڪورس ورڪ پورو ڪيو ته ماڪ جي ڪهاڻين ۽ ان تي لکيل مضمونن کي گڏ ڪرڻ جي ڪم سان لڳي ويس. ان ڪم دوران شروع شروع ۾ مون کي ڪا وڏي ڪاميابي نصيب نه ٿي. سندس ٽي ڪتاب ”حويليءَ جا راز“، ”ماڪ مٽ سندوم“ ۽ ”ٽي ناوليٽ“ ته مون وٽ موجود هئا پر ڀرپور مقالي لاءِ اهي ڪتاب نا تمام هئا. ان مرحلي تي مون ماڪ جي ويجهن دوستن مير ٽيٻي، مدد علي سنڌي ۽ شوڪت شوري سان به رابطو ڪيو ۽ ان سان گڏ پنهنجي پيارن ساٿين قدير شيخ ۽ منور سولنگي کان به ڄاڻايل مواد بابت پڇا ڳاڇا ڪئي پر اتان ڪو مواد نه مليو البته متي ڄاڻايل سيني ساٿين منهنجي ڪوشش جي ساراهه ڪئي ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ اُتساهيو. ان سلسلي ۾ سائين مدد علي سنڌي ”اڳتي قدم“ ۾ ڇپيل ماڪ جي ڪهاڻين جي نشاندهي ڪئي، اهڙي طرح منور سولنگي، امداد حسيني ۽ سحر امداد جي سهيڙيل پرچي ”مٿل ماٺهو جيئري پيڙا“ جو ڏس ڏنو ۽ اهو ٻڌايئين ته اهو پرچو ڪافي وقت اڳ شاهنواز ڀٽو لائبريري ۾ موجود هئو پر هاڻي اڻلڀ آهي. ائين ان اڻلڀ پرچي جي ڳولها لاءِ مون کي به ٽي ڀيرا شاهنواز ڀٽي لائبريري جا چڪر ڪاٽڻا پيا. لائبريرين جي سهڪار سان سنڌي ڪتابن ۽ رسالن جا سڀئي شيلف اٿلائي پٿلائي ڏٺم ته نه صرف ماڪ جي شخصيت بابت سهيڙيل پرچو ”مٿل ماٺهو جيئري پيڙا“ هٿ آيو بلڪ ڪجهه ٻيو مواد پڻ مليو. ان کان پوءِ ڪجهه ڏينهن رکي 70ع جي ڏهاڪي ۾ مدد علي سنڌي جي سرپرستيءَ ۾ نڪرندڙ ترقي پسند رسالي ” اڳتي قدم“ جي پرچن جو پڇائيندو شڪارپور ۾ پنهنجي محسن خليل موريائي وٽ پهتس، جتان اهي پرچا مليا. موريائي صاحب پنهنجي دل جي دروازن وانگر پنهنجي ذاتي لائبريري جا در به مون لاءِ کولي ڇڏيا. هن سخت ڪمزوري ۽ بيماري هوندي به ڪتاب ڳولهرائڻ ۾ منهنجي ڀرپور مدد ڪئي. ائين مان وقفي وقفي سان پنج ڇهه ڀيرا شڪارپور جا چڪر لڳايا. سائين خليل موريائي جي لائبريري مان پڻ ڪافي مواد هٿ آيو جن ۾ گهڻائي مضمونن جي هئي. مير ٽيٻي جو لکيل مضمون به مون کي اتان ئي مليو جنهن جي مون کي گهڻي تلاش هئي.

مون کي ايم فل جي مقالي لاءِ جيترو مواد گهربل هئو سو مون گهڻي ڀاڱي گڏ ڪري ورتو هو پر ان باوجود منهنجي جستجو گهٽ نه ٿي هئي ۽ ڪجهه ٽائيڪو ٽيس ته پياري ساٿي منور سراج جي

مهربانيءَ سان ماڻڪ جي فرزند علي ميمڻ سان نوابشاهه ۾ سندس گهر وڃي ملاقاتي ٿيس، جتان پڻ گهڻو مواد مليو. ان مواد ۾ گهڻائي ماڻڪ جي هٿ سان لکيل ڪهاڻين جي هئي جيڪي گهڻي قدر رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿيل هيون ۽ مون وٽ اڳ ئي موجود هيون. منور سراج ۽ علي ميمڻ ان ڏينهن جيڪو مانُ ڏنو تنهن جو قرض لاهڻ منهنجي وس جي ڳالهه نہ آهي. اهڙي طرح نوابشاهه مان موٽيس تہ سائين اخلاق انصاري سان ملاقات ڪيم، جتان پڻ ”ڪونج “ جو ”ماڻڪ نمبر“ ۽ عوامي آواز اخبار جو خاص ايڊيشن مليو جيڪو سندس ورسيءَ جي مناسبت سان 2001ع ۾ شايع ڪيو ويو هو. ان مواد کي ترتيب ڏئي مان مقالو لکڻ ۾ مصروف ٿي ويس. مقالي جو پهريون باب ماڻڪ جي زندگيءَ جي حوالي سان هئو، جنهن بابت ڪٿان بہ مواد ڪو نہ پئي مليو. مون ماڻڪ جي سيني ڪتابن ۽ سندس شخصيت تي لکيل مضمونن جو جائزو ورتو ماڻڪ جي انتهائي ويجهي ساٿي مير ٿيٻي سان بہ رابطو ڪيم پر ماڻڪ جي شروعاتي زندگي ۽ ابتدائي تعليم جو ڪٿان بہ ڪو حوالو نہ مليو. پريشانيءَ جي ان عالم ۾ محترم بشير هيسباڻي مون لاءِ اميد جو ڏيئو ٻڌجي سامهون آيو. هن محترم سان منهنجي هڪ بہ ملاقات ڪو نہ هئي پر ان باوجود منهنجي ڪم کي پنهنجو ڪم سمجهي پروفيسر حامد خانائي جي لائبريريءَ ۾ موجود ماڻڪ بابت سمورو مواد مون ڏانهن فوٽو ڪاپي ڪري موڪليائين. نہ صرف ايترو پر سائين پنهنجي مصروفيتن مان وقت ڪڍي مون کي ماڻڪ جا پرائمري، مڊل ۽ سيڪنڊري سرٽيفڪيٽ پڻ ڪڍرائي ڏنا. اهڙي طرح سان محترم مختيار ملاح پڻ ماڻڪ جو ڪافي مواد ڇاڻ سڃاڻ نہ هوندي بہ موڪلي ڏنو، جنهن جو پڻ مان دل جي گهرائين سان ٿورائتو آهيان.

ايترو سارو مواد گڏ ٿيڻ ڪان پوءِ تہ بس منهنجي لکڻ جي دير هئي ۽ سال جي اندر اندر مقالو لکي پورو ڪيم. مقالو لکڻ دوران منهنجي گائيڊ ڊاڪٽر مهر خادم پڻ تمام گهڻي رهنمائي ڪئي. ٿيسز لکڻ ڪان پوءِ سيمينار ڏنم ۽ واءِ واءِ جو مرحلو آيو. ان مرحلي ڪان پار ٿيس تہ دل ۾ خيال آيو تہ ڇو نہ ماڻڪ بابت گڏ ڪيل مواد کي ترتيب ڏئي ڪتابي صورت ۾ ڇپرايان .ان خيال کي عملي جامو پارائيندي مون بہ ڪتاب سهيڙي ورتا. پهريون ڪتاب ماڻڪ جي ڇپيل ڪهاڻين تي مشتمل هئو جنهن ۾ ”بگهڙن جي راڄ ۾“ ،”قربت“ ،”هڪ رات جو ائبنارمل“ سوڌو 22 اهڙيون ڪهاڻيون شامل هيون، جيڪي هن وقت ماڻڪ جي ڪنهن ڪتاب ۾ شامل نہ آهن ۽ جن رسالن ۾ اهي ڇپيون سي گهڻي ڀاڱي اٽليپ ٿي ويا آهن. ٻيو ڪتاب ماڻڪ تي لکيل مضمونن تي ٻڌل هئو جنهن ۾ سنڌ جي ناليوارن ليکڪن ماڻڪ کي ڀيٽا پيش ڪئي هئي، اهي مضمون ”سارس“ ،”پرک“ ،”ڪونج“ ۽ ٻين ڪن رسالن ۽ مخزنن ۾ ڇپيا هئا.

ٻنهي ڪتابن کي ترتيب ڏيڻ ڪان پوءِ اهڙي ڪنهن پبلشر جي ڳولها ۾ لڳي ويس جيڪو انهن ڪتابن کي ڇپائي سگهي. ان ڏس ۾ منهنجي پهرين ملاقات سکر جي هڪ ساٿي سان ٿي جنهن ڪهاڻين وارو ڪتاب ڇپرائڻ جي حامي ڀري ۽ مون ڪان اهو مواد بہ ورتائين پر لڳ ڀڳ سال ڪان پوءِ ڪتاب ڇاپڻ ڪان نابري واري مواد موٽائي موڪليائين. اهڙي نموني مون ٻنهي ڪتابن جو ذڪر پنهنجي مهربان مدد علي سنڌي سان بہ ڪيو جنهن ثقافت کاتي جي سيڪريٽري سان ان بابت ڳالهہ ٻولهہ بہ ڪئي پر اُتان بہ جواب مليو. اهڙي نموني روشني پبليڪيشن واري علي نواز گهانگهري، سڪندر ملاح ۽ ڪن

ٻين دوستن سان بہ ڪتاب بابت لهہ وچڙ ۾ آيس پر ڪٿان بہ ڪا مناسب موٽ نہ ملي. اهڙي حالت ۾ مان مايوس ٿي ڪتاب ڇپرائڻ جو آسرو پلي ويهي رهيس تہ ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ سنڌ سلامت گهر جي سٿ ڪتاب کي اي بوڪ واري صورت ۾ آڻڻ جي حامي ڀري، جنهن کي مون فوري طور قبول ڪيو. ڇو تہ اهڙو سونهري موقعو مون پنهنجي هٿان وڃائڻ نہ پئي چاهيو. ان ڪان پوءِ مون ماڻڪ تي لکيل مضمونن وارو ڪتاب سنڌ سلامت جي سرواڻ محمد سليمان وساڻ ڏانهن موڪلي ڏنو جنهن پنهنجي ٽيم سان گڏجي مواد کي ڪمپوز ڪري ڪتابي صورت ۾ آندو. جنهن تي مان کين جس ڏيان ٿو. هن ڪتاب جي منظر عام تي اچڻ ڪان پوءِ منهنجي خواهش آهي تہ جلد ماڻڪ جي ناياب ڪهاڻين جو ڪتاب ۽ منهنجو ايم فل جو مقالو بہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي تعاون سان پڙهندڙن تائين پهچي ۽ انشاءَ الله اهي ٻئي ڪتاب بہ جلد اي بوڪ جي صورت ۾ توهان جي آڏو هوندا.

ڪتاب بابت پنهنجي راءِ ڪان ضرور آگاهہ ڪجو.

**مصور حسين**

موبائل نمبر 03337269869

# مُئل ماڻهو – جيئري پيڙا

## ولي رام ولڀ

ماڻڪ جون آڪاٽيون پڙهجن يا سندس ناول – اهي سڀ هن ڌرتيءَ جا داستان آهن. ڌرتي – جنهن جا ماڻهو اباڻا ۽ ابوجهه جن جا هاڻ هيسيل ۽ من منجهيل. سندس امر لکڻيون پڙهي سندس آواز اچ به سوچ جي ايوانن ۾ گشت پيو ڪري.

منهنجي من ۾ ڏورانهين هنڌ کان سندس آواز جو پڙاڏو گونجي رهيو آهي. ”ماڻهوءَ وٽ رڳو هڪ شيءِ پنهنجي هوندي آهي – هن جي پنهنجي پيڙا. ۽ هن سموري سنسار ۾ ٻي ڪا به دوا ڪيس انهيءَ پيڙا کان ڇوٽڪارو نٿي ڏياري سگهي سواءِ انهي ڌرتي جي. جيڪا سندس ٻنهي پيرن جي هيٺان سمائجي سگهي ٿي. جيڪا سندس ٻنهي هٿن جي ٻُڪ ۾ اچي سگهي ٿي.“

مان جهڪي پنهنجي ٻنهي پيرن ڏانهن ڏسان ٿو – اهي ننگا پير! جن کي جيڪر رڳو بيهڻ جيتري جاءِ ملي وڃي . . . ۽ منهنجا هي خالي هٿ جي اڄ تائين ڪا سوچ قابو ڪري نه سگهيا.

۽ من جي ڏکوئيل ڪنڊ مان سوچ جو هڪ سِلو نسريو ”ماڻڪ! . . . ٻڌاءِ انهي پيڙا کي ڇا ڪريان جنهنجي هن سموري دنيا ۾ ٻي ڪا دوا ناهي. سواءِ ڌرتيءَ جي . . . ۽ منهنجي هٿن ۾ ڪو احساس به اهڙو ناهي جو راحت ڏيئي سگهي . . . !“

وقت جون گهريون اونداهيون منهنجي سامهون آهن . . . انهن مان هڪ اونداهي منهنجي آڏو اچي بيهي ٿي. ڏکندڙ اونداهين مان هڪ ڏکندڙ اونداهي . . .

”تو مونکي سڏيو؟“

آواز جي هڪ لهر منهنجي ڪنن کي ڇهي ويئي.

”ڪير؟ ڪير آهين تون؟“ منهنجو آواز تيز ٿي جهڪو ٿي ويو.

”مان؟ ماڻڪ“ هوا جي لهر پري کان ڪجهه لفظ کڻي آئي.

”ماڻڪ! پر تون . . . هي سڀ پردا پاسي ڪري منهنجي اڳيان! حيرانيءَ جا ڦُڙا منهنجي نرڙ تي اُڀري آيا . . .

”تنهنجو آواز گهڻي دير کان. منهنجي پيرن لاءِ روشني ڪندو رهيو.“

اونداهين مان نڪري منهنجي آڏو هڪ پاڇولي جهڙي اونداهي ڏڪي رهي هئي . . . آواز ڄڻ ڌرتيءَ جي ڪُک مان ڦٽي رهيو هو.

”تون انهي زمين ۾ سمائجي وئين جنهن کي تون پنهنجو چوندو هئين؟“

”ها! تڏهن نه منهنجا دوست. مان توکي چوڻ آيو آهيان. نه ڪڏهن ڪنهن زمين کي ڪي پنهنجو متان چئين. . . . “

منهنجي چپ پر بند ٿي ويئي. ”پل اُها زمين هجي جنهن تي منهنجا پير ڄميل هجن؟“

”پاڳل! پنهنجي پيرن ڏانهن ٿورو ڇتائي ڏس!“
مون گهبرائجي پنهنجون نگاهون اونداهيءَ تي ڄمائي ڇڏيون . . . . مونکي ڪل آهي، منهنجا پير زمين تي ناهن . . . هوا تي . . . نه! شايد پولار ۾ آهن . . .
”تون ڇوڙ ڇا ٿو چاهين؟“
”اهوئي ته هلندو رهڻ جي پيڙا کان گهٽي وڌيڪ پيڙا تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن تون مڪمل طرح انهيءَ ڌرتيءَ ۾ جذب ٿي وڃين جا توکي ايڏي پنهنجي لڳندي هجي . . .
هوا ۾ چر پر ٿي . . . ڪيئن پل ماٺ ۾ لنگهي ويا.
مونکي ڏاڍو پڇڻ ٿيڻ لڳو . . . خبر ناهي، اهو پولار بيهڻ / هجڻ جو پڇو هو يا انهيءَ زمين ۾ سمائجي وڃڻ، جو جيڪا منهنجي پيرن جي پاڇ ۾ نه آئي.
”پر تون هتي! ڪتابن جي ورقن مان! . . . آواز ٻڌو.
”ڪتابن جي ورقن مان نه، تنهنجي خيالن مان. تو غور سان پڙهيو ته تنهنجي آڏو هليو آيس . . . تون سوچڻ بند ڪري ڇڏيندين، اتيئي سميٽجي ويندس، تنهنجي سوچن ۾.“
هڪ تمام تکو آواز . . . . منهنجي هٿ — ترڻ تي اچي بيهي رهيو ڇڱو! ته اهائي اُها ڌرتيءَ، جنهن کي تون پنهنجي چوندو هئين . . . سوچن جي . . .
ها! پنهنجي لائق ته هڪ به ڌرتيءَ جو ٽڪرو پنهنجو ته هجي- رڳو هڪ سوچن جي ڌرتيءَ کان سواءِ . . . اهي ڪڏهن پلجي هڪ راهه ٻڻجي ويندا يون آهن، ڪڏهن هڪ چت، هڪ پهر ۽ ڪڏهن هڪ سموري دنيا . . . ته ڪڏهن سميٽجي رڳو پيرن جي ترين هيٺان سمائجي ويندا يون آهن.
”۽ پيڙا ؟ . . . تون جنهن پيڙا جي ڳالهه ڪندو هئين؟“
”سوچن جي سيني مان نڪري سوچن جي سيني ۾ سمائجڻ جي پيڙا . . . “
”۽ انهيءَ جو ڪارڻ؟“
”نه ڪي انهيءَ پيڙا جو ڪو ڪارڻ هوندو آهي، نه ڪا دوا!“
منهنجي دماغ تي بار ڇانئجي ويو آهي، هٿ سان هٿايان ٿو پر هتي ئي نٿو ”پر تون جيئري ئي انهي پيڙا جي دوا جون ڳالهيون ڪيون آهن!“
”جيئري ماڻهوءَ ۽ مُئل ماڻهوءَ جي پيڙا ۾ گهڻو فرق ٿيندو آهي، دوست!“
مون بار کان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو آهي . . .
منهنجي اڳيان جيئري ۽ مئل ماڻهوءَ جي پيڙا ۽ انهيءَ جو فرق هڪ ٻئي ۾ ٽنبيل آهي . . .
. . . . مان سندس مطلب ۽ بدلجندڙ مطلب جو تاءُ جهلي نٿو سگهان. ڳالهه مٽايان ٿو - ”۽ منهنجا وچڙيل دوست! اڄ به حسرت جي ڳالهه ڪن ٿا، جڏهن هٿ ۾ قلم هجي ۽ ذهن ۾ لفظن جو پنڌار پرجي وڃي . . . انهيءَ بي چيني جي باري ۾ - جڏهن مٿان ماٺ جو هڪ ڳوڙهو پٿر پيل هجي ۽ دل هجي جا ڦاٽندي هجي . . . “
”تنهنجي دل جي اها بي چيني مونکي ورقن جي وچ ۾ ٻڌڻ ۾ آئي ۽ مون گهريو هو ته منهنجو آواز اسان جي وچ ۾ آيل ڪوهيڙي کي چيري تنهنجي ڪَن پوي . . . “

”تہ تنهنجي تاءَ منهنجي تاءَ ڪي ڳولي ورتو؟ . . .“

مون رڳو اچي سامهون لهرائيندڙ پاڇولي کي ڇهڻ چاهيو پر اونداهي، اونداهين ۾ الوپ ٿي ويئي.

منهنجو جسم هاڻي پنهنجي سوچن جي ڏرتيءَ ۾ سميٽجي خود بہ هڪ سوچ بڻجي ويو. . . ۽ سوچ ڪڏهن هٿن ۾ قابو ٿيندي ٿئي . . .

منهنجو وڏيل هٿ جڻ ڪپجي ڪري پيو.

هڪ ڏکي ماڻ انهي مختصر عرصي کي پنهنجي هنج ۾ وندرائي رهي هئي، جيڪو اسان جي وچ ۾ آيو هو. . . ۽ اسان جي سوچن جي وچ ۾. . .

مون چوڻ گهريو ٿي، ”ماڻڪ! منهنجا دوست! تون تہ مري هڪ سوچ بڻجي وئين پر انهن جو ڇا ٿيندو جيڪي جيئرا بہ هڪ سوچ آهن ۽ هٿن ۾ نٿا ماپجن!“

”اهو هلندي رهڻ جو حشر آهي جيڪو تنهنجي پيرن جي بي چيني کي لکيل آهي. . .“

ڪنهن هوريان منهنجي پرسان چئي ڏنو ”يا خدا ! تون دل جي گونگي حسرت جو آواز بہ ٻڌي وئين ٿو؟“ منهنجي نڙيءَ ۾ ڪجهہ اٽڪي پيو هو. منهنجي حرارت ڀريئي آواز وري چئي ڏنو ”توکي خبر آهي، ماڻڪ . . . تون منهنجي تصور جي ڪيڏو ويجهو آهين . . . تنهنجي پيڙا منهنجي پيڙا جي ڪيڏو قريب. . . “

اونداهي جي لهرائيندڙ ٽڪرو منهنجي وڏيڪ ويجهو سرڪي آيو. لڳم جڻ ساهہ ڪٽندو هجي.

”ها ! پر منهنجا بدنصيب دوست ! منهنجي پيرن کي انهي زمين جو سراپ لڳي ويو هو جا انهن جي هيٺان هئي. . . تنهنجي پيرن کي انهن رستن تي هلندي رهڻ جو جيڪي ڪڏهن انهن جا پنهنجا نہ رهيا. . . “

وقت جي گهاٽي ڪوهيڙي مان ايرندڙ آواز جو ڇنو ۽ سرد سچ مونکي اندر تائين ڏڪائي ٿو ڇڏي.

اوندaها پاڇولا. . . اونداهين ۾ گم آهن. . . مان پنهنجي پگهريل نرڙ تي هٿ ڦيريان ٿو—

ماڻڪ ! ماڻڪ!

ماڻ منهنجي آواز سان ٽٽي پيئي آهي.

**(هي مضمون ”مُئل ماڻهو جيئري پيڙا“ تان کنيل آهن. جنهن کي ماڻڪ جي وفات کان پوءِ امداد حسينيءَ ۽ سحر امداد سهيڙيو هو.)**

# بي معنيٰ زندگيءَ ماڻڪ

## شوڪت حسين شورو

ماڻڪ سنڌي زبان جو هڪ نهايت ئي ذهين، سجاڳ، حساس ۽ گهڻ – اپياسي ليکڪ هو. هن جي ذهانت ۽ اپياس هن جي لاءِ شاهه جي لفظن ۾ ”اکر اڳيان اپري واڳون ٿي وريام“ ثابت ٿيا. ماڻڪ پنهنجي هڪ فلسفانه لکڻي ”پاتال ۾ بغاوت“ جي ڪردار سيفيس ڪان چورايو آهي: ”ها، جڏهن سوچ نه هئي، انيو نه هو. تڏهن پيڙا به نه هئي. منهنجي درگهتنا تڏهن ڪان شروع ٿي جڏهن مونکي منهنجي سرت ٿي ۽ مون پنهنجو پاڻ ڪي انيو ڪيو. جڏهن منهنجي درگهتنا منهنجي آڏو پڌري ٿي ته ان مونکي ڇيچاڙي ڇڏيو. هن پاڻ – سجاڳيءَ منهنجي هستيءَ ۾ مانڌاڻ مچائي ڏنو.“ اهائي ڳالهه ماڻڪ سان ٺهڪي اچي ٿي. جڏهن هن ڪي پنهنجي سرت ٿي ۽ هن پاڻ ڪي جن حالتن ۾ ڏٺو تن هن جي وجود ڪي ڏوڏي ڇڏيو. ڪامئو چيو آهي، ته Beginning to think is beginning to undermine سوچ ماڻڪ جي ذهن ۾ ڪاٺ هڻي هن ڪان زندگيءَ جون بي پرواهيون، نظرياتي وابستگيون ۽ آئيندي جو آئيڊيل اميدون لُٽي ورتيون.

ماڻڪ شخصي طور ڪڏهوڪو مري چڪو هو. هن زندگيءَ جو بار هڪ فرض، هڪ نيم، هڪ عادت سمجهي ڍويو پئي، پر هن ان بي معنيٰ زندگي ڪي معنيٰ ڏني هئي لکڻ سان. ماڻڪ ليکڪ جي حيثيت سان ڪڏهن به ڪونه مئو هو ۽ هو اڄ به جيئرو آهي. اسان جا ڪيترا ليکڪ اهڙا آهن جيڪي طبعي طور جيئرا آهن، وڏي ڄمار ماڻي اٿن، پر هو ادب ۾ گهڻو اڳ مري چڪا آهن. ماڻڪ انهن ليکڪن مان ڪونه هو. هو آخري دم تائين جيئرو جاڳندو ليکڪ هو.

ماڻڪ ۾ ڀرپور تخليقي قوتون هيون، جيڪي ناسازگار حالتن ۽ دٻيل گهٽيل ماحول ۾ به ڪمزور نه ٿي سگهيون. هڪ انسان جي حيثيت سان ماڻڪ ڪمزور ۽ ڏٻل هو. هڪ مستقل ڊپ هو: عدم تحفظ جو، بي سلامتيءَ جو، اڪيلائيءَ جو- ۽ اهو ڊپ هن جي نسن ۾ رت سان گڏ ڊوڙندو ٿي رهيو. پر هڪ ليکڪ جي حيثيت سان هو بيحد سگهارو هو. هن پنهنجين ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ دٻيل ۽ گهٽ ٻوساٽ واري ماحول ۾ Insecurity سبب پيدا ٿيل ڊپ جو ڀرپور انداز ۾ اظهار ڪيو آهي – بنا ڪنهن ڊپ جي. ماڻڪ ڊپ واري ماحول ۾ جيئندو رهيو ۽ آخري وقت تائين لکندو رهيو.

مون ماڻڪ ڪي زندگيءَ ۾ آهستي آهستي Outsider بڻجندي ڏٺو. هو ڪنهن وقت سياست ۾ تمام سرگرميءَ سان حصو وٺندو هو. ڪاليج ۾ شاگرد ليڊر ٿي رهيو هو. هن جي تقريرن ۽ نعري بازيءَ ۾ جذبات جي شدت هوندي هئي. شروع شروع ۾ پڪو قوم پرست هو. پر سڪٽي قوم پرستي بنا ڪنهن اصول ۽ آئيڊيالاجيءَ جي سنڌس دانشورانه ذهن ڪي آٿڙي. هن مارڪسزم جو مطالعو ڪيو. هن شروعات ۾ جيڪي ڪهاڻيون ۽ ڊراما لکيا هئا تن ۾ گهڻو تڻو قوم پرستي جو موضوع هو. پر مارڪسٽ بڻجڻ ڪان پوءِ هن جي لکڻين ۾ طبقاتي ڇڪتاڻ وارو جزو شامل ٿي ويو. تڏهن هو دلير سنڌي هو.

منهنجي ويجهي دوست هئڻ جي باوجود مون کي هن جون لکڻيون نه وڻنديون هيون. مون کي هن جي لکڻين ۾ پرچار وڌيڪ لڳندو هو فن گهٽ. اسان جو پنهنجو هڪ ادبي حلقو هو ان وقت، جنهن ۾ امداد حسيني، علي بابا، عبدالحق عالماڻي، منير سنڌي ۽ آئون هئاسين ۽ عبدالقادر جوڻيجو جڏهن به ڳوٺان ايندو هو. بعد ۾ مشتاق شورو ۽ مدد علي سنڌي به اچي شامل ٿيا. اسان جو ٽولو Angry young man ليکيو ويندو هو.

اسين روزانو شام جو پهرين مسلم هوٽل جي ڇت تي پوءِ جارج هوٽل ۾ گڏبا هئاسين. سياست، ادب ۽ وڏن اديبن جون ڳالهيون روز جا موضوع هئا. چڱي ڳالهه اها ٿي ته اسان کي دنيا جي ماڊرن لٽريچر پڙهڻ جو شوق جاڳيو. ڪافڪا، دوستو وسڪي، سارتر، ڪامو وغيره جون لکڻيون پڙهي هڪ ٻئي سان بحث ڪندا هئاسين. اڀياس جي لحاظ کان منير اسان سڀني کان اڳرو هو. اسين گهڻو ڪري فڪشن پڙهندا هئاسين، پر منير فڪشن سان گڏ تنقيد ۽ فلاسافيءَ جو اڀياس ڪيو.

انهن ئي ڏينهن ۾ منير، ماڻڪ بڻيو. 1970ع واري جنگ کان پوءِ پيدا ٿيل حالتن ۾ هڪڙي ڪهاڻي ”بگهڙن جي راڄ ۾“ لکي، ماڻڪ جي نالي سان. پوءِ جڏهن هن ناولٽ ”لڙهندڙ نسل“ لکيو ته ڄڻ سنڌي ادب ۾ هڪ ڌماڪو ٿيو. ماڻڪ بنا ڪنهن رک رکاءُ ۽ لڪائڻ جي پوري سچائيءَ سان هڪ فرسٽريٽيڊ نوجوان جو ڪردار چٽيو هو جيڪو سنڌ جي نئين، لڙهندڙ نسل جو نمائندو هو. ان ناولٽ تي سخت اعتراض ٿيا، پر ماڻڪ جي تخليقي قوتن جي اڳيان اهي اعتراض ۽ گاريون بند نه ٻڌي سگهيا. ماڻڪ انساني من اندر پيريل گند ۽ غلاظت کي کليل لفظن ۾ بيان ڪيو هو. مون ڪيترن بزرگ ۽ وڏن اديبن جي واتان ماڻڪ کي ڪچيون گاريون ملنديون ٻڌيون . ماڻڪ جي بي رحم سچائي انهن کي ڏکي لڳي هئي.

ماڻڪ ڪراچيءَ ۾ جيڪي ست اٺ سال رهيو تنهن دوران اتي جي مشيني ۽ بي رحم زندگي ڄڻ هن جي شخصيت کي ڳڙڪائي وئي. هڪ نظرياتي ملڪ جي سفارتخاني ۾ نوڪريءَ جي دوران هن کي جيڪي تلخ تجربا ٿيا، تن رهي کهي ڪثر ڪڍي ڇڏي.

ماڻڪ جي لکڻ جي اسٽائيل ۽ موضوع ته بدلجي ويا هئا، پر هن جي طبيعت ۾ به هڪ عجيب تبديلي اچي ويئي. هو هاڻي اڳيون جذباتي ۽ جوشيلي مزاج وارو منير نه هو. هن جو مزاج ٿڌو ۽ Indifferent بڻجي ويو هو. هو ڪنهن ڪنهن وقت مونکي بنهه Outsider لڳندو هو. بحث کان لنوائڻ، چپ چاپ رهڻ ۽ دوستن جي ڪچهريءَ ۾ ويٺي به ڄڻ اڪيلو ۽ سڀني کان الڳ هوندو هو. هن جي اکين ۾ معصوميت هئي نندڙن ٻارڙن جهڙي ۽ انهن ۾ سدائين هڪ اڄاتو خوف پيو چلڪندو هو. پر اهو سڀ ماڻڪ کي هڪ ليکڪ جي حيثيت سان مات نه ڪري سگهيو. ماڻڪ جي سجاڳ ۽ سجاڻ ذهن حالتن سان سمجهوتو نه ڪيو. ”پاتال ۾ بغاوت“ جهڙي لکڻي ان ڳالهه جو ثبوت آهي.

ماڻڪ سنڌي ادب جو سيفيس آهي. لکڻ هن جي لاءِ هڪ نامعلوم ڊپ کان بچاءَ جو وسيلو هو. ماڻڪ ان ڊپ کان جند ڇڏائڻ جي لاءِ پاڻ کي لکڻ ۾ مشغول رکيو ۽ اها مشغولي هن جي لاءِ سسيفين- ٽاسڪ هئي. هن پڇيو ته نيٺ زندگيءَ جي جبل تي چڙهڻ – لهڻ منجهه رڌل هجڻ منجهان ڇا پر ايت؟ جڏهن ته موت اٽل آهي. ماڻڪ سسيفيس جي واتان امر کي للڪاري ٿو. ماڻڪ ۾ هڪ هيٺي انڪاري

ليڪڪ جي هوڏي سرڪش هئي. هڪ نستي ڏاهي جو مٿس مڙهيل امر کي مڃڻ کان نابري وارڻ. ماڻڪ سسيفيس وانگر هر موجود اختيار ۽ جميل، مٿان سوار ٿيل Establishmentسجي خلاف هو.

ماڻڪ رڳو ڪهاڻي ۽ ناول جي فارم، ٻولي ۽ اسلوب ۾ تبديلي ۽ نواڻ ڪانہ آندي، پر هن جا موضوع بہ نهايت ڇرڪائيندڙ آهن. هن جي پوئين دور جي لکڻين ۾ هڪ سجاڳ ذهني پيڙا نمايان آهن، جيڪا اڄ جي موتمار ۽ مايوس حالتن جي پيداوار آهي. ماڻڪ انهن حالتن کي قبول نٿو ڪري ۽ ذهني سطح تي انهن کان بغاوت ڪري ٿو. شايد ان ڪري هن پاڻ کي منافقيءَ ۽ نڀگين سان ڀريل سماج ۾ Misfit، اڪيلو ۽ هيٺو ڀانيو. نوڪري وڃڻ کان پوءِ نہ هن جي ڏنڌي سان دل لڳي ۽ نہ وڪالت سان. اهو سڀ هڪ هيٺي، حساس ۽ سچي فنڪار جي سهپ کان ٻاهر هو. هن سمجهوتي ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ماڻڪ هارايل هو پوءِ بہ سوڀارو — هيٺو هو پوءِ بہ اڏول. جڪڙيل هو پوءِ بہ سرڪش. نِنديل هو پوءِ بہ هٺيلو.

**(هي مضمون ”مُئل ماڻهو جيئري پيڙا“ تان ڪنيل آهن. جنهن کي ماڻڪ جي وفات کان پوءِ امداد حسينيءَ ۽ سحر امداد سهيڙيو هو.)**

# ماٺڪ اُسرندڙ سوچ جي نمائندگي ڪندڙ ليکڪ

## ممتاز مهر

ماٺڪ جو دکدائڪ موت اسان کي ڪاميو جي دکدائڪ ۽ ڪُمهلي موت جي ياد ڏياري ٿو. جهڙي طرح البيئر ڪاميو پنهنجي طور فرانس جي جديد تاريخ ۾ هن صديءَ جي نمائندگي ڪئي – فرانسيسي ڪلچر جي مکيہ قوت طور اُڀريو- تهڙي طرح ماٺڪ هن دکي ماتريءَ (سنڌ) جي نئين ڪلچر، نئين ٺهندڙ تاريخ/ نئين اُسرندڙ سوچ جي نمائندگي ڪئي. هن جديد سنڌي تخليقي ادب جي بنيادن کي نہ صرف مضبوط ڪيو بلڪ ان جو رخ بہ متعين ڪيو.

ڪاميو پنهنجي حياتيءَ ۾ تخليقي ميدان ۾ تمام تيزيءَ سان اُڀري عالمي شهريت اختيار ڪئي ۽ ويهين صديءَ جي جديد فرانسيسي ادب جي رخ بدلائڻ ۾ نمايان ڪم ڪيو. گهڻو ڪجهہ ڪرڻو هئس، پر ڪمهلي موت کيس وڌيڪ ڪجهہ ڪرڻ کان هميشہ لاءِ روڪي ڇڏيو. انهيءَ ساڳئي ڪمهلي موت ماٺڪ کي بہ گهڻو ڪجهہ ڪرڻ کان هميشہ لاءِ روڪي ڇڏيو. موت برحق آهي، پر ڪمهلو موت تمام اٿسهائيندڙ ڇاڪاڻ جيڪو زندگيءَ مان رهيل کهيل ويساهہ ئي ختم ڪري ڇڏيندو آهي. بقول سارتر: ان موت جو واهيات پڌو هيءَ آهي، تہ غير انسانيت جي ڍانچي / عمارت کي ڍاهي پٽ تي ڪري ڇڏي.

ماٺڪ جي ان دکدائڪ ۽ ڪمهلي موت جا ذميدار ڪير آهن؟ ڇا اسان انهن ڪارڻ ۽ ٻي ڇهري قوتن کي سڃاڻون نہ ٿا؟ محسوس نٿا ڪريون؟ اسين انهن جي ڇهري ”آدم بوءِ آدم بوءِ“ ڪندڙ قوتن کي چڱي ريت سڃاڻون ٿا. . . محسوس ڪريون ٿا، ڇاڪاڻ تہ اهي اسان جي اعصابن تي سوار آهن: ڪڏهن بک ۽ بي روزگاريءَ جي روپ ۾، تہ ڪڏهن پيدا ٿيل / پيدا ڪيل بي يقيني ۽ هراس جي روپ ۾. هيءُ ٻوسٽ وارو ماحول پيدا ڪندڙ هي فحش طبقاتي سماج آهي، جنهن ۾ اسان / توهان زندگيءَ جي ائبسرڊٽيءَ جي تلخ ذائقي کي چکندا رهون ٿا. بي انصافيءَ خلاف ڪروڌ / ڪاوڙ / احتجاج کي جڏهن اظهار ملندو آهي، يا جڏهن آس نراس ۾ متجي ويندي آهي، تڏهن پنهنجي دل ڇٻاڙيندي محسوس ٿيندي آهي. ماٺڪ اهڙين ئي ڪيفيتن مان لنگهندو رهيو. هو پنهنجي امر لکڻين (اگهاڙو سچ) ۾ هيءُ ڇتاءُ بار بار ڏيندو رهيو تہ : جذبن کي مروٽيو پيو وڃي. . . ساهہ مُٺ ۾ آهي!. . . اڙي ڪجهہ ڪريو! ائين هو صدائون هڻندو موت جي ور چڙهي ويو. سسسيفس جو روح رڙيون ڪندو رهيو، پر ڪوبہ کيس پاتال کان ٻاهر آڻي نہ سگهيو.

ژان پال سارتر ڪاميو جي موت تي لکيل پنهنجي مضمون ۾ چوي ٿو :

“Every interrupted life – even that of so young a man is, at the same time a record that is broken and a complete life.”

ماڻڪ – اسان جو / توهان جو پيارو ماڻڪ، جنهن پنهنجي امر لکڻين ذريعي پنهنجي وقت /دؤر جي نازڪ ترين انساني جذبن ۽ احساسن کي سندر لفظن جو روپ ڏنو جنهن جي لکيل سٽ سٽ ۾ درد به هو ته ڏبيل احتجاج پڻ، جنهن هن زندگيءَ کي گهڻو ڪجهه ڏنو- گهڻيون ئي آسون پنهنجي من ۾ رکندو آيو ان ماڻهپي جي موت جي آسري ۾ ته من ڪو سڌائو واءُ لڳي! تنهن کي هن فحش طبقاتي سماج هميشه لاءِ ڳڙڪائي ورتو. هڪ نامڪمل (تخليقي) زندگي . . . مڪمل ٿيڻ جي تڙپ / آرزو رکندڙ زندگي . . . ڪجهه نامڪمل ئي رهجي ويئي. هاڻي اها نامڪمل زندگيءَ (تخليقي) زندگي مڪمل ان صورت ۾ نظر ئي اچي ته ڪمهلي موت ان جي مڪمل ٿيڻ جا امڪان ختم ڪري ڇڏيا آهن.

انهن مڙني ڳالهين جي باوجود حقيقت هيءَ آهي ته ماڻڪ پنهنجي ان مختصر تخليقي زندگيءَ جي دوران تخليقڪار جي حيثيت ۾ جيڪي ڪجهه ڏنو تنهن کي نه صرف سندس حياتيءَ ۾ ئي ميڃتا ملي، بلڪ کيس جديد سنڌي ادب جو سرواڻ ڪري تسليم ڪيو ويو هو. هن جون اسان وٽ ڇڏيل امر لکڻيون خاص ڪري ڪهاڻي کيتر ۾، ساهيته جا اُهي معيار آهن جن کي آڏو رکي اسان سچي ۽ ڪوڙي تخليق جي پرک ڪري سگهون ٿا. وقت جي گذرڻ سان ماڻڪ جي لکڻين ۾ موجود سچائين کي وڌيڪ شدت سان محسوس ڪيو ويندو- سندس لکڻين کي وڌيڪ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو، انهن لکڻين جي بهتر تڪ تور ڪئي ويندي.

تخليقي آزاديءَ جو پرچارڪ ليکڪ جيڪو رجعتي قوتن کي بيباڪيءَ سان بي نقاب ڪندو رهيو، جنهن ڪنهن به گهڙيءَ، ڪنهن به مرحلي تي اسٽيبلشمنٽ سان ٺاهه نه ڪيو بلڪ وک وک تي اسٽيبلشمنٽ کي للڪاريندو، پنهنجي ڏڪار کي ظاهر ڪندو رهيو – اُهو باغي جذبن وارو ليکڪ . . . . اعليٰ انساني قدرن جي پاسداري ڪندڙ ليکڪ اسان سيني کي دائمي غم جو داغ ڏيئي هميشه لاءِ وڇوڙو ڪري ويو. منير / ماڻڪ جهڙو باضمير – بااصول ليکڪ جڏهن اسان سان گڏ هو، تڏهن هن جو وجود اسان لاءِ هڪ طرح جو ڏيڍ هو؛ سندس تحريرون پڙهي خاطري ٿي ويندي هئي، ته روشن ضمير نه صرف موجوده دؤر / وقت جي نبض پڪڙي ان کي لفظن ۽ جملن جي صورت ڏيئي رهيو آهي، بلڪ تخليق جي فن جا اُهي معيار به قائم ڪري رهيو آهي . . . جيڪي بين نون لکندڙن جي رهبري ڪري سگهن ٿا. ماڻڪ جون لکڻيون اعليٰ تخليق جون ڪسوٽيون ٿي رهنديون.

ماڻڪ جي ڪمهلي موت سان اعليٰ تخليق جو اُهو سلسلو پورو ٿيو جيڪو جيڪر جاري رهي ها، ته اجا به ذات ۽ ڏانءُ جا اعليٰ نمونا پيدا ٿيندا رهن ها. اسر ندڙ سنڌي ادب جي بدقسمتي چئجي، جو اها هڪ اهڙي مهان ڪهاڻيڪار / ناول نگار / نقاد کان محروم ٿي ويئي، جنهن جديد سنڌي ادب (خصوصن ڪهاڻي صنف) کي نئون روپ ڏنو. ماڻڪ سنڌي ڪهاڻي ڪلا کي جنهن منزل تي پهچايو آهي، اها منزل رهنمائي ڪندڙ روشنيءَ جيان هميشه چمڪندي جرڪندي رهندي . . . نون لکندڙن کي اُتساهه ڏياريندي رهندي. ماڻڪ جي ادبي ڪاوش کي انهي تناظر Perspective ۾ پرکڻ ۽ پروڙڻ

جي ضرورت آهي. ماڻڪ سان پورو انصاف تڏهن ٿيندو جڏهن ذهني ڪشادگيءَ، وسيع مطالعي ۽ محنت سان سندس فن ۽ فڪر جو جائزو ورتو ويندو. بهرحال اهو ڪم ادبي ڄاڻن ڪان نہ ماڻڪ جي حياتيءَ ۾ ٿيو نہ هاڻي ٿيڻو آهي.

**(هي مضمون ”مُئل ماڻهو جيئري پيڙا“ تان ڪنيل آهن. جنهن ڪي ماڻڪ جي وفات ڪان پوءِ امداد حسينيءَ ۽ سحر امداد سهيڙيو هو.)**

# ماڻڪ هر دور جو ليکڪ

## عزيز مهراڻوي

ڊي – ايچ لارنس جي چواڻي "اسان نون تجربن کان ڏاڍو ڊڄندا آهيون." پنهنجي جاءِ تي اها ڳالهه آهي بہ صحيح. حقيقت ۾ اسان نين ڳالهين ۽ نواڻ کان ائين ڊڄندا آهيون ڄڻ تہ اهي نيون شيون ڪي جن ڀوت هجن ۽ متان اسان جي ڪڍ پئجي وڃن ۽ اسان جي ٺهيل ٺڪيل شخصيت کي هٽي ڀور ڀور ڪري وجهن. پر اسان جو دوست ماڻڪ هڪ مختلف شخص هو هن سدائين نوان تجربا ڪيا ۽ انهن کان ڪڏهن ڊنو ڪونہ. دراصل اسان انهن تجربن کان ڊڄون انهي ڪري ٿا جو اسان جي سچي ذات عڪس هوندي آهي پنهنجي زندگيءَ جي مختلف تجربن جي. جڏهن اسان ڪنهن جو ناول پڙهون ٿا يا ڪٿون ٿا تہ ان هستيءَ جو روپ پنهنجي مڙني خامين ۽ خوبين سان اسان جي ذهن تي اڀريو اچي. ان جا ورتاءَ، ان جو اٿڻ ويهڻ، لکڻ پڙهڻ، ياري دوستي، سيئي ڳالهيون مڙيو اچيو ان شخص جي تڪميل ڪن. ائين ان جا سيئي نوان پراڻا تجربا ذهن کي لوڏيو وجهن. اسان جو ماڻڪ سيني پراڻن، نون تجربن جو مالڪ هو. هينئر جڏهن اسين ماڻڪ جي ياد ۾ اچي هتي گڏ ٿيا آهيون، تہ مون کي لڳي پيو ماڻڪ اڃهو اچي سامهون بيٺو آهي ۽ چوي پيو: "يار! عزيز اڃا پندرنهن ڏينهن بہ ڪونہ ڪٽا آهن تہ پاڻ هتي ئي حيدرآباد ۾ گڏيا هئاسين. جبيس ۾ ويهي دل کولي ڪچهري ڪئي هئيسين ۽ ٺهڪ ڏنا هئاسين. اڄ آئون هتي ڪونہ آهيان اوهين ڳالهايو ٿا. ڇا ڳالهائيندا مون تي، ڇا ڳالهائيندا منهنجي شخصيت تي، منهنجي فن تي، منهنجي بيروزگاري ۽ منهنجي پوڙهيل پيڙائن ۽ منهنجي دوستن تي؟! جيستائين مير ٿيٻي ۽ شاهد جي حوالي سان مون تي نہ ڳالهائيندا، جيستائين شوڪت شوري، مدد علي سنڌي ۽ امداد جي ياريءَ جي ناتي سان نہ ڳالهائيندا ۽ جيستائين ڄام ۽ مهر جي ساٿ جي ناتي مون تي نہ ڳالهائيندا تہ پوءِ اوهان جو ڳالهائڻ نہ ڳالهائڻ جي برابر آهي."

مون کي ياد آهي ڪراچيءَ جي ڪيٽرن ريسٽورنٽس ۾ مون، ماڻڪ ۽ شاهد ڪلاڪن جا ڪلاڪ بحث ڪيا هوندا. ان وقت ماڻڪ نظرياتي مضمون لکندو هو جنهن اداري ۾ ڪم ڪندو هو ان اداري جي پاليسن کي اجاگر ڪندو هو پر اهو سڀ ڪجهہ نوڪريءَ جي حد تائين. آفيس کان ٻاهر اچي منجهيل ماڻهن جون منجهيل ڪهاڻيون لکندو هو. آئون چوندو هوس ! "يار منير تو ۾ ڪٿي ڊاڪٽر هائڊ ۽ جيڪال جو روح تہ نہ سرايت ڪري ويو آهي؟" پر نہ اهو سڀ ڪجهہ اڄ نوجوان جو الميو آهي. منير جي شروعات هڪ نظرياتي ليکڪ سان ٿي، هن ۽ اسان گڏجي ڪم ڪيو. پر پوءِ هو سيني کان ڇڄي الڳ ٿي ويو. هن سماج جي مختلف ڪردارن کي پنهنجي ذات جي لاڳاپن سان ڏسڻ شروع

ڪيو ۽ مختلف ڪردارن جي معروضي ڪردار نگاري ڪندي ڪندي، جڏهن سبجيڪٽو ڪردار نگاري ڪرڻ لڳو ته ڪيترن دوستن ساڻس ناراضگي ڏيکاري.
ماڻڪ هر دور جو ليکڪ هو ۽ هر دور جو ليکڪ آهي. هو سمجهندو هو ته اسان جي Subject Feeling متاثر ٿئي ٿي، اسان جي وايومنڊل Social Circumstances ڪان. اسين ۽ اسان جو ذهن بذات ته ڪجهه ڪونهي. (جيتوڻيڪ سڀ ڪجهه آهي) جيڪي ڪجهه آهي، نتيجو آهي، ڦل آهي اسان جي ماحول جو.

”لڙهندڙ نسل“ جا ڪردار اڄ هتي اسان جي سامهون ويٺا آهن ۽ سماج جي سيني طبقن ۾ موجود آهن. جي اهي سڀ ڳالهيون صحيح آهن، ته پوءِ ڏوهه ڪنهن ڪي ڏجي؟ نئين نسل جي لڙهندڙ Moral ڪي يا ليکڪ کي! اهي سڀئي ڳالهيون جيئن مون مٿي چيو آهي ماڻهن کي چڙڪايو وجهن، پر نه ماڻڪ چڙڪندڙ ماڻهن مان ڪونه هو هن نواڻ کي ۽ نون تجربن کي قبول ڪيو.
جتي ماڻڪ اقتصادي، سياسي، سماجي ۽ ديسي غلامي جي بدترين انساني پستيءَ جا بخيا اڌيڙيا، اتي لڙهندڙ نسل جي حالت ڏسي ان ماحول کان وڻجي، پنهنجي وجود ۾ پنهنجيون ۽ پرايون ويرانيون سموئي هڪ وڏي بحران جو شڪار ٿي ويو. انهيءَ بحران جي ڪري هن کي هڪ نئين تجربي مان گذرڻو پيو. هي تجربو اجنبيت Alienation جو تجربو هو. اها اجنبيت نتيجو هئي خارج جي Observation کان پوءِ داخلي حقيقتن ۾ ذات جي گهري ۽ گهاتي Evolvement جو. هونئن داخلي ۽ خارجي حقيقتن جو جتي پاڻ ۾ تضاد Contradiction ٿئي ٿو اهو تضاد سماجي ناتي سان ذاتي شعور جي وهڪري کي اجا تيز ڪيو ڇڏي ۽ اديب کي ڪرڪيگارد، ڪافڪا، دوسو وسڪي، چيخوف، سارتري ۽ سلويا پاٿ جي سطح تي آڻيو بيهاري. جڏهن شخص خارجي دنيا جي جبر، ڏاڍ ۽ اڏول بيرحميءَ اڳيان پاڻ کي بي وس ٿو محسوس ڪري ته پوءِ هو پنهنجي سڃاڻ Identity وڃايو ويهي ۽ پنهنجي سڃاڻپ وڃائي ويهڻ واري ڪيفيت ڪيس Alienation جي اوڙاهه ۾ ڌڪيو ڇڏي. پوءِ اهو اوڙاهه ڪڏهن ماياڪو وسڪي، ڪڏهن هيمنگوي ڪڏهن سلويا پاٿ ڪڏهن ايناسيڪنسن ڪڏهن بيريتين ۽ ڪڏهن مانيٽي جهڙا پيارا انسان اسان کان کسيو وٺي، ته وري ڪڏهن جواني ۾ ئي شيلي، عالماڻي، حفيظ، ثميره، ماڻڪ ۽ بين کي اسان کان ڇنيو ڇڏي.

هونئن به Alienation، فراريت، Escapism، ناڪاريت Nihilism ۽ مزاحمت Resistance جي صورت ۾ ئي جُلهه ڪندي آهي ۽ ائين اسان جو دوست پهريائين فراريت، پوءِ ناڪاريت جو شڪار ٿي مزاحمت ڪندي ڪندي ٿڪجي اسان کان الڳ ٿي ويو ۽ ويندي ويندي چوندو ويو:

وڃڻ ڏي
محبوب مونکي وڃڻ ڏي
ويندس هليو ويندس

وينديس اڏري وينديس
ٻڇي ڪونج، ڪري ڪرڙاٽ اڏري وينديس
وري نہ ورنديس
وري نہ موٽي تنهنجي ديس ايينديس
ويران وسندين ۽ اڇي نہ آباد ٿيينديس
ايڏو ڪر ايثار
وڃڻ ڏي، محبوب مونکي وڃڻ ڏي...

**(هي مضمون ”مُئل ماڻهو جيئري پيڙا“ تان کنيل آهن، جنهن کي ماڻڪ جي وفات کان پوءِ امداد حسينيءَ ۽ سحر امداد سهيڙيو هو.)**

# ماڻڪ انساني آدرشن جو ليکڪ

## غفور ميمڻ

سنڌي ادب ۾ جديديت واري لاڙي جو اهم ليکڪ جنهن هن لاڙي کي مثبت رخ سان پيش ڪيو سو ماڻڪ هو. ان کان سواءِ اڪثر اهو ٻڌو ويندو آهي ته ادب سماج جو آئينو آهي. پر ماڻڪ ادب ۾ صرف عڪس نه ڏيکاريا پر زندگيءَ جي معروضي حيثيت ۽ داخلي ڪائنات جو آئينو پڻ ڏيکاريو. ماڻڪ جي ادبي ڪاوش جا ٻه رخ آهن هڪ ته ادب ۾ مزاحمتي فڪر کي اُڀاري ٿو جيڪو وجوديت جي اهم نڪتن مان هڪ آهي ٻيو ته هن ادب ۾ مسئلن کي انساني حيثيت سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انساني حيثيت جو اهو رخ قدرن ۽ نظرين کان بالاتر آهي، جو ته ماڻڪ جو اهو چوڻ هو ته ”انساني زندگي کي ڪنهن نپي هيٺ نظرياتي يا عقيدن، اصولن پٽاندڙ قيد ڪرڻ خلاف لڳاتار سرگرمي جسماني توڙي ذهني جاکوڙ منهنجي پسند جو ايمجري اسڪيچ آهي.“

ماڻڪ انهي دؤر جي پيدائش آهي جڏهن سنڌي ادب ۾ نئين هل چل متل هئي، ادب ۾ جوش، جذبو، نعريبازي، قومي مزاحمت شامل هئي پر ماڻڪ بلڪل هڪ نئين انداز ۽ اسلوب سان نروار ٿيو هو. هو نه اجايو اميد پرست optimist ٿيو نه وري هن جوش جذبي کان ڪم ورتو نه وري ڏکن کي رومانوي انداز سان پيش ڪيو اٿس.

هو ڪٿي به رومانٽڪ انقلابي ڪردار تخليق نٿو ڪري نه وري منافقي يا ٻهروپي سان ادب کي اخلاقي قدرن جي بخمل ۾ ويڙهي پيش ٿو ڪري. پر هن زندگي جيئن آهي، سماج ۾ ماڻهو جيئن محسوس ڪري ٿو جهڙن ڏکن ۽ اذيتن سان هن جو واسطو پوي ٿو انهن کي جيئن جو تيئن پيش ڪيو. خاص طور سان وچئين طبقي جو مشاهدو وٽس تيز آهي. هو هڪ دؤر جي پيداور هو پر زندگي جي باري ۾ سندس اٿاريل سوال ان سان لاڳاپيل اخلاقي قدرن وارا مونجهارا ۽ ڪردارن جي مزاحمت هميشه پُرڪشش رهندي.

سندس پهرين مجموعي ”حويلي جا راز“ (منير احمد جي نالي سان) ۾ حويلي جا راز هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جيڪا جاگيرداري سماج جي فرسوده رسمن تي هڪ ڪاري ضرب آهي. جنهن لاءِ ممتاز مهر چيو هو ته: ”حويلي جا راز هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي جيڪا هاڻي ڇا پر هر دؤر ۾ ڪشش رکندي رهندي.“

هن ڪهاڻي ۾ خاص ڳالهه اها آهي ته هو حويلي ۾ موجود ڪلچر ۽ رسمن رواجن جي ڳالهه ڪري ٿو جنهن ۾ نياڻي کي قرآن سان شادي ڪرائي وڃي ٿي. پر هو ڪردارن کي سخت مزاحمتي ڏيکاري ٿو حويلي جي ڪوٺ ۾ موجود ڇوڪريون ڪئين مورج قدرن کان باغي ٿي وڃن ٿيون جو هو سماج جي ڪنهن به اخلاق کي پنهنجي جبلي ضرورتن آڏو تڇ سمجهن ٿيون، اهڙي ئي جبلي ضرورت جي ڪهاڻي ”ٻاهر ٻاڦ نه نڪري“ آهي، هڪ عورت جواني ۾ بيواه ٿي وڃڻ کان پوءِ مسلسل جنسي

خيالن ۾ گم رهي ٿي، نماز پڙهندي گهر جو ڪم ڪار ڪندي سندس ڏيان سندس اندر ۾ اٿندڙ جوش ڏانهن وڃي ٿو. ساڳئي وقت ان عورت جي نفسيات کي ڪهاڻي ۾ چڱي طرح بيان ڪيو ويو آهي، جديديت جي لاڙي ۾ هي ڪهاڻي هڪ اهم جاءِ والاري ٿي جو صرف فرد جي پيچ ڏاهه ۾ اندر جي بي چيني جو اظهار نه اٿس پر فرد جو عام روايتن کان باغي پڻ ٿيڻ آهي. جو ڪردار وجود کي معنيٰ ڏيڻ ۾ روايتن کي ٽوڙين ٿا. موضوئي حوالي سان هي ڪهاڻي نئين آهي. ماڻڪ جي اها خوبي بي مثال آهي ته هو ماڻهن جي نفسيات کي ايتري ويجهڙائي کان ڄاڻي ٿو جڻ ته انهي ڪردار جو ڏک پاڻ پوڳيو اٿس. اهڙي قسم جي ڪهاڻي "حقيقت ۽ دوکو" آهي هن ڪهاڻي ۾ هڪ ڊاڪٽر پنهنجي فيصلي کي انساني ۽ سائنسي قدرن مطابق ثابت ڪري ٿو ته هن صحيح ڪيو هو جاگيرداري نظام جي شڪار هڪ ناري سان جنسي رابطو ڪري ٿو. جيڪا سندس مريض آهي ۽ هيسٽريا جي شڪار آهي، ڊاڪٽر سندس ضرورت کي محسوس ڪري ٿو ۽ پنهنجي فعل لاءِ پاڻ کي ڏوهي نٿو سمجهي، هڪ جڳهه تي ڪردار چوي ٿو :

"هن مخصوص حالتن ۾. . . ها سائين هن مخصوص حالتن ۾، منهنجو اهو فعل قانوني ڏوهه نه آهي، نه بداخلاق، نه ويساه گهاتي، هڪ انساني زندگي جي اهميت کي آڏو رکي مون هڪ فرض سمجهي ئي هن جي هڪ اهم فطري ضرورت کي سمجهي ئي . . . "

ماڻڪ جي هر ڪهاڻي ۾ انساني وجودي ضرورت اهم آهي پوءِ اها جنسي هجي، بک يا بدحالي جي ڳالهه هجي پر ماڻڪ انسان کي آزاد ڏسڻ چاهي ٿو. اها آزادي جيڪا وجوديت جي اهم نڪتي منجهان آهي ته انسان آزاد آهي، هن جي مٿان ڪو به اصول نظريو نٿو مڙهي سگهجي، انهي صورت ۾ سماج يا ٻئي ماڻهو جو وجود آزادي جي راهه ۾ رڪاوٽ آهي، پر هتي سماج جون رسمون جاگيرداري جا قدر ئي ماڻهو جي جيئڻ ۾ رڪاوٽ آهن. ماڻڪ پابندي واري هر عمل کي رجعت پسند چوي ٿو. پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چوي ٿو:

"جيڪي انساني زندگيءَ کي انساني ناتن کي، وهنوار کي، انساني آزادي کي ۽ ان جي مثبت چرپر کي، سوچ کي، ڪن به اصولن. نظرين عقيدن پٺاندڙ پابند ۽ قيد ڪرڻ چاهين ٿا. سي منهنجي آڏو رجعتي آهن."

هن ڳالهه مان ظاهر ٿئي ٿو ته ماڻڪ تي وجوديت جو گهرو اثر هو ڇو ته وجوديت ۾ ڪو به نظريو عقيدو. اصول انساني زندگيءَ جو متحمل ٿي نٿو سگهي، انسان پنهنجي چونڊ ۽ اختيار ۾ آزاد آهي. وجوديت مطابق انسان پنهنجي آزاديءَ جو بوجهه نٿو سهي سگهي، هو خود فريبي جو شڪار ٿي، مسلسل سهارن جي تلاش ڪري ٿو پر ڪو به سندس سهارو ناهي، تنهن ڪري مسلسل اذيت. ڏک ۽ ڪرب سان وابسته آهي. پر ماڻڪ هتي فريب جو شڪار نٿو ٿئي. هو انسان جي بنيادي ضرورتن کي حاصل ڪرڻ جي آزادي چاهي ٿو. جنهن تي ڪي پابنديون نه هجن. ساڳئي وقت انسان مٿان مڙهيل پابندين خلاف مزاحمت ئي انسان کي معنيٰ ڏئي ٿي، ماڻڪ به اهڙي چونڊ خود پنهنجي وجود لاءِ ڪئي آهي هن چيو هو ته:

"به واٽي تي بيٺل

يا باغي ٿي ايران
يا تہ جڏهن صبح جو سج اڀري ٿو منهنجو مٿل اڻ ساهو
وجود ڪٽ تي پيل هجي / ڪنهن ايڪسيڊنٽ ۾ ختم ٿي وڃان”

ماڻڪ پنهنجين ڪهاڻين ۾ ڪردارن کان بغاوت ڪرائي پر پاڻ باغي نہ ٿي سگهيو ۽ موت قبوليائين.

ماڻڪ جون ٻيون ڪهاڻيون جهڙوڪ، هڪ ڪهاڻي سواءِ سري جي، پلاند، ڪاري، ڇهہ آنا ڪهاڻيون، انهي سلسلي جون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ ڪردار مڪمل طور باغي آهي. هو سماجي قدرن، ريتن رسمن، ۽ وجود تي مڙهيل سيني پابندين کان باغي ٿي مزاحمت ڪن ٿا. ماڻڪ جو انهن ڪهاڻين ۾ فڪري پهلو ڏاڍو سگهارو آهي هڪ تہ هو انسانيت پسندي کي اوليت ڏئي ٿو ٻيو سائنسي انداز سان مسئلن جو حل چاهي ٿو. وجوديت جو اهو پاسو ڏاڍو مثبت آهي.

ماڻڪ جو ٻيو رخ اسان جي سامهون سندس ناوليٽ ”رڃ ۽ پڙاڏا“ ، ”لڙهندڙ نسل“ ۽ ناول ”ساهہ مُٺ ۾“ اچي ٿو. هن تخليق ۾ ماڻڪ وجوديت جون سموريون داخلي وارداتون ڪٽي اسان جي سامهون اچي ٿو خاص طور سان جيئن اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي تہ سنڌي نوجوان جاگيرداريءَ مان نڪري شهر ۾ اچي ٿو سوين سپنا ڪٽي هو جيئي ٿو پر شهر جو اجنبي ماحول، ملڪ جو سياسي وايو منڊل سنڌس حق ۾ نہ هئڻ ڪري هو سخت مايوسي ۽ ويڳاڻپ جو شڪار ٿئي ٿو ”رڃ ۽ پڙاڏا“ اهڙوئي ناوليٽ آهي جنهن ۾ ماڻڪ سماج جي کوکلن قدرن ويڳاڻن رشتن ناتن ۽ ڪمزور لاڳاپن کي ايترو تہ داخلي انداز سان پيش ڪيو آهي جو بار بار وٽس زندگيءَ جي بي معنيت ۽ بي مقصديت جو سوال ڪر موڙي اٿي ٿو ۽ بار بار اهو ورجائي ٿو تہ :

”زندگي جو هي سفر بہ ڪيڏو پوائتو آهي.“
”زندگي جو سفر اڪيلو اڪيلو ڪيڏو اٽانگو خاموش.“
”زندگي جو احساس، ڪيڏو نہ پيڙا ڀريو اذيت ناڪ آهي.“

هن ناول جو اسلوب شعوري وهڪري وارو آهي جنهن ۾ ڪهاڻي خود ڪلاميMonologueواري انداز ۾ بيان ڪيل آهي، هن ناوليٽ جو اهم ڪردار هڪ عام رواجي زندگي گذاريندڙ ماڻهو آهي، هو ڀڳل ٽٽل وجود کي ڪٽي پٽڪي رهيو آهي، داخلي پيڙا ۽ ڏک ۾ ايترو تہ ورتل آهي جو سندس رويو سماج ڏانهن، مسئلن ڏانهن بي حسي جو شڪار آهي، پنهنجو پاڻ کي سماج کان ڪٽيل ۽ ڌاريو ويڳاڻو محسوس ڪري ٿو پنهنجي جوان ڀيڻ جي ڀڄي وڃڻ واري عمل تي ڪوبہ اخلاقي يا سماجي عمل نٿو ظاهر ڪري وجودي داخليت ۾ ايترو ورتل آهي جو ڪيس هر وقت پئي ڊپ خوف آهي موت سندس مٿان هر وقت پاڇي وانگر بيٺو آهي.

”اوچتو موت جو ڊپ سڄي وجود کي وڪوڙي ويندڙ جڏهن موت اٽل آهي تہ پوءِ ڊپ . . . “
”جيڪڏهن مان هينئر مري وڃان ؟“

ڪردار مڪمل طور وجودي وارداتن ۾ وڪوڙيل آهي.

”مثال هڪ مرد لاءِ زال جو هجڻ لازمي ضرورت؟ زال مڙس لاڳاپا. امان ته بابا جي زال اڻ سهندڙ عجيب عجيب لڳندڙ!! چرپر ڪندڙ به اگهاڙا وجود اڻ وڻندڙ ويساهه ۾ نه ايندڙ ڪراهت.“
داخلي طور وجود ۾ ڪراهت پرجي ويل آهي جو هر شيءِ جو منفي انداز ۾ گندگي وارو پاسو ذهن ۾ اچي ٿو. مثال ”ڪاڪوس ۾ گندي پاڻي جو دٻيو دٻي ۾ رهندڙ ڪيئان.“
هن ناول ۾ ماڻڪ جي وڏي خوبي اها آهي ته هڪ اهڙي انساني نفسيات کي ظاهر ڪيو آهي جيڪا موجوده سماج ۾ اڻ نهڪندڙ آهي ۽ مسلسل دٻاءُ جو شڪار آهي. اهو ڪردار ڇا محسوس ڪري ۽ ڪيئن سوچي ٿو اهو جيئن جو تيئن ماڻڪ پيش ڪيو آهي، اهو زندگي جو هڪ رُخ آهي، هو اهڙي ڪردار جي وارتا کي اسان جي سامهون رومانٽڪ انداز سان نٿو آڻي نه وري سماج سڌارڪ بنجي تبليغ ڪري ٿو نه وري ڪنهن نظرياتي بنياد تي زندگي کي بدلائڻ جي ڳالهه ڪري ٿو بلڪ هو ته زندگي جيئن آهي تيئن پيش ڪري ٿو ۽ اها زندگي اسان جي سماج جي جيئري جاڳندي حقيقت آهي. هڪ استحصالي ڏاڍ، ظلم، اڻبرابري جي بنياد تي قائم ٿيندڙ سماج ۾ اهڙا ڪردار عام آهن، جيڪي ويڳاڻا، اڪيلا، بک ۾ ورتل، بي معنيٰ بي مقصد وجود جو لاش ڪڍي پيا گهمن ٿا، هنن کي ڪي به خوبصورت نظارا فطرت جا حسين رنگ نٿا وڻن. هو بي حس آهن يا وري داخلي طور پيڙا ۾ ورتل آهن، جبلي ضرورتن کان جوش ۾ ورتل، هر نظارو سندن داخلي ضرورتن جو هڪ فرياد بنجي وڃي ٿو. اهڙو ئي اظهار اردو جي جديد شاعر زاهد ڊار هن ريت ڪيو آهي:

”سنهري گيت مين جب دهوپ کي لهرين بکهرتي هين
تون يون احساس هوتا هي ميري دل مين
کي جيسي خوبصورت لڙکيان مل کر
نهاتي هون کسي تالاب کي شفاف پاني مين
هوا ۾ اڙتي پنڇي کو ديکهون يا سمندر مين کسي مڇلهي کو بل کهاتي
مري آنکون مين ننگي لڙکيان تير جاتي هين“

ماڻڪ وٽ به هن ناوليٽ ۾ اهو الميو آهي ته هڪ طرف زندگي ڏهاڙي جو عام وهنوار آهي، سمت ڦرڻي وانگي ڦرندڙ هڪ ئي محدود دائري ۾ پر ٻئي طرف زندگي جي جبلي خواهش عذاب بڻيل آهي.
سندس هڪ ٻئي ناول ”لڙهندڙ نسل“ ۾ عام سنڌي نوجوان جي ڪٿا موجود آهي، جيڪو پنهنجي زندگي کي معنيٰ ڏيڻ چاهي ٿو پنهنجي وجود جو اظهار ڪرڻ چاهي ٿو هي اهو دؤر آهي جڏهن يحييٰ خان مارشلا لڳائي هئي، هڪ طرف سنڌي ون يونٽ خلاف جدوجهد هلائي رهيا هئا، ٻئي طرف بنگالي پنهنجي وجود کي مڃرائي رهيا هئا. سنڌ جي غريب طبقي جو فرد پهريون دفعو يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ سانگي شهرن ۾ اچي ٿو اهو شهر جي ماحول کي ڪيئن محسوس ڪري ٿو ۽ پنهنجي جواني کي ان وقت اڪين سان ضايع ٿيندي ڏسي ٿو ۽ ساڳئي وقت سياسي طور جدوجهد به ڪري ٿو هن جي ذهن ۾ بيشمار سوال زير بحث اچن ٿا. هنن وٽ مايوسي به آهي ٽڪ به آهي ساڳئي وقت بي مقصديت جو به

احساس آهي. بيچيني ڀيانڪ انجام جي ڀيانڪ انديشي ۾ بي مقصد زندگي جي وڍيندڙ احساس هيٺ پوڳيندڙ پنهنجو وجود.

انهن حالتن ۾ ٽي رستا سندس سامهون اچن ٿا.

هڪ جنهن حالتن ۾ ڦٿو ڪيو ويو آهي انهن سان سمجهوتو ڪري پاڻ هيرائي ڇڏي، يا ته هيروئن جي حالت ۾ پوڳيندو رهي ۽ موت جو انتظار ڪري. ٻيو ته خودڪشي ڪري ٽيون ته بغاوت ڪري ڪنهن به شڪل ۾.

چو ته ماڻڪ وٽ بنيادي سوال ٿي آهي ته "مان آهيان" منهنجو هئڻ نوس حقيقت آهي، انهي کان فراريت ناممڪن آهي، پر هن ناوليٽ جو هيرو ڪا به وقتي چونڊ نه ڪري سگهيو آهي. ڪنهن به رومانس جو سهارو نه وٺي سگهيو آهي، ڇو ته وجود جو بي پناهه احساس ۽ آزادي جو وجدان ڪنهن مقصد، ڪنهن چونڊ (ڀوءِ اها فريب ئي سهي) ۾ ختم ڪري سگهجي ٿو اها هڪ قسم جي فراريت به آهي ته پناهه به آهي. پر ڪردار ايترو ٿڪل آهي ۽ بي مقصديت محسوس ڪري ٿو جو هو صرف زندگي جا لمحا ڪپائڻ چاهي ٿو.

"تلڪ چاڙهي وڃي رهيو آهي هيٺ آهستي آهستي، ذهن خالي احساس نپوڙيل، امنگ مئل چاهت مروٽيل، مليل زندگي جي گهڙين کي ڪپائڻ Consume ڪرڻ لاءِ."

هڪ طرف انهي دور جي تصوير اسان کي ترقي پسند ادب ۽ مزاحمتي ادب ۾ ملي ٿي، ٻيو رخ هن ناوليٽ ۾ ملي ٿو جنهن ۾ اسان ڏٺو ته ڪردار زياده خوش فهمي جو شڪار ناهي، هو صرف داخلي طور پنهنجي وجود ۾ اٿندڙ بي شمار بي معنيٰ سوال ڪٽي انهن کي معنيٰ ڏيڻ چاهي ٿو.

ماڻڪ جو ٻيو اهم ناول "پاتال ۾ بغاوت" آهي.

هن ناوليٽ ۾ انساني زندگي جي اهم مسئلن کي ماڻڪ فلسفياتي سطح تي ڪنيو آهي، هن ناوليٽ ۾ جيڪا اهم ڳالهه آهي اها هي ته مزاحمت هن ناول ۾ موجود آهي بلڪ ائين ڪٽي چئجي ته ماڻڪ جي هر ادبي تخليق ۾ مزاحمت بنيادي جوهر آهي. هن ناول ۾ يوناني ڏند ڪٿا جو سهارو ورتو ويو آهي، خاص طور سان يونان جا ٻه ڪردار جيڪي انسان دوست مشهور آهن 1 پروميٿس 2 سيفيس، ٻئي زيورس ديوتا جي عذاب هيٺ آهن، سسيفس جو ڪردار يونان جي ڏند ڪٿا مان ڳولڻ وارو شخص البرٽ ڪاميو آهي هن پنهنجي مشهور ڪتاب Myth of Sisphus ۾ انهي ڪردار کي پيش ڪيو ۽ پنهنجي فلسفي جي تصديق لاءِ جيئن اسان وٽ شاهه لطيف لوڪ داستانن جا ڪردار ڪنيا بلڪ اهڙي طرح ڪاميو به پنهنجي فڪر کي ڪردار ۾ ڪماٽي ڏيڻ لاءِ سسيفس جو ڪردار ڪنيو. هن ڪردار جي خصوصيت هي آهي ته هي نه ختم ٿيندڙ ڀوڳنا ۽ عذاب ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

زيورس طرفان ڪيس پاتال (جهنم) ۾ اڇلايو ويو آهي، سندس ڏوهه اهو آهي ته هن انسان جي ڀلائي چاهي، انسانيت پسندي زيوس وٽ هڪ جرم آهي ۽ ڪيس سزا ڏني ويئي ته هڪ ڳرو پٿر پاتال ۾ ڪٽي ڏکي مٿي اچي ۽ ٻيهر انهي پٿر کي ڏکو ڏنو وڃي ٿو اهو عمل صدين کان ورجاءُ وڃي ٿو.

هن ناوليٽ ۾ سسيفس خود اهو سوال اٿاري ٿو ته "مان هيٺو آهيان ۽ انڪاري آهيان، منهنجي ناڪار جي ابتدا سان منهنجي درگهٽنا شروع ٿئي ٿي."

هتي سوال اهو پيدا ٿو ٿئي تہ ڪمزوري ۽ هيٽائپ ئي وجود جو بنيادي مسئلو آهي، جو انهي ڪمزوري جو جواب ناڪار ڏئي پاڻ کي ماڻهو معنيٰ ڏئي ٿو اهميت جتائي ٿو هي سوال ممتاز مهر بہ پنهنجي ڪتاب ويچار ۾ اٿاريو هو تہ ڇا هيٽائپ ڏوهہ آهي؟
جديد نفسياتدان ايڊلر بہ پنهنجي نفسياتي جائزي ۾ انهي ڳالهہ تي زور ڏنو هو تہ انساني جو بنيادي مسئلو طاقت حاصل ڪرڻ آهي.

"Adler takes the attitude that the fundamental drive in life is the desire for power".

۽ جيڪڏهن بنيادي مسئلو طاقت ۽ ڪمزور جي وچ ۾ جهيڙو آهي تہ پوءِ ماڻڪ جي ذهن ناوليت وانگر هي دنيا پاتال آهي ۽ ڪمزور انسان بيگار ٿو وهي، شڪار ٿئي ٿو ۽ ڪو سسيفس بڻجي ايري ٿو ۽ جنم جنم جي سزا ڀوڳي ٿو پر پنهنجي وجود کي انڪار ذريعي مجرائي ٿو. اتي هڪ مايوسي پيدا ٿئي ٿي تہ انساني اعليٰ قدر سري ڪان غائب آهن ۽ اهڙي ڪنهن نظام جي اميد اجائي آهي جيڪا مهذب انسان کي جنم ڏئي.
البرٽ ڪاميو وٽ انهي جو جواب هو تہ "انسان جي خواهش دنيا پوري نٿي ڪري سگهي انهي ڪري دنيا ۽ انسان وچ ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ مان لايعنيت / نامعقوليت جو احساس پيدا ٿئي ٿو."
۽ ڪاميو وٽ ان جو جواب خودڪشي هويا وري بغاوت ۽ ياد رهي تہ ماڻڪ خودڪشي ڪئي هئي، هن انهن تمام ڪردارن جي داخلي وارتا پنهنجي اندر سموئي ڇڏي.
ماڻڪ جو ناول "ساهہ مُٺ ۾" قابل ذڪر ناول آهي. هي ناول ملڪ ۾ آمريت، غداري، وڏيرا شاهي، ڌڪاڌ، رياستي جبر جي پس منظر ۾ لکيل آهي. ماڻڪ جي هن ناول ۾ فڪري ائپروچ بہ وجوديت واري آهي پر هي ناول اهڙي ٽئڪنڪ سان لکيو ويو آهي جو هن ۾ ڪٿي بہ ماڻڪ جو فڪر ٿاڦيل نٿو لڳي. خودبخود ڪردارن جي مجبوري، بي وسي، خوف ۽ ڪمزوري ابري اچي ٿي. هن ناول جو پس منظر بنيادي طور سنڌي فڪر ۽ پاڪستاني فڪر جو تضاد وارو آهي جنهن ۾ ڪيترا سوال ابرن ٿا، مثال طور هن ناول ۾ چوي ٿو :
"هندستان جي مسلمان جون بنيادي وفاداريون ڌرتي ڪان ٻاهرين حملي ڪندڙ فاتح حاڪمن سان وڏيڪ رهيون آهن، منهنجو مطلب آهي افغانن، ترڪن، مغلن، ايرانين يا عربن سان، نہ رڳو اهو پر هو انهي کي پاڻ پڏائين ٿا."
هڪ طرف اهي ڪردار آهن جن جون وفاداريون رياست سان آهن، رياستي پاليسي سان آهن ۽ فڪري طور هو ڌرتي بجاءِ ڌارين سان لاڳاپيل آهن، ٻيا اهي ڪردار آهن جيڪي رياست طرفان مڙهيل محب وطني ڪان باغي آهن، هنن جو فڪر پنهنجي قوم ۽ ڌرتي سان جڙيل آهن. اهڙي صورتحال ۾ هڪ ڪردار پاڻ کي اوپرو محسوس ڪري ٿو ۽ هر وقت پاڻ کي چوڪسي ۽ بين جي

نظرداري ۾ محسوس ڪري ٿو ڪيس قدم قدم تي ڊپ وڪوڙي وڃي ٿو هر وقت هو خوف واري حالت ۾ رهي ٿو ته ڪڏهن به ڪجهه تي سگهي ٿو ۽ چوي ٿو

”هن ملڪ ۾ ڪا به ڳالهه ناممڪن نه آهي جڏهن ته ملڪ نهڻ ڪان وٺي هن محل تائين هنگامي انجيڪشن جي آڌار تي هليو هجي اتي ڪجهه به ممڪن ناهي.“

هن ناول کي ڪٿي هڪ شاهڪار ناول چئي سگهون ٿا جو هن ۾ فڪري تضادن جي نتيجي ۾ ٿيندڙ سماجي نفسياتي، داخلي مسئلا اهڙي طرح سان بيان ڪيا ويا آهن جو ڪٿي به ڪا به ڳالهه ڊڪيل لڪيل نٿي رهي، سماجي پس منظر هجي يا داخلي پيڙا پر ڪٿي به ڪا به منافقي ناهي. هڪ فرد جي غداري ڪان وٺي سنڌ تي وڃڻ تائين مڪمل طور حقيقت جيئن آهي تيئن ماڻڪ پيش ڪئي آهي.

هڪ طرف تخليق ڪيٿارسزم جو عمل ڪندي آهي ٻئي طرف جڏهن داخليت جي سمنڊ ۾ ٻڏي پيڙا ۽ اذيت کي تخليقي رنگ ڏبو آهي ته خود تخليقڪار تي اها ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي. ماڻڪ جي زندگيءَ به هوريان هوريان تخليقي طور مڪمل وجودي وارداتن کي ظاهر ڪندي وڃي. ”حويلي جا راز“ ڪان وٺي ”ساه مٺ ۾“ تائين هڪ ڊگهو سفر نه صرف ماڻڪ جو ادبي سفر آهي بلڪ پيڙا ۽ پوڳنا جو سفر آهي، اهوئي سبب آهي جو ماڻڪ پنهنجي تخليق ۾ وجوديت ٽنبي نٿو پر خود به خود ماحول مان اپري پوي ٿي، فڪري طور ماڻڪ البرٽ ڪاميو ڪان وڌيڪ متاثر لڳي ٿو هو مزاحمتي ڪردار تخليق ڪري ٿو جيڪي فرسوده قدرن خلاف بغاوت ڪن ٿا. ڪٿي به مايوسي ۽ واهياتپڻو فيشن طور استعمال نٿو ڪري ۽ نه وري پنهنجا آدرش مڙهي ٿو بلڪ ڪهاڻي جي حاصل نتيجي مان انسانيت پسندي جي جهلڪ نظر اچي ٿي هو انسان مٿان مڙهيل هر پابندي ڪان انڪار ڪري ٿو جيڪا طبقاتي سماج جي صورت ۾ هجي. عقيدي يا نظرئي جي صورت ۾ هجي هو صرف انسان جي مادي توڙي روحاني آزادي جو قائل آهي.

ماڻڪ جو جديديت جي لاڙي ۾ هڪ اعليٰ مقام آهي ماڻڪ فيشن طور وجودي ناهي نه وري وجوديت جي منفي لاڙي کي اپارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. بلڪ سندس لکڻين ۾ سنڌ جو وجودي فڪر به اپري اچي ٿو جنهن ۾ امن پسندي، پيار ۽ محبت لاءِ واجهائيندڙ دل ڌرتي سان محبت انسانيت پرستي شامل آهي. خاص طور سان ”ساه مُٺ ۾“ انهي فڪر جي عڪاسي ڪري ٿو.

**(ماهوار پرڪ: اپريل_مئي 2001ع)**

# ماڻڪ جي ناول ”ساهه مٺ ۾“ جو تنقيدي جائزو

## ڪنعيو گيانچنداڻي

ماڻڪ جو هي ناول Post Humously شايع ٿيو آهي ماڻڪ 26 جنوري 1982ع ۾ گذاري ويو. چون ٿا ته آتم هتيا ڪيائين، مان 82 ۾ هندستان هئس ۽ اتي جڏهن اها خبر پيم ته روئي وينس.
انديا ۾ هي ناول الائجي ڪڏهن ڇپيو ان جي چار ڪتاب منجهان نه پئي، باقي سنڌ ۾ هي ڪتاب 92 ۾ ڇپيو آهي. . .
جيتريقدر تنقيد جو سوال آهي ته ان سلسلي ۾ ڏٺو ويو آهي ته سنڌ ۾ Objective تنقيد جو رواج ڪونهي، ها باقي جي سنگتي آهي ته ان ڪي گهٽ ۾ گهٽ ستين آسمان تي ڪٽي وجبو چاهي ادبي/ تخليقي لحاظ کان ٿرڊ ريٽ ڇو نه هجي. وري جي اديب پنهنجي چوياريءَ مان ناهي ته، ان جا اهڙا ته ڇوڏا ٿا لاهجن، جو اڳلو موربگو لکڻ کان ئي توبهه ڪريو ڇڏي. جيتوڻيڪ هڪ لحاظ کان منهنجي لاءِ تنقيد جي صنف مڪمل نئين آهي پر جيستائين ماڻڪ جو سوال آهي ته مان چوندس ته ماڻڪ نه رڳو هڪ دؤر جو نالو آهي، پر هو عام انساني ماپن ۾ ماڻن کان ڪجهه ڳرو هو ماڻڪ منهنجي دوستن مان تمام گهٽ ڳالهائو هو. پر لکت ۾ هن ڪي ڀرپور اظهار جو ڏانءُ ايندو هو. هو اندر ٻاهر هڪ جهڙو هو.
ڪي به نظرياتي پابنديون ۽ فني ڏانو ڪيس سچ لکڻ کان روڪي نه سگهيا. مون کي چٽي طرح ياد آئي ته 1972 ۾ جڏهن مون کي L.M.C ۾ داخلا ملي ته اهو منهنجو روز جو نيم ٿي ويو ته ”جارج هوٽل ۾ سنگت سان ڪچهرو لڳي. سنگت ساٿ واري ان محفل ۾ ماڻڪ کان سواءِ شوڪت شورو، مشتاق شورو، عبدالحق عالماڻي، مدد علي سنڌي، علي بابا، ظفر حسين ۽ ڪڏهن ڪڏهن نبي بخش کوسو، حليم بروهي، ولي رام ولڀ ۽ ٻيا شامل ٿيندا رهندا هئا. مون کي انهن ڪچهرين ۾ ماڻڪ کي تمام ويجهو ڏسڻ جو موقعو مليو پوءِ به هتي آئون دعويٰ نه ڪندس ته. سندس سوچڻ جي انداز مون کي مڪمل طور تي پرکي ورتو— ڇو جو هو پنهنجي ذات، داخليت پسند (Introvert) قسم جو ماڻهو هو. سندس مزاج ۾ اڪثر خاموشي ۾ ورلي ورلي تمام سياويڪ نموني هڪ اڌ لفظ يا جملو ڳالهائڻ شامل هو. شايد 71ع ۾ سندس ناولٽ ”لڙهندڙ نسل“ شايع ٿيو. جيڪو مون ماڻڪ سان ملاقات کان اڳ ئي پڙهيو هو. هيءُ هڪ تمام متاثر ڪندڙ ناولٽ هو جنهن ۾ هن سنڌين ۽ سنڌ جي ان وقت جي حالتن کي اهڙو ته ڀرپور نموني سان قلم بند ڪيو هئو. جو اهو ڄڻ فلم وانگر عڪاسي ڪندو هجي — مون کي چٽي طرح ياد آهي بابا اهو ڪتاب پڙهي مونکي چيو ته ”ماڻڪ کي چئج، جي پاڻ ايترو مايوس (Pessimist) آهين ته توکي اهو ته حق نه ٿو پهچي ته تون ”لڙهندڙ نسل“ جهڙا ناولٽ لکي سنڌين جي پڙهيل لکيل طبقي کي به مايوسين جي ڏٻڻ ۾ ڏکي ڇڏين.“ اهو درحقيقت هڪڙي جهوني بالشيوڪ ساٿيءَ جو پنهنجي هڪ نئين باليشوڪ ساٿي لاءِ پيغام هو. پوءِ جڏهن مون اهو نياپو ڪيس

رسايو هو ته ماڻڪ اهو Remark ٻُڌي ٿورو مشڪي وراڻيو هو ته: ها, ڪامريڊ جي اها ڳالهه صحيح آهي, پر مون سچ ڪي لڪايو ناهي, رهندو ان ڪي نروار ڪيو اٿم. اسان سنڌين جي حالت اهائي آهي, آءُ رڳو ان تصوير جو مُصور آهيان.” جيئن هن دؤر ۾ سندس ڪتاب تي سندس ساٿين ئي اعتراض واريا هئا تئين هيءُ ڪتاب “ساهه مٺ ۾” واقعي جيڪڏهن ان وقت ڇپجي ها ته مٿس پابندي پئي ها. ۽ ماڻڪ پڻ ڏچي ۾ اچي ها, ڇو ته ماڻڪ ۽ منير احمد جي هڪ هجڻ جي پوليس ڪي خبر پئجي چڪي هئي.

هتي اهو به عرض ڪندو هلان ته ماڻڪ سوشلزم ڏانهن لاڙو رکندڙ هڪ جانبدار ۽ ارپيل (Committed)لکاري هُئو. معتبر ذريعن موجب هو ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان ۽ ڪُل وقتي ڪارڪن ٿيڻ جو پڻ خيال هئس. پر پوءِ هڪ بزرگ شخصيت جي مشوري تي اهڙو خيال لاهي ڇڏيائين. پر ساڳئي وقت اهو ذهن ۾ ضرور آڻڻ کپي ته جانبدار هوندي به ماڻڪ اظهار جي آزاد استعارن جو حامي هو, ڪيس تنگ نظر قومپرست ڪنهن به طريقي سان نه ٿو چئي سگهجي. هن جي سوچ ۾ تخيل جو canvas پوري دنيا جو گولو آهي. پنهنجي خيال ۾ سندس CPP سان ٽڪراءُ ۽ سندس وجود جي ٽڪل هُئڻ جو سبب اهو هُئو ته قومپرستي ۽ قومن جي Sovereignty ۾ يقين رکندڙ ماڻڪ متعصب ۽ ڪٽر اردودان ڪميونسٽن سان نه پئي هلي سگهيو. جيڪي پنهنجي ناداني‌ءَ جي ڪري يا ڄاڻي واڻي قومن جي حقن جي باري ۾ Dichotomy جو شڪار رهيا آهن. هو ايترو ته سگهارو فنڪار ۽ دانشور هو جو انهن جي حڪمن جي طابع گهڻو وقت نه ٿي رهي سگهيو. اهو هُئو هلڪو پس منظر ماڻڪ جي نظرياتي جنگ جو ۽ هاڻي ناول تي ٿا اچون. هڪڙي دؤر هي ناول ”ساهه مٺ ۾“ سياسي حوالي سان ٻن دؤرن تي لاڳاپيل آهن. هڪ ٻولي جي مسئلي(language) واري, ٻئي جو دؤر ۽ ٻيو ضياءَ جي مارشل لائي اقتدار وارو دور جنهن جو خاتمو ماڻڪ جيئري نه ڏسي سگهيو. پر ماڻڪ انهي ٻنهي ڏرين يعني ٻئي ۽ ضياءَ ڪي ساڳي قطار ۾ بيهاري انهي سلسلي ۾ گڏيل Remarks رمارڪس ڏيندي هُن چيو هئو: ”گوئرنگ ته موت ڏنو هئو جنهن ۾ هڪ وقت ۾ ڇوٽڪارو هُئو ۽ اڄ جو گوئرنگ, هڪ ئي وقت موت نه ٿو ڏئي, اهو هٽ نوڪيل قانون جي بنياد تي اڏيل ڪوٺ اندر ٻوساٽي ماري ٿو, پوءِ هڪ ڀرپور خواهش بنجيو وڃي.“

موهن ڪلپنا ڪتاب جي مهاڳ ۾ هن ناول ڪي سنڌي زبان جو پهريون جديد ناول قرار ڏنو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ آئون ڪجهه Reservation رکندي به اصولي طور تي ان راءِ سان سهمت آهيان جڏهن ته ڪيترائي دانشور ۽ اديب هن ناول کي سياسي ليڪچر جو نالو ڏيندا. سندن انهن راين ڪي ذهن ۾ رکندي آئون اهو چوندس ته اديب ۽ دانشور سماج کان ڪنجي ته هوا ۾ تير نه ٿو هڻي سگهي. اهو بلڪل سياويڪ آهي ته ليکڪ پنهنجي آس پاس واري ماحول ۾ ٿيندڙ هر حرڪت جو ڳوڙهو مشاهدو ڪندي, عملي يا ذهني طور تي سياست ۾ نظرين کان ڪناره ڪش نه ٿو ٿي سگهي.

ماڻڪ چواڻي : ”سنڌين جي وچولي طبقي جو هر فرد, جيڪو پنهنجي سنڌي هجڻ جو احساس رکي ٿو, اهو ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ سياست ۾ ڀرو وني ٿو خاص طرح تي پڙهيل لکيل فرد.“

ماٺ ڪ کي جيڪڏهن ويجهڙائي سان پڙهبو ته محسوس ٿيندو ته هو هن گهٽ ۾ ٻوسٽ جي ماريل بدبودار سماج مان تنگ به آهي ته ڊنل به. هن جي خيال ۾ رياستي ڏاڍ State Terrorism ماڻهو کي نامرد ٿو بڻائي. ناول جي نائڪ ايترو ته ذهني مونجهاري Mental turmoil جو شڪار آهي. جو پنهنجي گهر واري سان حق شرع ڪندي ٿڏو ٿيو وڃي ۽ پاڻ تي لعنت ملامت ۾ بهانا (Escapes) جا ڳولڻ؟

ناول جي سگهه ان جو لامتناهي(Endless) هجڻ آهي.

ماٺ ڪ جن حالتن کي چٽيو ( Portray) آهي. اجوڪي اج به ان کان ڪو گهٽو مختلف نه آهي. شهري وچولي ڪلاس جي سنڌيءَ کي هر وقت اج به دهشتگردن جو ڊيڄوڙو آهي. ماٺ ڪ خود ڪلامي(Inter Personal Communication) جي ذريعي ۽ Dialogue جي ذريعي، پنهنجي ڪارج جو پيغام پهچائڻ ۾ مڪمل طور تي سڦل ويو آهي. هُن پناهگيرن جي حوالي سان ٿيل اسان جي شهرن جي سنڌيءَ حالتن جو نهايت ئي باڪمال ۽ ڳنڀير مشاهدو، خوبصورت نموني سان بيان ڪيو آهي.

ڊپ / احتياط / اونو / ڏڙڪو / غير محفوظ هئڻ جي احساس سان گڏ هن ناول جي خصوصيت ان جي سڌي رسائي(Direct Approach) آهي. ابهام ڪونهي، غلط سلط ۽ اُبتي سنڌي لکي جديديت جو پرچار ڪونهي.

جيتوڻيڪ هي ناول شعور جي وهڪ (Stream of consciousness)واري طريقي ۾ لکيل آهي. اج شهرن ۾ رهندڙ هر سنڌي بلڪل انهن ئي حالتن جو شڪار آهي، جيئن ناول جو نائڪ جيڪو چوي ٿو : ”جائي به مون ڪجهه نه ڪيو آهي – ڏوها مون ڪو ڏوهه نه ڪيو آهي. نيڪ نيتيءَ ۾ صفائيءَ سان پورو ويساهه اٿم. ۽ منهنجي زندگي جي مختصر سرگرمي پوءِ به ڏوهي هجڻ جو عتاب هيٺ اچڻ جو چِٽو احساس، يا ڪجهه نه ڪجهه اوچتو ٿيڻ جو جيڪو پِڙ وارو، انهي احساس هيٺ ان جي چِڪتاڻ ۾ ذهني ۽ جسماني چيڙ چاڙ جنهن ۾ سؤڪا ۽ ڪونئرا امنگ مروٽجي ويل، انتهائي بي رحميءَ سان.“

وري استعماري قوتن سان پنهنجي نفرت جو اظهار هئين ٿو ڪري

“ڪُتا قطارن ۾ ڪُئن جو رنگ خاڪي

خاڪيءَ وردي ۾ پريڊ

قطارن ۾ پريڊ

لڪ – لڪ- لڪ- لڪ- لڪ

بوٽن جا ڳرا آواز

ڪتا پليگ آڻيندا آهن

ڊپ

ماڻهن جا لاش

ٿلها ڪُوئا پچن سان

ڏنل هر اسيل موڳا ماڻهو
ڪٺن جون قطارون.”
ماڻڪ حساس ۽ پڙهيل لکيل ماڻهو جي ڪيفيت کي بيان ڪندي لکي ٿو: ”خوف ۽ انديشا – جنهن ۾ اسين سڀ ورتل. شڪليون ڏار پر روح ساڳيون.“
“سپريشن / اِنسڪيورٽي.
علاج: ٽرنڪولائيزرس.”
تنگ نظري ۽ پاڪستان جي ہچاپڙائپ واري قومي نظرئي جي پاڙ اکيڙيندي چوي ٿو: “جڏهن ڪنهن هنڌ جو فڪري پڙ بنياد. تلاءُ جي بيٺل بانس واري پاڻيءَ وانگر. اصول تي هجي يا نظرئي تي هجي. اتي ظاهر آهي تہ ڪوجنا جا پتر ڪٺين ٿا سهي سگهجن؟”
سنڌين ۽ سنڌ جي ويرين جو وروڌ ڪندي ٻُڌائي ٿو: ۽ ها چئي سگهجي ٿو. سنڌيٽي / سنڌي هجڻ جو احساس. جيڪو هتي اڻ وڻندڙ آهي ۽ اڻ نهڪندڙ هڪ ڏوها اسين اڻ وڻندڙ آهيون اهو سمجهون ٿا ۽ اهڙي سرت رکون ٿا. اها سرت ئي اسانکي ڏوهي هجڻ جو احساس ڪان آگاهہ ڪري ٿي.”
هڪ هنڌ ڪردار ڪان هيٺينءَ ريت چورائي ٿو: ” دوست جڏهن ٽرنڪولائيزرس بہ پنهنجي اثر ڇڏي ڏين تہ پوءِ پاڻ لڳڻ ئي ڪامياب ۽ اثرائتو ٽرنڪولائيزر آهي. اها اسان جي هڪ ضرورت آهي. مجبوري. ان کي سماجي سطح تي پاڻ نهڪائڻ بہ چئي سگهون ٿا.” بالادست. اقتدار جي مالڪين جو. سوچ ۽ سمجهہ تي بہ پهرا ڏسي ۽ انسانيت کي مجروح ٿيندو ڏسي ماڻڪ تڙپي اٿي ٿو “جيڪڏهن سچائي ڪا ايسرڊ شيءَ ناهي ۽ ان جي سچاڻپ لاءِ بهرحال ڪن تصورن. نظرين يا ڪنهن ٽرمينالاجي جو سهارو وٺڻو ٿو پوي. تہ اهو ضروري ناهي تہ. ڏنڊي جي آزار تي ڪو تصور. نظريو هرويرو سچائي ڪري مڙهيو وڃي.”
پڻي صاحب لاءِ اردو دانن جي رايي ۽ انهي جي جواب ۾ سنڌي جي سوچ سنڌ جي هندوءَ ڏانهن پناهگيرن جو رويو آهي. ۽ هڪ پڙهيل لکيل سنڌي هندوءَ جي سوچ کي. سندن سوچ سان ٽڪراءَ کي هيٺين پيرائي ۾ ٿو بيان ڪري:
”سنڌيون ڪي حڪومت هئي- اس ليئي ايڪ بنيا پيي اتني جرئت سي بات ڪر سڪتا هي. مين سب سمجهتا هون.”
وري هڪ پڙهيل لکيل قومپرست سنڌي هندوءَ جو منهن ٽوڙ جواب:
“نهين جناب! سنڌيون ڪي نهين پاڪستانيون ڪي حڪومت هُئي. پپو صاحب ايڪ ڪٽر پاڪستاني هَئين. يہ ايڪ بدنصيبي هَئہ ڪہ وه سنڌ ۾ پيدا هُئي. چنانچہ حد سي زياده اور پاڪستان ڪي ناقابل فراموش خدمت ڪرني ڪي باوجود پيي وه آپ ڪي ليئي ناقابل برداشت هئہ.”
اردو دانن سنڌ سان جيڪا جُٺ ڪئي آهي. ان تي ماڻڪ ڪان دل جي گهرائن مان هڪڙي آهہ نڪري ٿي: ”ابو! هي ڪهڙا مڪڙ آهن. جيئن جيئن ڳڙڪائيندا ٿا وڃن. رت ڦڙو بہ ڪونہ ٿا ڪيرائين. واردات ئي مٽايو ڇڏين.”

ماڻڪ جي فلاسافي هيٺ ڏنل هڪڙي جملي ۾ ئي سموئجي وڃي ٿي : ”ايذاءُ ئي تہ زندگي جي پساهہ جي علامت آهي.“

پاڪستان ۾ جمهوريت جي نالي ۾ جيڪي بدمعاشيون ڪيون ٿيون وڃن انهن کي ريٽيندي، مارڪس جي جمهوريت جي باري ۾ Remarks کان پوءِ وري ماڻڪ جو ئي ڪمال آهي جو هن خوبصورت پيرائي ۾ هٿ ٺوڪي جمهوريت جي لاک لاٿي آهي.

”اڄ ڪا سائين، جمهوريت جي شاندار روايت هلندي، ذبح ٿيندڙ ٻڪرين کي پنهنجي پسند جي ڪاسائين جي چونڊ جو حق ڏنو آهي.“ پاڪستان جي سياسي ثقافت Political Culture ۾ بالادست رياستي ادارن طرفان عوام تي ٿيندڙ ذهني ۽ جسماني تشدد تي ماڻڪ ڪاوڙجي انهي سڄي مانداڻ جي مٿي پليت ڪندي چوي ٿو ”پيءُ جي آڏو ڌيءُ کي مسجد شريف ۾ مخالف پوڙهن مٿان ڏنڊا مُٺا قيدي چاڙهڻ، عورتن جي پيشاب دانين ۾ اوباريل بيضا ۽ ميڻ بتيون ۽ راتو رات گم ٿيڻ، پيشاپ پيئارڻ ۽ سياسي ڪارڪنن جي زاعفائن، پينرن، مٿن مائٽن کي ٽاٽي تي گهلي ۽ اتي ....؟“

واقعي، ماڻڪ ڪابہ شيءِ وڌائي نہ لکي آ. پٽي جي آپيشاهيءَ واري دؤر ۾ سوشلزم ۽ جمهوريت جي آڙ ۾ هڪ آڙيڪاپ ۽ اذيت پرست وڏيري جي انداز ۾ بادشاهي ڪندڙ پٽي، پاڪستان ۾ عوام ۽ خاص طور تي سنڌي سياسي ڪارڪنن سان اهي حالتون ڪرائي، هن ملڪ اندر ڪرپ جهڙي اذيت جي پروش ڪرائي.

حڪمران طبقن جي من مستين کي لفظن جو روپ ڏيندي ماڻڪ ڏسي ٿو: ”اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ ۽ ائين سڀ ڪجهہ ڪرڻ، هتي جي هر حڪمران ۽ انهن جي ڪارندن ۽ سندن مشينري يا ائين ڪٿي چئجي تہ نظرياتي بنيادن جو جُز آهي. ”اهم جز“ انسان کي ذليل ڪرڻ سندن وندر آهي ۽ سدن جيون شڪتيءَ لاءِ روحاني غذا- نيٺ هنن کي وڏن ٺهڪن لاءِ ائين ئي ڪرڻو پوي ٿو جيئن سندن ڦڦڙ تازي هوا جهٽين.“

”هتي رياستي سطح تي ٿيندڙ هر تبديلي تاريخ جي عمل کان پوئتي ڏڪڻ ايندي آهي. حرامي کان وڏيڪ حرامي.“

ماڻڪ سنڌ جي قومپرست سياستدانن جي مفاد پرستيءَ کي اگهاڙو ڪندي ناول جي نائڪ کان چورائي ٿو : ”مون کي هي چوڻ ۾ بلڪل هٻڪ ڪانهي تہ سنڌ جا قومي نيپي هيٺ سڏجندڙ اڳواڻ، قومپرست، پنهنجو پاڻ لاءِ آهن. قوم لاءِ نہ – قومي مسئلن کي سوچيندي، ويچاريندي ۽ عمل ڪندي، سندن ذات ئي محور هوندي آهي، نہ ڪي قوم/ سنڌ – سندن پنهنجي ئي ذات، ها!“

ساڳئي وقت ماڻڪ نالي وارن ۽ نام نهاد سوشلسٽس ۽ ڪميونسٽن کي بہ ڪونہ ٿو بخشي، مثلن : تہ سوشلسٽ، وڏيرن جي ڪيسي ۾ پيل آهن. انڪري، ڇا انڪري هنن جو ووٽ بہ انهن جي ڪيسي ۾ پيل آهي نيٺ ٿيندو ڇا؟“

”اسلام جيئرو ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ هر ڪربلا کان پوءِ ئي اسلام جيئرو ٿيندو آهي، ها، ڪربلا، قتلام بي رحميءَ سان هڪبئي جون بڪون اجون ۽ لاشا.“

سنڌ مان لڏي ويل هندن کي سارينديءَ پنهنجي منطق جي ڪسوٽيءَ تي انهن جي مهاجرن سان ڀيٽ ڪندي ٻڌائي ٿو: ”جيڪڏهن هندو هجن ها، ته به ائين ٿئي ها؟ هندو مسلم ڇڪتاڻ هجي ها، پر ائين نه، جئين آهي، Enmity رات جا اڄايل- ڇا شهرن جا هندو، گهٽين ۾ سنڌي مسلمانن تي ائين تيزاب ڦٽو ڪن ها، جيئن هي ڪن ٿا – يا گهرن کي باهيون ڏين ها، ۽ ڇرا بالا هڻن ها، ۽سنڌي مسلمانن جي هستي / وجود جي خاتمي لاءِ ائين ڪن ها؟ جيئن هي ڪن ٿا پر جيڪڏهن نسلي تضاد (Communal Conflict) هجي ها، فرض ڪريو ٿنجي ٿو ممڪن هو پر سنڌ جي قومي وجود کي اڏوهي نه ٻين لفظن ۾ De_sindhialization نه ٿئي ها، جيئن اڄ وڏي واڪ ٿئي پيو. هل، فرض ڪر وڏو ذليل هُئو ته هندو ماري ڇڏين ها. ها، ٺيڪ آهي ماري ڇڏين ها پر سنڌ کي ته نه مارن ها. ها، سنڌ کي. جنهن جو هڪ ٺوس وجود آهي. جاگرافي، تاريخ، سڀيتا ۽ ڪاڪا ڀيرومل هجن ها، جيڪي سنڌ جي تاريخ ۽ سڀيتا تي کوجنا ڪري ڪيس جيئرو جاڳندو ۽ نئون اتساهه ۽ نئون روح.“

آمر ضياءَ جي دؤر ۾ چوري جي سزا هٿ وڍڻ جي صورت ۾ رائج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جنهن تي اُنهي شديد ساڃي ڏُر پرستي (Ultra rights) ۽ اسلامي بنياد پرستيءَ (Islamic Fundamentalism) جو مذاق اڏائيندي احتجاج ڪري ٿو: ”هٿ وڍيل کي هينئر اسپتال داخل ڪيو ويو هوندو. اها انسان دوستي آهي ۽ مقدس فرض جي پوئواري، هڪ ڏوهاريءَ کي سزا ڏيڻ کان پوءِ اڻ وڻندڙ ايذاءَ وارن نتيجن کان بچائڻ واسطي اسپتال ۾ داخل ڪرڻ. هون به چون پيا ته (بيهوش) ڪري ئي هٿ وڍيو ويندو. اها انسان دوستي آهي ۽ مذهبي رحمدلي سائنسي کوجنا جو انسان جي چڱيلائي لاءِ استعمال، جيئن هو سک ۽ آرام سان مليل ايذاءَ کي. . . “

ناول جي آخر ۾ به ليکڪ نراشا جي بجاءِ آشائن جي ديپن جو پيامبر ٿي اڀري ٿو.

”نيٺ سنڌي احساس جي پوڳيندڙ سطح کان ابري، تنظيم جي روپ ۾ ڇو ڪونه نمايان ٿي بيٺا آهن؟. هڪ اثرائتي، منظم سگهه جي حيثيت سان؟ اڄان تائين واڄهائيندڙ واڻڙا، آساڻتا، ان ڪري ويساهه گهاتين جا ماريل ون يونٽ ناهيندڙ گهڙي کي سڃاڻي ورتوسين ۽ ساڳيو ڪم مڪمل ڪندڙ ڀهروپئي پٽي کي سمجهي نه سگهياسين. حالتون، وقت ۾ انجون گهرجون پاڻمرادو سنڌي ليڊرشپ پيدا ڪنديءَ جيڪا ظاهر آهي ته نئين رت مان هونديءَ، سنڌ جو نئون رت، محروم ۽ مايوس پنهنجي واٽ گهڙيندو.“

هن ادبي ماٺار واري ماحول ۾ ماڻڪ جو هي ڪتاب ”ساهه مٺ ۾“ رڳو جِنتَ ناهي جيڪا بيٺل تلاءَ ۾ هلچل ٿي مچائي، بلڪ پوري سر وهائي ڪدي اٿائين جنهن پري پري تائين اثر ڇڏيا آهن.

(ماهوار سارس: اپريل _ مئي 1993ع)

# صبح جي ستاري ڏانهن

## نصير مرزا

زندگيءَ جي ڪنهن انتهائيءَ نويڪلي گهڙيءَ ۾، مون پنهنجي آفيس جي لان تي ليٽي، ماڻڪ جي نالي اريبيل تاج بلوچ جو هي نظم ڪاغذ تي اُتاريو:

تون بہ ڇڙواتي تان موٽِئين ساٿي
آئينا چُور ٿيا
هار سينگار ڦِٽا
عڪس رنگين هئا، جيڪي ٽُٽي پيا سارا
سارو مانداڻ تي
زهر آب ويو
عارضي طور سهي
درد بيتاب ڪيو
ڏاڍو بيتاب ڪيو

نظم اُتاري، ڪتاب بند ڪرڻ جي خيال کان، نظم تي پيپر ويٽ رکي، ڪيس تيز هوا ۾ ڇٽيل پنن سان گڏ اُڏامي وڃڻ کان بچائڻ پئي چاهيم. تڏهن مونکي سارتر جي چيل هڪ ڳالهہ شدت سان ذهن تي تري آئي. ”مان جڏهن لکندو آهيان، تڏهن مايوسيءَ جي ڄار مان ڪنهن خوبصورتي کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان.“ شايد تيز هوا جي زور تي نظم تان پيپر ويٽ هٽي ويو هو. مون ڏٺو: منهنجو ڪاغذ ڪٽي پري پري اُڏامندو پئي ويو ۽ وقت ڪيڏو نہ تيزيءَ سان فُل اسپيڊ ۾ پرسان لنگهيو وڃي. مون سوچيو. تڏهن اچانڪ اَمرتا پريتم، مون سان ڪنهن سپني ۾ ڊائيلاگ ڪرڻ شروع ڪري ڏنو: ”نظم لکڻ خدا جي باغ مان صوف چورائڻ وانگر آهي.“ ۽ مون دل ۾ چيو: صحيح! پر بنهہ پنهنجي ڪنهن دوست کي ياد ڪري، ڪجهہ لکڻ! ڪوفي ۽ شام جي بازار مان، اَنبوهہ ماڻهن جي وچ مان، بيمار ۽ قيدي امام زين العابدين جيان اگهاڙين پيرين لنگهڻ وانگر آهي.

تڏهن اوچتو مون کي ليڊي ڊفرن اسپتال اڳيان لنگهندي ”ماڻڪ“ سان پنهنجي آخري ملاقات ياد آئي. مان تڪڙو تڪڙو هلندو گاڏي ڪاتي ڏانهن ۽ هو سامهون کان ڪوهہ نور سئنيما وٽان، نڪ جي سِڌ ۾ هلندو پئي آيو.

اڙي ماڻڪ!

۽ بي اختيار سامهون کان ايندڙ شخص کي ڏسي اوچتو منهنجي چپن تي هُن جو نالو لهر وانگي چڙهي آيو.

ڪوئي دوست بہ هُن سان گڏ هو ۽ بريف ڪيس پنهي هٿن ۾ هئا.

وقت ڇا ٿيو آهي نصير!؟
پرسان لنگهندي اوچتو هُن مون کان ٽائيم پڇيو.
ڏاڍو خوفناڪ! ڏاڍو خطرناڪ! مون دل ۾ چيو ۽ واچ ڏسي ٻڌايم!
پوڻا ڇهه شام جا!
. . .

شايد حيدرآباد ۾ ماڻڪ جي اُها آخري شام هئي.
اُن کان پوءِ
پنڇي گم ٿي ويو
نِيري نِڀ ۾
اُوڏيهه سو نوي کان، اٺ سال اڳ: هُو شخص ماڻڪ هو. پنهنجي شناختي ڪارڊ ۾ (شايد پاسپورٽ ۾) اُوڏيهه سو نوي تائين مِٽيءَ جي مُٺ بڻجي چڪو. (۽ جنهن مِٽي جو هو ماڻڪ هو ان ۾ ئي رک ٿي ويو.) هُن جو سَرير هُن جون ڳالهيون، هُن جي وات مان نڪتل سڀ لفظ، سڀ جملا، هوا ۾ هوا ٿي چڪا، ۽ هُن جو آواز: الوپ ٿي ڪنن کان پري وڃي چڪو. . . ۽ لاحاصل ۽ لڳاتار جستجوءَ ڪرڻ جي باوجود، ماڻهو ويچارو ڇا آهي؟ ڇا آهي ويچارو ماڻهو؟
سمونڊَ جي سطح تي ڳرندڙ برف
ڳرندڙ برفَ
ڳرندڙ برفَ!
۽ 26 جنوري اُوڏيهه سؤ ٻياسي جو سج، ماڻڪ لاءِ جڻ اُڀريو ئي ڪونه. هو پنهنجي موهني بازار واري گهر ۾ ٻنهپرن جو اوچتو ڳالهيون ڪندي خاموش ٿي ويو ۽ شام ٿيندي ئي هُن جي وَني وِڌوا، پُٽ يتيم ۽ ”گهر اڱڻ“ ويران ٿي ويو ۽ دَر و ديوار تي جڻ ازلي ابدي سناٽو ڪنهن پکيڙي ڇڏيو.

**ياد ماضي:**
71-72 جو زمانو. . . قليلي واهه جي ڪناري سان پرڀات آرٽس سرڪل جي آفيس هئي. (الاس! اج اُتي ڪڙهائي گوشت، تِڪ ڪباب جي ماڊرن ريسٽارنٽ ”لب مهراڻ“ آهي.) اُتي شام جو چانهه جي ڪوپ تي سائين نثار حسينيءَ وٽ اديبن شاعرن، انڊر گرائونڊ شاگرد اڳواڻن ۽ فنڪارن جي سَيا سَجندي هُئي. ۽ ان ئي سَيا ۾ مون علي بابا، جام ساقي، بيدل مسرور، شوڪت شوري. . . ۽ ماڻڪ کي پهريون دفعو ڏٺو هو. ڪنهن موڪل واري ڏينهن تہ مان سائين نثار حسينيءَ سان گڏجي ٽنڊي آغا جي اُن ننڍڙي ڪواٽر تائين بہ ويو هئس، جتي ماڻڪ ۽ سندس ساٿاري مير ٽيپو گڏجي مسواڙ تي رهندا هئا. اُن ڏينهن، ماڻڪ مون کي پنهنجي گهر وانگر ڊسٽربڊ، ٽڙيل پکڙيل ۽ وکريل لڳو هو. اڱڻ ۾ ورانڊي کان رِڌڻيءَ جي دريءَ تائين ٽاٽيل رسي. رسيءَ تي ”اونڌا سِڌا، ڇِبا ڦِڏا ڪپڙا، ٽُوال ۽ جوراب ٽنگيل، وهنجڻ جي جاءِ جي در وٽ بالٽي ۽ چَل بي ترتيب انداز ۾ رکيل. اونهاري جي اُس کان واڙُ

بچائڻ لاءِ، ڪٽ ديوار جي ڇانو ۾ اُپ ڪڙي بيٺل. ورانڊي جي پلر سان ٻيگل ٻانهن واري ڪرسي تي شيو جو سامان اُس ۾ اُڇليل. اندر ڪمري ۾ به اهڙي ئي ڪنڊيشن. اُن ڏينهن سائين نثار مير ٽيبي ۾ ماڻڪ الائي ڪهڙن ڪهڙن موضوعن تي ويٺي ڪچهري ڪئي ۽ هر ڳالهه کان لاتعلق تي، مون اُن جاءِ جو جائزو پئي ورتو ۽ سوچيو: اچا ته ”حويلي جا راز“ ۽ ”لُڙهندڙ نسل“ جو اَرڏو ليکڪ، هن بي ترتيب گهر ۾ رهي ٿو!

ماڻڪ جي شروعاتي، ڳُجهي ۽ گهريلو زندگي جي اسٽڊي ڪرڻ جو گهڻو وجهه ڪڏهن به ڪونه مليو هو مونکي. زندگيءَ جا جيڪي پل، گهڙيون پهر مون هن کي ڏٺو ۽ مشاهدي هيٺ آندو هو اُن مطابق هو مون کي هميشه ”اِن سڪيوئر“ لڳو. لڳندو هو ڄڻ هو غير محفوظ آهي. پنهنجي ناول ”ساهه مٺ ۾“ جي نائڪ وانگر هُن کي به شڪ هو ته ڪو ماڻهو هن کي فالو پيو ڪري، ڪو نامعلوم شخص هن جي پويان آهي ۽ هُن سان ڳالهائيندي اوچتو لڳندو هو ته هُو زنده رهڻ لاءِ ڪنهن Justification جي ڳولا ۾ آهي، ( ۽ ان ڳولا ۾ تلاش ۾ هلندي هو اڄ ڪيڏو نه اڳيان نڪري چڪو آهي.) هُن سڄي زندگيءَ اَندر – ٿون ڳالهايو. بحث ۾ ڳالهائيندي، هُن جي انداز ۾ شدت ضرور پيدا ٿيندي هئي. پر، آواز ۾ لائوڊينس- ڪاوڙ يا ڪروڌ جو اظهار؟ هرگز نه! ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ هُو اڪثر بهادري ۽ جرئتمندي جو به مظاهرو ڪندو هو. ۽ اهڙين باغيانه ڳالهين ۾، هُن جون ڳالهيون اڪثر گمڀير سوچ ڏيندڙ ۽ سبجيڪٽو هونديون هيون. (۽ ٻلوان ۽ سگهه ڀريون ڪهاڻيون لکندڙ ماڻڪ، شخصي زندگيءَ ۾، هڪ الڳ ماڻهو ۽ ڊنل شخص هو. (ڊپ شايد ان ڳالهه جو به ته: دل شڪني نه ٿئي ڪنهن جي، سندس ڳالهين مان ڪو ڏک نه پهچي ڪنهن کي. ايذاءُ نه رسي ڪنهن کي).

مون هن کي واچ ڪيو ۽ ڏٺو هو ته: هُو اڪثر پنهنجي اندر – سانت ۽ گمنام رهڻ پسند ڪندڙ شخص هو. وڏيون محفلون، وڏا بيان ۽ وڏي عمر جا بيوروڪريٽ ٽائپ اديب، شايد هُن کي پسند ڪونه هئا. ان ڪري، مون هن کي وڏين محفلن، وڏن ماڻهن جي فيئرويلز ۾ ڪڏهن به اُٿ ويهه ڪندي ڪونه ڏٺو هو. ( . . . ۽ ٻُل ڊاگ ماڻهن جي هِن سماج ۾، ماڻڪ هڪ يوگيءَ جي زندگي بسر ڪندڙ شخص هو.) اسٽيٽس جي لحاظ کان هو قطار جي آخر ۾ بيٺل، مڊل ڪلاس جو پريشان ماڻهو هو. نونئون پاسا هٽي، بي ضمير ماڻهن جي انبوهه ۾، نه هُن ڪڏهن اڳيان وڌڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ نه ئي ڪا ڪرڻ پئي چاهي. ”ائين ڪرڻ جي نه تربيت آهي نه مزاج. (ماڻڪ جي هڪ خط مان )“ . . . بي پناهه تخليقي صلاحيتن هجڻ جي باوجود، هُو سڄي زندگي سترهين گريڊ جو آفيسر نه بنجي سگهيو. ها! هُن ايم.ايڊ ۽ بي.ايڊ ۾ اي گريڊ ضرور حاصل ڪري ورتا هئا.

۽ اوڻيهه سو ايڪاسي جي پڇاڙيءَ ڌاري، انهن زيادتين جي پس منظر ۾، جڏهن ظفر عباسيءَ هڪ انٽرويو ۾ هن کان پڇيو هو ته:

”ڪنهن کان شڪايت؟“

جواب ڏنائين ”ڪنهن کان به نه“

”پلا نفرت؟“

”صرف هن ديس جي ويري ۽ انسان دشمن کان سخت نفرت اٿم.“

ستاويهين جنوري جي ڪوهيڙي ۾ ورتل شام جو نواب شاهه جي موهني بازار مان لنگهي اسين ماڻڪ جو پُرسو ڏيڻ لاءِ هُن جي گهر ۾ گهر وارن جو ڏس پتو پڇڻ لاءِ واجهائي رهيا هئاسين، تڏهن مانڊڻي نما هڪ هَٽ وٽ، سائيڪلن جا پنڪچر ناهيندڙ– پوڙهي شخص ڏانهن وڌي ويا هئاسين.

يا عزيز!

ماڻڪ صاحب جي گهر جو ڪو ڏس پتو؟

ماڻڪ!

ڪير ماڻڪ؟

جيڪو ڪهاڻيون لکندو هو ۽ ڪالهه پنهنجي جو رضا ڪري ويو آهي.

ها... ها ميمڻن وارو ڇوڪرو نه، جنهن خودڪشي ڪئي هئي!

خودڪشي...؟

۽ اسان سڀني دوستن جا چهرا، پوڙهي شخص جي ان اوچتي اطلاع تي، سواليه نشان جو اسٽيڪر بڻجي، هڪ ٻئي جي چهرن تي پنڊولم وانگر لڙڪڻ لڳا.

ماڻڪ جي ان ڏکدائڪ پڄاڻيءَ بابت ۽ ڏچڪو رسائيندڙ ان ٻڌل خبر جي پس منظر ۾ سندس آپگهات جو ڪو نوس ڪارڻ ڪوئي مضبوط ثبوت، اُن وقت بظاهر ته ڪنهن ڪي به ڪونه پئي سُجهيو پر وفات کان ڏهه ڏينهن اڳ سائين نثار حسينيءَ وٽ پهتل سندس آخري خط ( ۽ واقعي آخري خط مان) اُن جا انديشا، انومان چاهجن ته ڪيڏي به سگهجن ٿا.

”پيارا نثار! اهڙي قسم جا خط اڳ به لکي چڪو آهيان. وري هڪ ڀيرو يقين ڪرڻ چاهيان ٿو. ڳالهه دراصل هِيءَ آهي ته هِتي مون کان نڪو وڪالت ٿي هلي ۽ نه ڪو ميڊيڪل اسٽور. تربيت ئي اهڙي ٿيل آهي جو ٻنهي ڏنڌن ۾ نڳي! جيڪا مونکي نٿي اچي. مان اهو ڄاڻڻ ٿو چاهيان ته ڇا اتي سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ ۾ ڪا جاءِ خالي آهي؟ مون وٽ ايم اي سوشالاجي ۽ ايم ايڊ جون ڊگريون آهن.

ذهني ٽڪ سبب في الحال لکڻ ڇڏي ڏنو اٿم. نصير جا ڪهڙا حال آهن. جواب جو بيچينيءَ سان انتظار رهندو. اوهان جو پنهنجو منير (ماڻڪ) 16 جنوري 1982ع“

۽ خط جي جواب جو بي چينيءَ سان انتظار ڪندڙ ماڻڪ – سائين نثار حسينيءَ وٽان ڪو جوڳو جواب پهچڻ کان اڳ ئي، مايوس ٿي زندگيءَ جي وشال منظر مان گم ٿي چڪو.

ڪا آس؟

نه واٽي تي بيٺل.

ڪا اميد؟

يا ته باغي ٿي اُپران.

يا جڏهن صُبح جو سج اُڀري ته منهنجو مُئل، اڻ ساهو وجود ڪٽ تي پيل هجي. (ماڻڪ جي ڏنل آخري انٽرويو مان ڪوريل)

عذرخواهيءَ جي بجا آوري لاءِ جنهن ڪمري ۾ ماڻڪ جي ننڍي ياءَ اسان کي آڻي ويهاريو اُتان پنهنجي اَڻ – ساهي وجود سان ماڻڪ وڃي چڪو هو. ڪتولي تي اُن وقت ماڻڪ جو ضعيف، بيمار، ڏڪويل ۽ بي وس و لاچار پوڙهو پيءُ ليٽيو پيو هو. (۽ افسوس! اهو بہ هاڻ مرحوم بڻجي چڪو آهي.)

.... سڏڪن – هاڻي آواز ۾ اُپ ساهي واري تڪليف جي ڪري، ماڻڪ جي والد صاحب جي ڳالهين ۾ جوابن ۾ ڪئي اشارا، ڪئي پار، ڪئي ڪامائون، ڪئي ڪٿائون هيون، ”صبح جو هو پنهنجي ميڊيڪل اسٽور تي ويو هو. 12 هين ڏاري موٽي گهر آيو. چيائين، طبيعت ٺيڪ ڪانہ اٿم. کٽ تي ليٽي پيو. ليٽڻ سان اچي پيو اُلٽين ۾، بي آرامي ايتري هئس جو ڏنو نہ پئي ٿيو... پوءِ الائي ڪيئن آرام اچي ويس... الائي ڪيئن آرام اچي ويس...؟

( ۽ منجهند ڏاري، ڪهاڻي ڪٿا ٻڌائيندڙ ماڻڪ پاڻ ڪهاڻي بڻجي چڪو هو.)

ماڻڪ جديد احساس جو اُهو نمائنده ڪهاڻيڪار هو، جنهن وٽ فن بہ هو تہ فڪر بہ. جيڪو پاڻ سميت سيني جي احساس جُرئت کي، ستل ضمير کي جاڳائيندو رهيو ۽ انهيءَ کي هن پنهنجي اخلاقي ذميداري بہ سمجهيو هو. هو ڪميٽڊ ليکڪ هو آهي ۽ رهندو. (ممتاز مهر)

بي رحم، ظالم ۽ قاتل ليکڪ. سنڌي ليکڪن جي ڊگهي قطار کان هٽيل ۽ الڳ. سنڌي ادب جا ٺيڪيدار، جنهن کي مڃڻ لاءِ تيار نہ - ۽ پڙهندڙ هن کي شوق سان پڙهڻ کان پوءِ گاريون ڏيندا آهن. (شوڪت شورو)

ايندڙ دؤر ۾ ماڻڪ جا پڙهندڙ وڌيڪ پيدا ٿيندا. (امداد حسينيءَ)

اسين سچ کي، حقيقت کي ڪپڙا پهرائي پيش ڪندا آهيون ۽ ماڻڪ جو وڏي ۾ وڏو ڏوهہ آهي ٿي اهو تہ هُن اگهاڙو سچ پيش ڪيو. ۽ حقيقت تان ڪپڙا لاهي ڇڏيا. اسان مان گهڻا ان کي قبول نہ ڪندا. ها! جي چاهين تہ ماڻڪ کي دل کولي گاريون ڏئي سگهن ٿا. (شوڪت شورو)

ڪهڙين حالتن اوهان کي اگهاڙي سچ لکڻ تي مجبور ڪيو؟

ننڍپڻ کان تجسس جي هير، انساني لاڳاپن ۽ ناتن جي مشاهدي جي عادت، ڪتابن جي اڃياس - ۽ سڌي سنواتي مزاج، انهن سيني گڏجي لکڻ لاءِ اتساهہ پيدا ڪيو. (ماڻڪ جي آخري انٽرويو مان ڪوريل حصو)

ماڻڪ نہ فقط پنهنجي سڀاوَ ۽ مزاج جي لحاظ کان ئي سڌو سنواتو هو پر هن جا ظاهري سروپا بہ نهايت سباجها ۽ سمپل هئا. پنج فوٽ ڪجهہ انچ قد، چهرو گول، اکيون وڏيون ۽ ڪارين ماڻڪين واريون، پرؤن، رُوسي ماڻهن جهڙا گهاٽا ۽ گهُنڊيدار: گهاٽيون ۽ گولائيءَ مائل بئلينسڊ مُڇون، آڱرين جي پنين حصن ۽ ڇاتيءَ تي پشم جهڙا نرم نرم وار ( ۽ هٿ ملائڻ وقت يا ڏسڻ سان هٿن ۽ ڇاتي وارا اُهي سندس وار هميشہ مون کي پريشان پيا ڪندا هئا.) هٿ ترِيون پيازي ۽ انتهائي ڪومل،هٿ ملائبس تہ لڳندو هٿ ڪنهن آرادمرده فوم ۾ هليو ويو آهي. اِها ئي نرمي ۽ ملائميت، هُن جي آواز ۾ بہ هئي ۽ مُرڪ ۾ بہ! ( مان هن وقت بہ هي سٽون لکندي، جڻ سندس آواز ڪنايان وينو.) هُن جي پرسان

ويهبو ته، لڳندو اسين پيار ۾ سرشار ٿي، هُن ۾ سمائبا پيا وڃون. سياوَ ۾ ايڏو اطمينان، ايڏو سُڪون، ايڏي اڪيلائي جو توهان هُن جي پرمان لنگهي وڃويا هُو توهان جي پرسان، پتوان جو ٻنهي کي ڪو نه پوندو.

هلڻ چلڻ نهايت شانائتو ۽ ايڏي شفقت مان جو پائين ته، هلندي متان ڌرتيءَ تي بوجهه وڌيڪ نه پئجي وڃي. . . ۽ مان سنڌ جي هِن بنهه ارڏي، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار جي انهن بظاهر سروپن ۽ سياوَ کي ڏسي حيران وينو ٿيندو ۽ سوچيندو هئس ته : اهڙي شخص وٽ اهي ارڏايون، ايڏيون بغاوتون، آهن آخري کهڙي هنڌ موجود؟ ۽ عزيزو! ماڻڪ پنهنجي همعصرن ۾ محض ڪهاڻيڪار يا ليکڪ ته هوئي ڪو نه – هو ته باغي هو. . . باغي!

۽ ادب ۾ ماڻڪ جي پهرين بغاوت پريي اعلان جو سِرو هو "حويلي جا راز" ( ۽ ماڻڪ اها ڪهاڻي لکي جڻ ته سنڌ جي ڍهندڙ جاگيرداري نظام جي حويلين تي زبردست شيل ڦٽو ڪيو هو. مون کي پڪ آهي ته : جڏهن اهو جاگيرداري نظام، مڪمل طرح سان ڍهي پوندو، تڏهن حويليءَ جا راز ڪهاڻيءَ کي تعليمي نصاب ۾ ضرور شامل ڪيو ويندو. ممتاز مهر) اُن کان پوءِ ماڻڪ جو سماجي قدرن ۽ انساني لاڳاپن جي اصليت کي ڏيکاريندڙ ناولٽ، "لڙهندڙ نسل" پڌرو ٿيو. ۽ لڙهندڙ نسل کان ادب ۾ ماڻڪ جي حوالي سان بنهه شخصي فرسٽريشن واري ادب، تخليق ٿيڻ کي ٻه جڻ هٿي ملي ويئي.

ممتاز مهر چواڻي: ماڻڪ ون يونٽ جي ڍهڻ جي سُتت پوءِ واري دور جي سنڌي نوجوان جي ذهني ڪيفيت کي هڪ حساس نوجوان جي حوالي سان پنهنجي ناولٽ "لڙهندڙ نسل" ۾ چٽيو آهي. . . اُن کان پوءِ هڪ ٻئي پويان، "چهه انام ڪهاڻيون" ناولٽ "رج ۽ پڙاڏا" . . . ۽ "ساهه مٿ ۾" تائين ماڻڪ جي ڪهاڻين، ناولٽن جا موضوع ۽ اسٽائيل انتهائي چرڪائيندڙ ( ۽ شايد چيڙائيندڙ به) رهيا. وڏي ۽ اهم ڳالهه هي به ته: نورالهديٰ شاهه جي ڪجهه ڪهاڻين کي ڇڏي ڪري، اهڙن موضوعن کي نه ڪائنس اڳ ڪنهن ليکڪ اهڙي ريت ڇُهڻ جي جرئت ڪئي هئي ۽ نه ڪائنس پوءِ. سنڌ ۾ پنهنجي ان ارڏي ۽ سگهه پري اسٽائيل جو – هُو اڪيلو ۽ جهڙوڪر آخري ليکڪ هو.

ماڻڪ جيئڻ زندگيءَ کي سمجهيو ۽ محسوس ڪيو هو تيئن اُن کي پنهنجي تخليقن ۾ پيش ڪيو. سندن پيشڪش جو انداز ان حد توڻي حقيقي هو جو انهي ۾ سماجي حقيقتن ۽ ٻُڇڙاين جي عضون جا، انگ انگ ڌار ڌار ڪري، ڪاڳرن تي جڻ هو ڊير ڪندو ويندو هو. ٻولي به پنهنجي ڪهاڻين ۾ هُو ڪا عام رواجي ۽ مروج انداز واري ڪو نه لکندو هو. حقيقتن کي چِٽڻ لاءِ، هن ٻوليءَ جو نئون گهاڙيٽو اختيار ۽ ايجاد ڪيو هو. ڊگهن ڊگهن ۽ بورنگ جملن جي پيٽ ۾، هُن واپرايا، ننڍڙا ننڍڙا، پتڪڙا جملا، سِٽون مختصر – سٽن ۾ فل اسٽاپ. ڪاما ۽ سيمي ڪولن جو پورو پورو خيال. انهن ڳڻن تي عبور سبب هُن وٽ لکڻ جي اهڙي سگهه ۽ تِرڪ هئي جو ڪهاڻين ۾ هُو جنهن قسم جي ماحول کي ڏيکارڻ چاهيندو هو - Create ڪري ڏيکاريندو هو. ( مثال طور: "گئس چيمبر" ۽ "ڪارو ڪاري" ڪهاڻي. ناولٽ "پاتال ۾ بغاوت" "ساهه مٿ ۾" ۽ ٻيا به) ۽ خاص ڪري ماڻڪ جڏهن سنڌي يونيورسٽي جي آرٽس فيڪلٽيءَ ۾ مون کي "امداد چانڊيئي" کان پنهنجي ناول "ساهه مٿ ۾" جو اسڪرپٽ رِيبو لاءِ وٺي ڏنو هو. . . ۽ جڏهن گهر پهچي آڌيءَ رات جو ان کي مون پڙهڻ شروع ڪيو، تڏهن ويهن

پنجويهن صفحن پڙهڻ کان پوءِ اوچتو ناول جي "نائڪ" جو پيءُ خوف، حيرتون ۽ اُڻ تڻ جڻ منهنجي رڳن ۾ سرايت ڪري ويون هيون. لڳم، "اُهو انقلابي پروفيسر مان آهيان، بغاوتن سان جنهن جو ذهن تمتار آهي. اهو شخص مان ئي آهيان، جنهن کي آمريت جا گماشتا، "سي آئي ڊي" ۽ "ايف آئي اي" جا ڇاڙتا واڳهه وانگر آدم بُو آدم بُو ڪندا ڳوليندا پيا وتن.

ناول پڙهندي محسوس ٿيو. ڄڻ ڪوئي ساهمون پٽ تان مون کي گهُوري پيو. هوا جا آواز، در جو ٺڙڪو پري کان اينڊڙريل جي ڪُوڪ، گهنٽيءَ مان لنگهڻ سبب ڪنهن جي پيرن جو کڙڪو ۽ بيا اهڙا ڏيڄاريندڙ ۽ پُراسرار آواز. . . پس منظر طور ناول پڙهندي مون کي ڏيڄاڙيندا رهيا ۽ مون محسوس ڪيو. ڄڻ ڪوئي منهنجي سُمهڻ جو پيو انتظار ڪري. جيئن ئي سمهان! آساني سان، منهنجي نڙي تي هو پنهنجا نُنهن رکي سگهي. "ضياءَ آمريت" واري دؤر کي جيتري فل سگهه سان هِن ناول ۾ ماٺڪ پيش ڪري ڏيکاريو اُن جو ڪو بيو مثال سنڌي ادب ۾ اڃا ظاهر نه ٿيو آهي.

"حويلي جا راز" "لڙهندڙ نسل" "رج پڙاڏا" ڇهه "انام ڪهاڻيون" "پڇتاءَ" "پاتال ۾بغاوت". . . ۽ ادب ۾ماٺڪ لکيو بي پناهه ۽ ڳالهايو بنهه گهٽ (ڏسڻ ۾ بنهه سادو ابوجهه. پر اصل ۾ هِيٺو اڳ ۾ گرم گرم بحث ڪندڙ پوءِ گهٽو ڪري خاموش رهندڙ (ماٺڪ لاءِ شوڪت شوري جو تاثر)

"مون به ڏٺو هو ته، سنگت جي سٽنگس ۾، هُو ٻُڌندو وڌيڪ، ڪُڇندو گهٽ هو. سندس لکت تي ڪنهن ڏس کان جي ڪا جُلهه ٿي ته، اُن تي به اموشنل نه ٿيندو. اظهار ڪرڻ چاهيندو ته اول جلول ڳالهائڻ بدران عادت مطابق پهرين اُن جو تت، جواب جي صورت ۾ پني تي لکندو ۽ پوءِ لکيل جواب پڙهي ٻڌائيندو. سندس ڏيان ڪو جي سندس لکڻين بابت اسان جي بزرگ دانشورن جي اعتراضن رمارڪس ڏانهن ڇڪائيندو هو ته، Avoidڪندي چوندو هو:ڇا انهن کي به جواب مان ڏيان؟ يار! مان لکڻ لاءِ پيدا ٿيو آهيان، وضاحتون ڪرڻ، ڳالهائڻ ۽ جواب ڏيڻ لاءِ نه!"

واقعي ماٺڪ، قلم سان لکڻ ۽ سماجي وارتائن، ناانصافين سان ٻُڌ ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو هو. زبان سان اَوائي توائي ڳالهائڻ، لفظن جي "جمع خرچ" لاءِ اطلاع عرض آهي ته. . . "ها سو ڳالهه پئي ڪيم" ٽائپ لکندڙ ڪالم نگار ۽ شاعر ڪم صحافي ڪافي آهن!

۽ ڪئي سال (ڪئي ميل) ماٺڪ پنهنجي سوچن ۾ پنڌ ڪندي، پنهنجي قلم ۾ مَس بدران رتُ پري ٻُڌ ڪئي، سفر ڪيو آخر ڪيستائين؟ ڪيستائين آخر؟ انت ته آهي ئي. ڪڏهن دير، ته ڪڏهن سوير. پر ماٺڪ جو رستو اڌ پنڌ ۾ ئي کُٽي پيو. زندگيءَ ۾ شخصي مسئلن ۽ ڪهاڻين ۾ وري سماجي مامرن جو سُٽ سُلجهائيندي سُلهائيندي، هُن کان پنهنجي زندگيءَ جي ڌاڳي جو سِرو ڪٽي ڇڏائجي ويو.

سوچيان پيو: ماٺڪ، ڪئي موقعن تي، ڪئي دفعا، سنڌ جي ڪئي قبرستانن جي پرسان ۽ نواب شاهه جي "نور مسجد" واري مقام وٽان به اڪثر لنگهيو هوندو. اُهوئي نور مسجد جو ايوان، جتي ماٺڪ کي هڪڙي بيگاهه سَمئي جو ڏوليءَ ۾ کڻي آندو ويو. لالٽينن جي مدّم ۽ جهيٽي جهيٽي روشني جي پُراسرار پاڇولن ۾، مِٽن مائٽن دوستن گڏجي هُن کي قبر ۾ لاٿو ۽ هوريان هوريان مِٽي ورائي، دفن ڪري ڇڏيو. ( ۽ اک ڇنڀ ۾ ۾ سڀ دروازا بند) ۽ اچانڪ، سڄي دنيا جا مظلوم، محڪوم ۽ محروم پڙهندڙ

پنهنجي آدرشواري ليڪ جي نرم گرم سارُوپن ۾ معصوم مُرڪندڙ چهري ڪان پل آپل ۾ محروم ٿي ويا.

۽ ٿرڊ ورلڊ جا محڪوم ماڻهو!

ماڻڪ وڃي چڪو

ماڻڪ ختم ٿي چڪو

پر ڇا، ماڻڪ مري سگهي ٿو؟

ڇا، ماڻڪ جهڙا ليڪ مري سگهن ٿا؟

ختم ٿي سگهن ٿا!؟

لِسن پليز

لِسن پليز

۽... ”گوئٽي جي ڇپن تي مرڻ وقت هِي لفظ هئا:

روشني

روشني

او روشني...

(01_12_1988 ڪتاب خيمي ۾ شام تان ورتل)

# پاتال ۾ بغاوت

## سليم احمد

هن ڪتابڙي تي مهراڻ جي 78/2ع پرچي لاءِ تبصرو ڪرڻو هوم پر موڪلي 78/3ع لاءِ رهيو آهيان. اوير نسوري منهنجي آهي – ڪجهه پڙهي پوري ڪرڻ ۾ ڏکيائي جي ڪري. ڪجهه سِيفيوس (ماڻڪ موجب: سسيفس) واري ڏند ڪٿا وري پڙهي ڏسڻ لاءِ يوناني ديومالا تي ڪنهن ڪتاب هٿ ڪرڻ جي اڏوگابري ۽ ان ڪارڻ اڻ سڦل ڪوشش جي ڪري، ۽ ڪجهه نلهي سُستي جي ڪري. پڙهي پوري ڪرڻ ۾ ڏکيائي ان ڪري جو اولي، خاص ڪري مهاڳ ۾ اهڙي ڪم آندل آهي اُهي جو معنيٰ مطلب پروڙڻ لاءِ ساهيون ونڻيون ٿئي پيم. انهن ساهين ۾ عجيب قسم جي پنڪچوئيشن ۽ پروفن جي چُڪن جو بہ هٿ هو. يوناني ديومالا تي ڪتاب هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ان ڪري جو اهو ڄاڻڻ ٿي چاهيم تہ آڳاٽي يونان جي ڪارنٿ نالي عياشيءَ ۽ لُچپڻي ڪان بدنام شهر جي ڏندڪٿائيءَ بانيءَ ۽ پهرين بادشاهي سِيِيسفوس، ڪي مهاديوتا، زيوس، جن لوپ ۽ ننگيءَ جي ڪمن تان پاتال ۾ سنگ مرمر جي ڇپ ٻنهي هٿن سان ڊِڪي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پڄائڻ جي ڪڏهن بہ پوري نہ ٿيندڙ سزا ( ڪڏهن بہ پوري نہ ٿيندڙان ڪري جو ڇپ چوٽي تان ڦرندي اڇي وري پٽ تي پوندي هئي) ڏني هئي، تن جي وچور ڇا هئي. جي ماڻڪ پنهنجي 25 صفحن جي مهاڳ ۾ ڪٿي منڍ ۾ اصل ڏند ڪٿا بہ درج ڪري ها تہ هوند مون پارن ويسرين ۽ گهٽ ڄاڻ تبصري ڪندڙن جو پلو ٿئي پئي ها.

”پاتال ۾ بغاوت“ جا بہ پاڳا آهن. پهريون پاڳو ( س س 9-33)، ”سسيفس جي ناڪار“ هڪ طرح جو مهاڳ آهي، جنهن ۾ ماڻڪ هِن ”دائمي ڦتڪاريل ۽ ننديل“ ڪردار بابت پنهنجيThesis هيٺن اپٽاري آهي: ”سسيفس، ڪامڙ پاران مڙهيل وجود ڪان مٿانهون آهي. گهڻو مٿانهون. ڇاڪاڻ تہ اهو اختيار جو ننديل آهي ۽ ڦتڪاريل. سندس وڏائي انهيءَ ۾ آهي تہ هو سدائين، هر ويل، اختيار ڪي چوي ٿو : نہ – جو ڪجهه مٿس مڙهيو ويو آهي، اختيار پاران، جنهن وٽ سگهہ آهي، سسيفس ان کي ٺڏي ٿو. نابري واري ٿو. نہ ۽ انهيءَ ”نہ“ جي حد ڪي ”پاڻ هجڻ“ جي اظهار جي سرحد شروع ٿئي ٿي. جنهن ۾ پنهنجي تقدير / چرپر جي چونڊ جو حق محفوظ رهي ٿو چونڊ جو حق، جيڪو آزاديءَ جو تت آهي. تنهنڪري الائي فتوائن، مقدس احڪامن ۽ اختيارن جي سرن ڪي ٺڏڻ، سسيفس پنهنجي اخلاقي جوابداري سمجهي ٿو... سندس ناڪار... اختيار طرفان مڙهيل امر ڪي للڪار آهي. هو اهو نٿو مڃي تہ ڪو مٿانهون، يا ڪا مٿئين هستي سندس باري ۾ فتوا مڙهي، فيصلو ڪري، نصيب جوڙي، ۽ نہ ئي هو انهيءَ حيثيت ماڻڻ لاءِ جاکوڙ ڪري ٿو پاڻ مٿانهين مڙهيندڙ هستي بڻجي، جيڪا ٻين جي مٿان فتوائون مڙهي ۽ نصيب ٿاڦي، سندس ناڪار ۽ پنهنجي هستي جي هانڪار لاءِ آهي . (ص ص 27-22،23): انهي ناڪار ڪي develop ڪندي، ماڻڪ پاڻ اختيار / سگهہ جي هر علامت جهڙوڪ خدا، مذهب نظريئي، رياست، استبلشمنٽ، قاعدي قانون جو منڪر ٿئي ٿو ۽ انهن علامتن ڪي

هوڪارڻ / للڪارڻ / ٽڏڻ / ناڪارڻ هيٺن / وهيٽن / خلق / عوام، خاص ڪري حساس ۽ ايماندار فنڪار جي، "اخلاقي جوابداري" ۽ "آدرش" ڄاڻائي ٿو. . . . . . . . . . ٻيو پاڱو جوص 37 کان 79 تائين آهي، تنهن ۾ اصل Story بيان ڪيل آهي. جاءِ واردات پاتال / موت – گهر هاديس ( ماڻڪ موجب : هيڊز) ۽ ديوتائن جي دربار، اولمپوس آهي. هاديس ۾ ديوتائن جي ٻين " ڦٽڪاريل، دائمي سزا ڀوڳيندڙن" سان گڏ سيفوس بہ پنهنجي اڻ کٽ سزا جو عتاب ڀوڳي رهيو آهي - ۽ اهو سلسلو جڳن کان هلندو اچي ٿو. اصل قصي جي شروعات تڏهن ٿئي ٿي، جڏهن "هڪ لڱا اوچتو" سيفوس ڇپَ ڪي ريڙهڻ بند ڪري، ان مثان ويهي رهي ٿو ۽ پهرين پاتال / موت – گهر جي واليءَ، هاديس، جي هڪل تي ۽ پوءِ مهاديوتا، زيوس، جي پيغمبر، هيرمس (ماڻڪ موجب : هرمز) جي چوڻ تي بہ پٿر ريڙهيءَ چوٽي تي پڄائڻ کان انڪار ڪري ٿو. تنهن تي ڪيس اولمپوس ڏانهن نيو وڃي ٿو. انهيءَ حڪم سان تہ سندس سزا جو چڪر ايترو تہ تِکو ڪيو وڃي، جو منجهس سوچ لاءِ ڪا وٿي نہ بچي، سندس سونجهہ جا سمورا ڳڙ ڪڙا بند ٿي وڃن. پر سندس پيڙا جي سرت ۽ بيوسي جي ڄاڻ جيئن جو تيئن رهي.

سرورق تي جو ڪارڊ آهي، هڪ هيٺي/وهيٽي انسان جو چٽ آهي، جنهن جا هٿ Larger than life آهن ۽ چوڏاري ڇانيل اونده جون ڪڙيون، سندس هڪ ئي مک سان ڇيهون ڇيهون ٿي رهيون آهن.

منهنجي هڪ دوست، جو ميجيل ڪهاڻيڪار بہ آهي، منهنجي پڇڻ تي ماڻڪ ڪي indecent ليکڪ سڏيو هو ۽ indecent لِکڻي جو جيڪو مثال ڏنو هئائين، تنهن مان ڄاتُو هئم تہ ماڻڪ ۾ اهو سڀ ڪجهہ چئي ڏيڻ جو ساهس آهي، جيڪي ٻيا هوند سوچيندي بہ ڪيٻائين. "پاتال ۾ بغاوت" جي بہ اهائي striking خوبي آهي. ماڻڪ سوچ توڙي لکڻي ۾ سراسر unorthodox آهي. هن لاءِ ڪجهہ بہ مقدس ۽ سڳورو اڇوت نہ آهي – پر رڳو سنڌ جي milieu تائين، چو تہ شايد ئي ڪو اهڙو موضوع هوندو، جنهن ڪي اولهہ وارن ڪنيو ۽ وائکو نہ ڪيو هجي.

"سسيفس جي ناڪار" rationale جي بدران هڪ قسم جي جذباتي، منجهيل ۽ لفاظي سان ڀُر exposition تي پيو آهي. ان جي jerky ٻوليءَ ۽ ڇوهي لهجي مان ائين ٿو لڳي ڄڻ ماڻڪ جذباتي صدمي جي اثر هيٺ، غضبناڪ ٿي ويو هجي ۽ دماغ جي بدران دل سان سوچڻ لڳو هجي. هو انهيءَ غضبناڪيءَ جي ترار ٻنهي هٿن ۾ ڪٽي چوڦير گهمائيندو نظر اچي ٿو پر سندس ڏک ابهرا، اتاڇرا ۽ انڌا آهن، جي سندس سوچ جي anarchy ڪي وائکو ڪن ٿا. ۽ "نہ" جي زور تي اختيار ۽ سگهہ جو بُت ڀڃيندي ڀڃيندي هو خود "نہ" جو بُت گهڙي بيهاري ٿو. جنهن جي امر اڳيان پاڻ ماڻڪ بہ هيٺو، بيوس ۽ لاچار آهي.

" سيفوس جي ناڪار" ۾ ماڻڪ پنهنجي سورمي مان هي ٽئي آسون بہ رکي ٿو: (1) تہ هو "پاڻ هجڻ" جي اظهار لاءِ سدائين، هر ويل اختيار ڪي چوندو "نہ" (2) تہ هو خود پنهنجي لاءِ اختيار ۽ سگهہ جي ڪالگ / گهر / جاکوڙ نہ ڪندو، (3) تہ هو منهنجي ناڪار سان جتي وهيٽي خلق جي احساس جرم ڪي جاڳائيندو، اتي اختيار جي احساس جُرم ڪي ڏونڏاڙيندو. پر ڪهاڻي ۾، جا دراصل story کان

وڏيڪ dialogue بلڪ monologue آهي. سيفوس رڳو پهرين آس پوري ٿو ڪري. باقي ٻيون به آسون پوريون نٿيون ٿين.

پهرين موت-گهر ۾ هيرسيس اڳيان ( ص ص 55-56) ۽ پوءِ ديوتا – دربار ۾ زيوس جي اڳيان (ص ص 71-75) هو پاڻ تي ههڙي "پوائتي سزا" ۽ سگهي. بيهودي. مشغوليءَ. مڙهجڻ جو ڪارڻ هيٺيو نِستوءِ بيوس ۽ ديوتائن منجهان نه هجڻ ٻڌائي ٿو ۽ سگهه ۽ اختيار جي باب ۾ جنهن passionate نموني ۾ ڳالهائي ٿو. تنهن مان پاسي ٿو ته اٽجاٽائيءَ ۾ سگهه ۽ اختيار جو ڪالڪي آهي. هن جو جاٽائيءَ ۾ اها ڪالڪ رکڻ وڏيڪ سپاويڪ ٿئي ها. پر هو "مهان ۽ اتم" آهي. ۽ شايد سپاويڪ ٿيڻ ۾ ڪا وڏائي ۽ اَتمتا نه آهي.

سيفوس جي بغاوت تي ڪتاب هيٺ آيل روحن طرفان جيڪي ردعمل (چرڪ پري ڪنبڻ. اچرج پريل نگاهن سان ڏسڻ. هاريس جي مرڪ تي چرڪجڻ وغيره) ۽ هاريس. هيرميس ۽ زيوس طرفان جيڪي ردعمل (نرڙ گهنجائڻ. اکيون چنجهيون ڪرڻ. منهن جو تامڙي ٿئي پوائتو ٿيڻ. آواز ۾ ڪروڌ ۽ غضب جي باه اوتي سيفوس کي هيسائڻ. مڃائڻ. ڊيڄارڻ ۽ مرعوب ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ وغيره) ظاهر ڪيا وڃن ٿا. تن مان ڪٿي به اهو محسوس نٿو ٿئي ته ڪو وهيٽي خلق جو احساس جرم جاڳي يا اختيار جو احساس جرم ڏونڏاڙجي رهيو آهي. ۽ انهن رد عملن کان "سرت پري ۽ سڃاڻ" سيفوس جي بيپرواهي ڏيکاري ٿي ته هو پنهنجي ذات جو اسير آهي. کيس ٻاهر وارن/ ٻين سان دلچسپي ڪانهي.

ذات جي اها اسيري هن ڪردار جي طاقت به آهي ته ڪمزوري به. طاقت ان ڪري جو هو نتيجي کان لاپرواهه ٿي سرڪشي ڪري ٿو ۽ جيڪي سچ سمجهي ٿو سو چئي ڏي ٿو. ڪمزوري ان ڪري جو هن جي سرڪشي ۽ حق گوئي خال(Vacuum) ۾ ۽ خال لاءِ آهي. ۽ جڏهن هو سوچ ۽ سونجهه ڦُرائي ۽ پيڙا جي سرت وڌرائي موتي ٿو تڏهن ڪا آس اميد نٿي رهي.نه هن لاءِ. نه ٻين لاءِ. جو پاتال ۾ ٻائيتال جي بدران گهرو سناتو آهي. چوڌاري موت جا پاڇولا رڙهي رهيا آهن. هي نراس پڄاٽيءَ هن ڪردار کي سگهي ڪُنيءَ وانگر گهٽو اُيامندڙ چرياڻ(foolhardy) ۽ پاڻ آزارائيندڙ بڻايو ڇڏي. اها هن سان نه پر هن جي ڏاڍائي. اُره زورائي ۽ هٺ چراند آهي. جو هو انهن تهمتن جو جن تان سزا ڏني وئي هئي. ڪوڙ وائکو نٿو ڪري. بجاءِ ان جي سزا ڏيندڙ اختياري کي indict ڪري ٿو ۽ جنهن passionate ٻولي ۾ لهجي ۾ هو پنهنجي ماضي ۽ پنهنجي پيڙا بابت ور ور ڪري ڳالهائي ٿو تنهن مان هو ايترو سڃاڻ سوچ وارو نٿو لڳي. جيترو brooder.

ماٽڪ جي ٻولي هونئن ته شاعراڻي سونهن واري آهي. پر ڪٿي ڪٿي jerky به آهي. جنهن سبب پڙهندڙ کي پنهنجي گرامر جي قاعدن جي پوئيواري ڪندڙ ٻولي سان هير پيچٽي پوي ٿي. امداد جو چوڻ آهي ته ماٽڪ ۾ نئين ٿهيءَ جا ڪجهه ٻيا ليڪڪ ٻوليءَ ۾ تجربا ڪري رهيا آهن. ڪا به ٻولي انهيءَ ٻوليءَ جي سيني ڳالهائيندڙن جي مُوڙي ۽ ملڪيت هوندي آهي. جو ته اهي ئي ان جا سرجيندڙ سنواريندڙ هوندا آهن. سنڌي تي ماٽڪ جو به ايترو ئي حق آهي. جيترو منهنجو جي هو ٻوليءَ ۾ ڪي

تجربا ڪرڻ گهري ٿو ۽ ڪندو رهي ٿو ته اڪين تي. مون، هڪ پڙهندڙ ۽ سنڌي جي وارث جي حيثيت ۾، ايترو ته لهڻو ته مون کي ٻڌايو وڃي ته نيٺ به هن انهن تجربن جي ضرورت ڇو محسوس ڪئي آهي؟

پڇاڙي ۾ ڪجهه ”پاتال ۾ بغاوت“ جي relevance بابت، سوچ هي لوچ سدائين آجيان لهڻي. هر نئون ويچار سوچ جي موڙيءَ کي وڏيڪ شاهوڪار ۽ سگهارو ڪري ٿو. پر جي اهو ويچار milieu پٺاندڙ ۽ چالو context ۾ هوندو ته وڏيڪ اثر ڪندو، وڏيڪ آجيان ماڻيندو. سنڌ جي واسطي سان ”پاتال ۾ بغاوت“ جي ڪهڙي relevance آهي، سا مونکي سمجهه ۾ نه آئي آهي. ڇپائيندڙن کي به سمجهه ۾ نه آئي هوندي، شايد ان ڪري ئي هنن پرنٽ آرڊر 500 رکيو آهي.

**(ٽماهي مهراڻ: 1978/4)**

# ڄميل وقت جون گرم يادون

## نثار حسيني

اڄ 26 جنوري آئي ها! 26 جنوري ساڳي 26 جنوري، سرد. پاري جيان ڄميل! سنڌ ساهت جي سنسار ۾ ڪوئي سڏڪو اڀري ٿو. لڳي ٿو ڪير ٿر جي ڪنهن اڏاهين چوٽيءَ تان ڪا برفاني ڇپ ڪسڪي ڦسڪي اچي هيٺائين تي ڪري آهي. ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي ڇا ٿيو؟ ڇو ٿيو؟ ڪيئن ٿيو؟ اڄا ته چار پنج ڏهاڙا اڳ ساڻس روح رچنديون ڪيون هيم. هو مون وٽ آيو هو ۽ چئي ويو هو ته وري جلد ايندس، پر هو نه آيو سندس مرتئي جو خبرنامو آيو. . . وقت ڄمي ويو آهي! وقت ٺري ويو آهي. وقت مري ويو آهي. ماڻڪ نه مئو آهي. ماڻڪ نه مئو آهي.

ماڻڪ سنڌي ادب جو بي ڏيپو سگهارو ۽ خود سر ليکڪ. هن ڪان 21 سال اڳ اڄوڪي ڏهاڙي يعني 26 جنوري 1982ع تي جسماني طرح اسان سڀني کي حالتن جي ٽواٽي تي ڇڏي، پاڻ اچانڪ، ڪمدلو سناٽي سفر تي سنبري پيو. جڻ ٽاڪ منجهند جو سج الهي ويو. ٻڏي ويو سنڌوءَ جي هن پار ڪنهن پاتال ۾. اها هڪ حقيقت آهي پر مان نه مڃيندو آهيان. مان ماڻڪ جي مرتئي جي حقيقت تي ويساهه نه آڻي سگهيو آهيان، مان پنهنجي من کي سمجهائي نه سگهيو آهيان، ان لاءِ ته ڪي ڪي حقيقتون، حقيقتن هوندي به سپنن جو ويس ڏاري ايندڙيون آهن ته ڪي سچ ۽ ساڀيائون سچ هوندي به خواب ڀاسنديون آهن. ماڻڪ ناهي مئو. ماڻڪ ناهي مئو.

ماڻڪ پنهنجي لکڻين جي روپ ۾ حقيقت پسند ڪڙو، اگرو ۽ اگهاڙو سچ لکندڙ موٽ ۾ ٺلهيون متاريون گاريون کائيندڙ ليکڪ هو. ڪالهه، اڄ ۽ سڀاڻ به اسان وٽ هو. آهي ۽ موجود رهندو. حويلي جا راز، لڙهندڙ نسل، رڃ ۽ پڙاڏا، پاتال ۾ بغاوت، ساهه مٺ ۾، ڇهه انام ڪهاڻيون، سنڌ جا سپوت، ڪلاچيءَ جي ڪن ۾، مائي بختاور ۽ زندگي هڪ ڪُن. ماڻڪ جا اهي ناول، ڪهاڻيون ۽ ناٽڪ سنڌي اتهاس جا املهه ۽ اڻمٽ اثاثا آهن ۽ سنڌي ساهت جي جديد ۽ ترقي پسند تحريڪ جو بنياد.

**ماڻڪ هڪ ليکڪ:** ساري سهيوڳي ست ۾ تمام گهڻو ڪانٽروورشل / اختلافي، مايوسي ۽ ايئمرڊٽي جي ڦهلاء جو مٺس مکيه الزام. هن مايوسي ۽ ايئمرڊٽي کي فيشن طور ڪڍهن به پنهنجي لکڻين ۾ نه ٽنبيو پر هن ان کي پنهنجي حقيقت پسندي، مشاهدي ۽ اڀياس جي آڌار تي ڪمال تي پهچايو.

ماڻڪ ماڻهوءَ جي سطح تي گنڀير، ابوجهه ۽ ابهم اهڙو جهڙو ٻار. وقت ۽ حالتن جي تبديلين سندس سڀاءَ ۽ طبيعت تي ڪوبه ڦيرو ڪونه آندو. اهائي معصوميت، اهائي خوداعتمادي مان گنڀير تا! ڇو ته هو ڪڏهن به پاڻ کي زمان ۽ مڪان جي پابندين جو غلام بڻائي نه سگهيو. ڪنول ٽڙيو هو پر

زماني جو ڪوسو واءُ ڪيس ڪومائي نہ سگهيو. اهائي مرڪ، اهائي مهڪ سندس مک تي، اهوئي پنهنجي سڄڻن ۽ ساٿين لاءِ سنڌوءَ جيڏو اٿميو پيار پاٻوهہ سڪ ۽ سنيهہ.

ماڻڪ ويچارن جي آنهري آڏو: پاڻ پسي ٿو پاڻ ڪيچي ٿو:

مان ماڻڪ، منير احمد مان ماڻڪ ڪيئن ٿيس؟ ان جو سبب هن مهل ٻڌائي نٿو سگهان.

”منهنجي لکڻين جي موٽ ۾ جيڪڏهن ڪو پڙهندڙ /سهيوگي ڪلاڪار ڪا ٿلهي متاري گار ڏئي ڪڍي تہ بہ، مان رڳو مرڪندس ڇو تہ اهو سندن حق ميجان ٿو.“

”ادب ۾ فرسٽريشن جو جائز يا ناجائز هجڻ منهنجي آڏو ڪائي اهميت نٿو رکي، ۽ ڪن پابندين يا ٻين سبب ڪري زندگي ۾ فرسٽريشن آهي تہ ان جو اظهار ادب ۾ اوس ٿيندو، اهو هڪ تاريخي نياءُ آهي.“

”منهنجي نظر ۾ اديب بہ هڪ انسان آهي. انسان جو پيچده سماجي ناتن ۾ قول ۽ فعل ۾ تضاد، منطقي آهي ۽ اديب بہ ان کان پاڻ کي ڌار رکي نٿو سگهي، پر جيڪڏهن اهو تضاد قومي تحريڪ ناتي سان آهي تہ پوءِ اهو فرق موقعي پرستي، ڪيرئيرازم، خود غرضي ۽ ذاتي مفاد کي، قومي مفاد مٿان رکڻ آهي. ها ڪائنر پڻو بہ ان جو ڪارڻ آهي. “

”مان ليڪڪ، ڪنهن کان بہ متاثر ناهيان، پر ليڪڪن جي تخليق ۽ لکڻين مان متاثر آهيان.“

”منهنجي ڪنهن سان ڪا بہ شڪايت ڪانهي البت ديس دروهين ۽ انسان دشمنن کان نفرت اٿم سخت.“

”منهنجي زندگي کي جلا بخشيندڙ سپنو. انساني آزادي : سوچ جي، اظهار جي عمل جي، ديس جي ڌرتي تي وسندڙ اپوجهہ انسانن جي مهاجي، اقتصادي تحفظ ۽ سلامتي جي. “ منهنجي سونهن جو تصور: پورهيت جي پگهر جي ڏپ، ميرن ۽ تڳڙون ٿيل ڪپڙن وارو وجود“

”انساني زندگي کي ڪنهن بہ نيپي هيٺ: نظرياتي يا عقيدن، اصولن پٺاندڙ قيد ڪرڻ خلاف لڳاتار سرگرمي، جسماني توڙي ذهني جاکوڙ سان منهنجي پسند جو خيالي اسڪيچ نهي ٿو.“

”زندگي! اها زندگي منهنجي نظر ۾ هر قسم جي پابندين کان آزاد ذهني جسماني چرپر سميت.....“

”مان وٽ ديس واسين لاءِ ڪوبہ سنيهو ڪونهي ها پر ڪجهہ سوال، سوچ لاءِ رکان ٿو:

اسان جي قومي وجود جو، پنهنجي قومي سڃاڻپ جي ناتي سان جو ڪجهہ ٿي رهيو آهي، ان بابت ڪڏهن سوچيو اٿو؟

جيڪڏهن سوچيو اٿو يا سوچيو ٿا تہ : تہ جذباتي ٿي، پر ان جي بچاءَ لاءِ ڪي تدبيرون ۽ گڏيل عمل؟

سياڻي اسين پنهنجي اصلي، قومي حيثيت مان تاريخ جي وهڪ ۾ باقي رهنداسين؟

اسان جا دشمن ڪير آهن؟ دوست ڪير؟

قومن جي زوال جي تاريخن ۽ خود پنهنجي تاريخ جي اڀياس مان ڪڍيل نتيجا ۽ جياپي جون راهون؟

جياپي جو ساس آهي يا نہ؟

”ڪا آس، ڪا اميد سندم هن ۾ ها . . . بہ واٽي تي بيٺل مان : يا تہ : باغي ٿي ايران!

يا تہ: جڏهن صبح جو سج اڀري تہ منهنجو مئل اڻ ساهو وجود ڪٽ تي پيل هجي / جنهن ايڪسيڊنٽ ۾ ختم ٿي وڃان ! ! !
آس ۽ اميد جي بہ واٽ تي بيٺل هي مهان ليکڪ ڪهڙي واٽ ٿو وٺي:
يا تہ: باغي ٿي اڀران
يا تہ: يا تہ: ۽ ها 26 جنوري 1982ع واري صبح جو جڏهن سج اڀريو تہ هن جڻ پنهنجي آس جي ڪونيل ۽ ڪنوارين پاڻُنائن کي پاڪر ۾ پري ڇڏيو سندس مئل ۽ اڻ ساهو وجود ڪٽ تي پيل هوا!
او ماٽڪ منهنجا مٺا دوست! جيون جي واٽ ۾ رڪاوٽون تہ اچن ٿيون ان ڪري ئي سفر سناٽو ۽ مارڳ منجهيل هجي ٿو... مارڳ جي ماڻ تائين ويچا وڏي وڻ تي وڃن تا ۽ ها اهي رڪاوٽون ڪٿي ڪٿي انهن قافلن کي روڪيو ڇڏين پر ماڻهوءَ جو هي من ۽ منورتي سچ تہ ڏاڍيون عجيب شيون آهن. سورن جي سانچي ۾ گهڙي سڙجي، ڏکن ۽ ڏولاون جي واٽن تي وڌجي ڪنجي، اهو روڙو ۽ پٿر گهڙجي، ڇلجي اهڙو تہ لسو ۽ سهٽو پٿر بنجيو پوي جو جيون جي يادن جي شوڪيس جو شوپيس ٿيو پئي. ماٺ ٿيو پوي!
ماٽڪ! ڪيترو نہ ڪڙو سچ آهي اهوا؟ جو وقت گذرڻ سان تنهنجي اهڙي نموني اسهڻ جو المناڪ ايڪسيڊنٽ هاڻي منهنجي ذهن جي يادگيرين جي شوڪيس جي هڪ حسين ۽ املهہ ڪليڪشن بنجي پئي آهي!
پر رڳو يادون ئي تہ جيون ناهي؟ بسنتي رت ۾ هو ڏس نوان گونچ ڦُٽندا آهن پر سياري جا سُڪي ۽ وڇڙي ويل پن واپس نہ ورندا آهن. سڏو خال تہ بهرحال رهندو آهي، پلي ڪوئي بہ ان کي پرڻ جا هزار حيلا ڪري!
ڇميل وقت جون هي گرم يادون تيستائين من مارڳ تي مچ مچائيندڀون رهنديون جيستائين سنڌ جو اتهاس باقي آهي جيستائين ان ۾ ماٽڪ جون لڪٽيون وٺين وانگيان جرڪنديون ۽ چمڪنديون رهنديون...
اڄ 26 جنوري آهي. ها! ساڳي 26 جنوري، سرد پاري جيان ڇميل! سنڌي ساهت جي سنسڪار ۾ ڪوئي سڏڪو اڀري ٿو لڳي ٿو ڪيرٿر جي ڪنهن اتاهين چوٽيءَ تان ڪا برفاني ڇپ ڪسڪي، ڪسڪي اچي هيٺائين تي ڪري رهي آهي... ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي! ڇا ٿيو؟ ڇو ٿيو؟ ڪيئن ٿيو؟ وقت ڄمي ويو آهي، وقت ٺري ويو آهي! وقت مري ويو آهي. ماٽڪ نہ مئو آهي. ماٽڪ نہ مئو آهي. ماٽڪ جيئرو آهي. ماٽڪ جيئرو آهي.

**(روزانہ عوامي آواز خاص اشاعت 6 جنوري 2003ع)**

# پهرين ملاقات کان آخري ملاقات تائين
## مير ٽيپو

ماڻڪ سان منهنجي پهرين ملاقات 1967ع ۾ ٿي، ان وقت سندس نالو منير احمد هو. بنگلاديش ۾ فوجي آپريشن جي ڍڪاءَ واري دور ۾، هن پنهنجو نالو بدلائي ماڻڪ رکيو. انڪان پوءِ سندس جيڪي به تخليقون ۽ مواد ڇپيو آهي، اُهو ماڻڪ جي نالي سان ئي ڇپيو آهي، پر اڪثر ڪري ڪيس دوست منير جي نالي سان ئي مخاطب ٿيندا هئا. پراڻا دوست ته اڄ به ڪيس منير جي نالي سان ياد ڪندا آهن، پر نئين ٿهي ڪيس ماڻڪ جي نالي سان سڃاڻيندي آهي. ماڻڪ جي باري ۾ ڪافي تفصيل سان لکندس، ڇو ته ماڻڪ کي جيڪي نٿا سڃاڻن سي ڪيس سڃاڻڻ ٿا گهرن ۽ خاص ڪري نوجوانن ۾ماڻڪ بابت ڪافي اتساهه آهي ۽ اهي اڪثر ڪري مون کان ماڻڪ منهنجو دوست هئڻ ڪري پڇندا آهن. اهو به ٿي سگهي ٿو ته نوجوان حالتن جي دٻاءَ ۾ اچي، بي مقصديت (Meaning lessness) جو شڪار بڻجي، پنهنجي منجهيل(Absurd) وجود کي ماڻڪ جي لکڻين ۾ ڳوليندا هجن ته من ڪا ڪين فراريت جي راهه ملي وڃي- پر اهو ياد رکڻ کپي ته ماڻڪ ڪڏهن به پنهنجي عملي زندگي ۾ فرار حاصل نه ڪيو سواءِ موت جي.

اڇون ڏسون ته ماڻڪ ڪيئن هو.

1967ع ۾ جڏهن مان حيدرآباد ۾ شاگرد برادري ۾ ڪميونسٽ پارٽي جي سياست ڪندو هئس ته هڪ ڏينهن مونکي چام ساقي ٻڌايو ته هڪ ڪامريڊ منير سنڌيءَ نالي نوابشاهه کان هتي اچي رهيو آهي. مون سوچيو ته هي ڪهڙي قسم جو ڪامريڊ آهي؟ اسين ته (بين الاقواميت پسند) (Internationalist) آهيون، هن پنهنجي نالي پٺيان تخلص سنڌي ڇو لڳايو آهي؟ پوءِ خبر پئي ته اديب به آهي. سو ظاهر آهي، ته ڪجهه تصوريت(Idealism) جو به شڪار هوندو- مون کي اها به سُڌ هئي ته هو . . . مارڪسوادين سان گڏ ڪم ڪندڙ اڪثر اديب ڪنهن موڙ تي اچي ڪنهن مسئلي تي ڪميونسٽن سان جهيڙو ڪري ويهندا آهن. پر پوءِ به مان منجهي پيس ته فيشن طور پاڻ کي سنڌي سڏائڻ مان فائدو! بعد ۾ هڪ دفعي منهنجي پُڇڻ تي پاڻ ٻڌايائين ته : ”مان پنهنجي نالي پٺيان سنڌي نه لکندو آهيان، پر هڪ پبلشر دوست پنهنجي طرفان سنڌي لکي ڇڏيو هو.“ اها به حقيقت آهي ته ان وقت دؤر به اهڙو هئو جو حڪومت جي پاليسي تحت، سنڌي اخبارون به سنڌ کي ”سابق سنڌ“ ڪري لکنديون هيون، تنهن ڪري ڪافي اديب شاعر ان دؤر ۾ ردعمل ۾ اچي پنهنجي نالي پٺيان سنڌي لکندا هئا.

چام جي ٻڌائڻ کان پوءِ مونکي هڪ قسم جو انتظار ۽ شوق ٿي پيو ته، منير حيدرآباد اچي ته ڪچهري ڪيون. سو نيٺ هڪ ڏينهن منير سان گرونگر هاسٽل ۾ ملاقات ٿي وئي. ان هاسٽل ۾ اڪثريت انهن استادن جي هئي جيڪي B.Ed ۽ M.Ed لاءِ آيل هئا. تن ڏينهن ۾ يوسف لغاري (هاڻي سنڌ ڊيموڪريٽڪ گروپ جو اڳواڻ) به اتي ئي رهندو هو. منير ۽ يوسف هڪ ٻئي کي ”ماما“ ڪري سڏيندا هئا، يوسف لغاري پيار مان سڀ ڪنهن کي ماما ڪري سڏيندو هو. هاسٽل ۾ منير هڪ

هال نما ڪمري ۾ ٻين ماسترن سان گڏ رهندو هُئو جتي هو B.Ed جي تيارين لاءِ آيل هو. مون کي چڱي طرح ياد آهي ته پهرين ملاقات ۾ هو مونکي عام ڪامريڊن وانگر نه لڳو. ڪيس تمام صاف سٿرا ۽ ڊنگ جا ڪپڙا پهريل هئا. نه رڳو ايترو پر هو هڪ نرم مزاج ۽ خوبصورت نوجوان هئو – چهري تي تمام گهڻي معصوميت هجڻ سان گڏوگڏ ڳالهائڻ ۾ ڊاڍو مٺو انسان هُئو. ان وقت ٿيل ملاقات ۾ اسان شاگرد تحريڪ ۽ پارٽي جي صورتحال تي ٿورو ڳالهايوسين. هُن ڳالهه کي مختصر ۽ چٽي (Specific) انداز ۾ پئي رکيو ڇاڪاڻ ته هو اجائي پٽاڙ جي خلاف هوندو هئو.

بحث ۾ اهو واضع ٿيو ته منير قومي مسئلي تي پارٽي سان اختلاف پئي رکيا. هو ٻين ڪامريڊن وانگر انتهاپسند نه هُئو ۽ نه ئي وڏيون ڳالهيون ڪندو هئو نه رڳو ايترو پر ”انقلاب اسان ئي آڻينداسين“ واري ڳالهه تي به ڀروسو گهٽ هئس. هن ۾ هڪ خوبي هئي ته پارٽي جو ڪم جيترو به ڪٽندو هئو ان تي عمل ضرور ڪندو هئو ۽ جيڪو ڪم نه ڪري سگهندو هئو ته ميٽنگ ۾ ئي انڪار ڪندو هئو ته مان هي ڪم ڪونه ڪري سگهندس. منير پارٽين جي اندر آمراڻي رويي ۽ سوچ جي سخت مخالف هُئو. ايتريقدر جو سي پي (Communist Party) جو ميمبر هوندي به مخالفن ڏانهن رويو ٿڌو هوندو هيس. بحث دوران مخالف جي ڪابه ڳالهه وزندار هوندي هئي اها قبول ڪندو هئو. بهرحال منير مونکي پهرين ويهڪ ۾ ئي ڏاڍو وڻيو. جيتوڻيڪ منير ۽ منهنجي طبيعت ۾ گهڻو فرق هئو. مان بنيادي طرح چست ۽ زندگيءَ ڏانهن منهنجو رويو غير سنجيده هُئو پر مُنير سست ۽ زندگي وڃائڻ جو قائل نه هئو ڏاڍي ڪوشش ڪندو هُئو ته زندگي جيئڻ ته هڪ قيمتي موڙي آهي ان کي اجايو نه وڃائجي. منير مهم جوئي Adventure ڪڏهن به نه ڪندو هُئو! ڇاڪاڻ جو ڪيس پتو هئو ته متان جيڪو ڪجهه آهي اهو وڃائجي نه وڃي. جي ائين ٿيو ته پوءِ ڇا ڪبو؟ اندر ۾ ته تمام گهڻو گوڙ پر ٻاهران بلڪل ٺيڪ ٺاڪ- غصو بلڪل به نه ايندو هئس پر جي آيس ته پوءِ الله پناهه ڏئي. ڳالهائڻ ۽ برتاءَ ۾ سلجهيل ( اندر ۾ مهذب هُئو) ... منهنجي عادت هئي ۽ آهي ته جنهن سان گهاٽي سنگت رکبي ته ان سان گارين جو رستو رکبو پوءِ مجبور ٿي منير به مونکي گاريون ڏيندو هئو (پر ٻين دوستن کي ڪڏهن به گاريون نه ڏيندو هئو) دوستيءَ جو تمام سنو پر دوست لاءِ ڊپ جي ڪري خطرو (Risk) نه ڪٽبو... خير ائين ئي آهستي آهستي اسان جي دوستي گهاٽي ٿيندي وئي.

مارچ 1967ع کان پوءِ قومي تحريڪ جو منير تي گهرو اثر پيو. پارٽي ۾ هوندي به هڪ ڪهاڻي، ”نانگ“ جي نالي سان لکيائين. جنهن ۾ هڪ ڳوٺاڻو سنڌي شهر ۾ اچي ٿو ۽ ٻاهران آيل ماڻهو پنهنجي ڌرتي ڳوٺاڻي جي بي عزتي ٿا ڪن. ان جي جواب ۾ پارٽي جي دوست قاسم پٽر ڪهاڻي ”پڳ جي لڄ“ لکي ته، ڪيئن هڪ سنڌي هاري بي وسيءَ ۾ سنڌي وڏيري سنڌي صوبيدار کان موڇڙا جهلي ٿو. منير نه رڳو ڪهاڻي نانگ جي حوالي سان پر اڪثر ڪري پارٽي جي ڪجهه دوستن طرفان ٿيندڙ تنقيد جي باوجود، ادب جي ميدان ۾ قومي سجاڳي جي تحريڪ ۾ حصو وٺندو رهيو. ون يونٽ جي خلاف ادبي مواد ڇپڻ – ٻوليءَ جي حقن ۾ اديبن طرفان آواز اٿارڻ جيئن ”روح رهاڻ ۾“ ”سنڌي شام“ پروگرامن ۾ حصو وٺڻ سان گڏوگڏ ان وقت سنڌي ادبي سنگت جي تحريڪن ۾ ڀرپور حصو وٺندو هئو ۽ ان جو عهديدار به هو.

منير اخلاقيات (Morality) ۾ يقين رکندڙ شخص هو ۽ سنڌ جي نئين فڪر رکندڙ بين ماڻهن وانگر جديد قدرن (modern values) کي اختيار ڪندي، سنڌ جي جاگيردار اخلاقيات جي آڏو بي وس هئو. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ جڏهن شاگرد تحريڪ تيز ٿي، ۽ شاگردن ۾ قومي سجاڳي آئي، تہ هن هڪڙو ڊرامو "سنڌڙيءَ جا سپوت" لکيو جيڪو ننڍڙي چوپڙيءَ جي صورت ۾ ڇپرائي شاگردن ۾ ورهايو ويو. ڊرامي ۾ قومي جاڳرتا کان سواءِ سيڪيولرازم بہ موجود هئي. ياد رهي تہ ان وقت ۾ سيڪيولر خيال رکڻ وڏو عيب هئو. مون کي چڱي طرح ياد آهي تہ جڏهن ٽنڊو ڄام زرعي ڪاليج (اڃان يونيورسٽي نہ ٿي هئي) آمريڪا مخالف ڪارڊ ورهائڻ ويو هئم، تہ ڪاليج جي پرنسپال مونکي گرفتار ڪرايو هئو جنهن تي شاگرد سخت ناراض ٿيا. انهي سلسلي ۾ پرنسپال شاگردن کي خاموش ڪرائڻ لاءِ جنرل باڊي ڪوٺرائي ۽ منير جي ڊرامي "سنڌڙي جي سپوت" مان هي جملو پڙهي ٻڌايائين جنهن ۾ سنڌ يونيورسٽي جو هڪ شاگرد ٻئي شاگرد کي ڪلاس ۾ بائيڪاٽ ڪرائيندي چوي ٿو تہ: "اسلاميات جي پيرڊ ۾ ڇا پڙهي ڪندين، مذهب ۾ ڇا رکيو آهي؟" مٿيون جملو پڙهي شاگردن کي چيائين تہ: "ڏسو هي هي ريت ڦهلائڻ آيو آهي." ان دؤر ۾ منير ڪميونسٽن ۽ قومپرست جي جهيڙي ۾ فيصلو نہ ڪري سگهندو هئو تہ ڪير صحيح آهي، پر هڪ اپرندڙ سنڌي اديب جي ناتي سان مون هن کي ڪڏهن بہ قومي جذبي کان خالي نہ ڏٺو. سچ پچ تہ مارڪسزم کي قبول ڪندي منير عقيدي پرست بلڪل بہ نہ هئو. انڪري قومپرست اديب پڻ منير کان نفرت نہ ڪندا هئا. پر تڏهن بہ ڪڏهن ڪڏهن قومپرست اديبن سان بحث ڪندي گهماگهمي ٿي ويندي هئي. هڪ واقعو مون کي چڱي طرح ياد آهي تہ منير ۽ مان سنڌي اديبن ۾ پارٽي سيل ٺاهڻ لاءِ شوڪت شوري ۽ ارباب کهاوڙ (ارباب ان وقت ڪٽر قومپرست هئو) اسان گڏجي هڪ اسٽڊي سرڪل ٺاهيوسين ان پروگرام تحت منير جي جاءِ تي (منير ان وقت ٽنڊو آغا ۾ رهندو هئو) پڙهڻ لاءِ ميٽنگ ڪوٺائي سين.

انهي سلسلي ۾ جڏهن لينن جو قومي مسئلي تي لکيل ڪتاب The Critical Remarks on National Question پڙهڻ جي دوران ڪتاب جي انهي حصي تي پهتاسين جنهن ۾ لينن مظلوم قومن جي تنگ نظر قومپرستي کي ننديو ويو آهي تہ، شوڪت شورو ۽ ارباب کهاوڙ سخت ڪاوڙ ۾ اچي ويا، ۽ چيائون تہ لينن ڇاڪاڻ تہ پاڻ ظالم روسي قوم مان هئو تنهن ڪري هن نندين قومن جي قومپرستي کي نِنديو آهي. انهيءَ موقعي تي آئون ۽ منير لينن جو دفاع ڪرڻ لڳاسين تہ لينن صحيح معنيٰ ۾ "Internationalist" هئو پر مٿيان ٻئي دوست ايترو تہ ڪاوڙجي پيا جو چيائون تہ "هتان جا ڪميونسٽ غدار آهن، ۽ انهن کي اسان ماريندا سين، ۽ توهان لينن ازم کي ڦهلائيندي قوم سان غداري ڪريو ٿا، توهان کي بہ ماريندا سين." جنهن تي مونکي غصو اچي ويو ۽ مون چيو تہ: "توهان کي بہ اسان ڪونہ ڇڏينداسين." اٿين ٿي Study Circle اڌ ۾ رهجي ويو– منير خاموش ٿي ويو ۽ مون ڏٺو تہ سندس چهري تي افسوس ۽ مايوسي هئي. بهرحال هن اتي ڪجھ بہ ڪڇيو ڪونہ.. منير ان دور ۾ حيدرآباد ۾ استاد هئو مون کي ان ڳالھ تي چڙ ونندي هئي تہ، منير بحث ۾ دوستن جي آڏو واضع مؤقف ڇو نہ رکندو هئو؟ هڪ ڏينهن مون پڇيومانس: "منير تون اٿين ڇو ٿو ڪرين؟" منير وراڻيو: "ان ڪري جو قومي مسئلي تي مان خود بہ صاف نہ آهيان". مون چيومانس: "ٻين مسئلن تي بہ

مون به ڏٺو آهي ته تون واضع ۽ مستند (Authentic) مؤقف نه رکندو آهين“ تنهن تي بوريت مان وراڻيائين: ”ڪهڙو بيهي جهڳ جهڳ ڪجي... ٻيو ته وري ماڻهو چڙي ٿا وڃن.“ پوئين ڳالهه ته اهڙي معصوميت سان ڪيائين جو مونکي کل اچي ويئي. مون چيومانس : ”ڪميونسٽ ته هر ڳالهه کي سڀ ڪنهن جي سامهون چئي ڏيندا آهن.“ تنهن تي منير چيو: ”ضروري آهي ته مان به ائين ڪيان جيئن ٻيا ڪميونسٽ ڪن!“ سنت ئي آهستي آهستي منير ڪميونسٽ پارٽي کان الڳ ٿي ويو. جيئن منهنجا ياٿر پڻ هڪ پمفليٽ ڪيس ۾ منهنجي ڪري ٻڌجي ويا هئا, تنهنڪري هنن حيدرآباد جي جڳهه ڇڏي ڏني ۽ پوءِ ڳوٺ رهڻ لڳا. نتيجي ۾ مونکي جڳهه جو ڏاڍو مسئلو ٿيو. منير مونکي دوستي ۾ آڇ ڪئي مون وٽ اچي رهه, پوءِ مان منير سان گڏ رهڻ لڳس توڙي جو ان وقت منير پارٽي ۾ نه هئو ۽ مان اڃان پارٽي ۾ ڪم ڪري رهيو هئس پر منير مونکي ڪڏهن به ڪنهن ڪم ۾ جهليندو ڪونه هئو نه ئي مخالفت ۾ بحث ڪندو هئو. جيئن ته ڪجهه ڳالهين تي جنهن ۾ قومي مسئلو به اچي وڃي ٿو مان ٻڄي پارٽي سان اختلاف رکندو هئس, ته پارٽي وارا چوندا هئا ته توتي منير جو اثر پيو آهي. هڪ ڀيري ته سيل ۾ ڄام ساقي ۽ ٻين چيو ته اسان منير ۽ تنهنجي دوستي جي خلاف نه آهيون, پر پارٽي مفادن ۾ اهو آهي ته تون ان سان گڏ نه رهه, مون کي سندن ان رويي تي سخت کل آئي ۽ مان پارٽي ڊسيپلن ۾ رهندي به سندن اهو فيصلو نه مڃيو.

ڪڏهن ڪڏهن مان منير سان زوري بحث ڪندو هئس هڪ ڀيري مون پڇيومانس: ”توکي رڳو هتان جا ڪميونسٽ نٿا وڻن يا مارڪس ازم جي به خلاف آهين؟“ چيائين : ”جيئن ته هتان جي ڪامريڊن جي ليڊرشپ ۾ ڌرتيءَ جاوا (Sons of soil)ڪونهن, تنهنڪري هتان جي پارٽيءَ ۾ ڌرتيءَ جي خوشبوءَ نٿي اچي (ان وقت مان ۽ ڄام پارٽي جي هيٺين ڪميٽين ۾ هوندا هئاسين) ان ڪان سواءِ آئون مارڪس ازم کي به درست نه ٿو سمجهان. ان وقت منير ڪافي غير ملڪي ادب پڙهي ويو هئو جنهن ۾ ڪافڪا, دوستو وسڪي, چيخوف, آندري جيد, سارتر, البرٽ ڪاميو, ورجينا وولف, هيمنگوي, البرٽو موروويا, آرٿر ڪوئسلر, مايا ڪو وسڪي وغيره وغيره شامل هئا, ۽ انهن مان هو وجوديت جي فلسفي کان ڪافي متاثر ٿي چڪو هئو.

هُن زندگيءَ کي مقصد سان واڳيل (Committed) ماڻهن وانگر ڪا معنيٰ ڏيڻ ڇڏي ڏني هئي, ۽ سارتر جي بي مقصديت Meaning lessens ۽ Nothingness ۽ زندگيءَ (life) جي فضول (Absurd) هجڻ جو تصور سندس ذهن تي ڪافي حاوي هو. ۽ اديبن ۾ پاڻ کي nonconformist چوندو هئو. انهيءَ تسلسل ۾ ادب جي پهرين دؤر کان پوءِ قومي ۽ طبقاتي ادب کان پوءِ پنهنجي ڪهاڻين ۾ مجرد (Abstract) ڪردار به ڪٽڻ شروع ڪيائين.

اديبن ۾ ڪافڪا, دوستووسڪي, البرٽ ڪاميو سارتر, هيمنگوي منير جا پسنديده اديب هئا. سندن ڪردارن ۾ توهانکي ڪافڪا جي ناول جي ڪردار جو خوف به ملندو ته دوستووسڪي وانگر ڪردار جي نفسياتي چيرڦاڙ (Post Mortaum) به ملندي, ۽ توهان کي سندن ڪردارن ۾ Meaninglessness ۽ ڪاميو واري سرڪشي (Rebell) به ملندي, نه رڳو ايترو پر منير ڪاميو جي”Myth of Sisyphus“ کان متاثر ٿي ”پاتال ۾ بغاوت“ نالي ناوليٽ به لکيو.

جيئن تہ منير منهنجي آڏو ڪنهن بہ اظهار کان نہ ڪيٻائيندو هئو ۽ تمام ويجهو ۽ هجائتو (Frank) هئڻ جي ڪري هڪ نئون پهلو منهنجي سامهون آيو هئو – منير جو تمام گهڻي خوف جو شڪار هجڻ – منير کي معاشري جي بدي قوتن (Evil forces) کان ڏاڍو خوف ٿيندو هو – پيار ڪرڻ تي دل سٽ کائيندي هيس پر ڪڏهن بہ پيار ڪري نہ سگهيو – شاديءَ کان اڳ جڏهن هڪڙي نوجوان ڇوڪريءَ کيس زوري پاڙي ۾ ڪلهو هنيو تہ مونکي ڊپ ۾ چيائين : يار مون کي اڄ هڪ ڇوڪريءَ ڪلهو هنيو آهي، سوا تان هاٽي نہ لنگهنداسين. سندس ان ڳالهہ تي آئون ڏاڍو کليو هئس ۽ چيو هيم مانس: ڪلهو توکي ڇوڪريءَ پاڻ هنيو آهي ۽ وري ڊڄين بہ وري تون ٿو. پر اها حقيقت آهي تہ هو ڊپ جي ڪري پنهنجي تمام گهڻين خواهشن کي دٻائيندو هيو.

ايتريقدر جو جنسي ٻُک (Sexual Frustration) هوندي بہ اخلاقيات ۽ ڊپ جي ڪري، ڪنهن سان بہ جنسي تعلقات نہ رکي سگهيو. انڪري توهان کي سندس ڪيترن ئي ڪردارن ۾ جنسي خواهش اخلاقيات ۽ ڊپ جي ڪيفيتن جو ٽڪراءُ ملندو. پر ٻئي طرف هو تمام گهڻي خوف هوندي بہ لکڻ ۾ تمام گهڻو بي ڊپو هوندو هئو. جڏهن ڪهاڻي ”حويلي جا راز“ لکيائين تہ هن کي ڪهاڻيءَ سان لاڳاپيل ماڻهن طرفان ڏاڍيون ڌمڪيون مليون پر ڪڏهن بہ آڻ نہ مڃيائين. منير رياستي جبر بہ ڏاڍو محسوس ڪندو هئو. بنگلاديش ۾ فوجي آپريشن واري دؤر جي ڪهاڻي ”بگهڙن جي راڄ ۾“ لکيائين تہ پنهنجو نالو تبديل ڪري ”ماڪ“ رکيائين، ان دؤر ۾ ماڪ ۽ ٻيا نئين ٿهيءَ جا اديب حيدرآباد ۾ شام جو ”ڪيفي جارج“ ۾ ڪٺا ٿيندا هئا. جن ۾ شوڪت شورو (ان وقت ادبي بورڊ ۾ ڪلارڪ هئو) مشتاق شورو (اڳ بہ ساڳيوئي طرح بيروزگار هُئو) مرحوم عبدالحق عالماڻي، علي بابا (اڳ بہ ساڳيوئي هو پر اڄ ذهني پيڙا ۽ درد ڪجهہ سرس اٿس) مدد علي سنڌي (جنهن تازو تازو ادبي ڪيتر ۾ قدم رکيو هئو ۽ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن ۾ هوندو هئو) ۽ عبدالقادر جوڻيجو (ٽر ۾ ماستر هئو) جيڪو جڏهن بہ حيدرآباد ايندو هئو تہ هنن دوستن سان ضرور ملندو هئو. پوءِ 1969ع ۾ جڏهن ون يونٽ ٽٽي چڪو، 71ع ۾ بنگالين وڙهي پنهنجي جان ڇڏائي ۽ پٺتو صاحب اقتدار ۾ اچي ويو تہ جديد حرفتي طريقن (Tactics) جي ذريعي ڪجهہ اديبن کي نوڪريون ۽ هلڪا فائدا ڏيئي پنهنجي پاسي ڪري ويو ڪن کي ڊيڄاريو ويو تہ ڪي مايوس ٿي ڪُنڊ پاسي وڃي ويهي رهيا.

اديبن جي مٿين گروهہ ۾ ادب ۾ نعريبازي جي خلاف حقيقت پسندي (Realism) جو اثر پيدا ٿيو تہ اديب معاشري جو اولڙو پيش ڪري ٿو ان ۾ ضروري آهي تہ رڳو زندگيءَ جو روشن پهلو ئي پيش ڪيو وڃي، پر زندگيءَ جو ٻيو پاسو جيڪو ڀيانڪ ۽ اونداهو آهي، ان کي بہ حقيقت پسندي سان پيش ڪيو وڃي.

هتي ياد رکڻ کپي تہ مٿي ذڪر ڪيل اديبن مغربي يورپ ۽ هندوستاني ادب کان متاثر ٿي نئين ڏانءُ (ٽيڪنڪ) کي اختيار ڪيو – اهو هئو شعور جو وهڪرو (Stream of consciousness) کي مجرد طريقي (Abstract Style) ۾ لکيو ويو ڇاڪاڻ تہ ماڻهو جو ذهن جيئن پيچيده بي ترتيب ۽ اڌ اکري لفظن ۾ سوچي ٿو تنهنڪري انهن سوچن کي ساڳين لفظن ۽ اشارن ۾ پيش ڪيو وڃي. ادب ۾ اها ٽيڪنڪ روايتي انداز کان وڌيڪ ڏکي آهي، پر ان کي نڀائڻ لاءِ وڏي محنت کپي. ان ٽيڪنڪ

ڪي اسان جا هي دوست ڪيترو نيائي سگهيا؟ ان تي ته ڪو سنڌو نقاد ئي ٽيڪا ٽپڻي ڪري سگهي ٿو- ٽين ڳالھ اها آئي ته هنن پاڻ تان ترقي پسندي جو ٺپو هٽائي ڇڏيو ۽ ادب ۾ ڪميونسٽن لائين جي خلاف هوندا هئا ۽ روس ۾ اديبن تي پابندي ۽ سماجداري حقيقت پسندي(Socialist realism) ئي سخت خلاف هئا. هن مٿين اديبن جي خلاف به وري ڪجھ ناليوارا اديب ئي هوندا هئا, جن ۾ رسول بخش پليجو رسالي "تحريڪ" ذريعي, مرحوم طارق اشرف سهڻي جي ذريعي, ۽ محمد ابراهيم جويو هو تنهن وقت ترقي پسند اديب, انور پيرزادو ۽ ٻيا هئا- هنن جي تنقيد هئي ته : جديد اديب ٻوليءَ ۽ گرامر جو خيال نٿا ڪن, ٻولي جي ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي اٿائون, مايوسي ٿا ڦهلائين ۽ انقلاب جا مخالف آهن يا ادب ۾ فحاشي آندي اٿائون وغيره وغيره. ايتري قدر جو مرحوم طارق اشرف وارا ته ڪين اديب به تسليم نه ڪندا هئا.

ماڻڪ ان دؤر ۾ ادب(Fiction) کان علاوه تنقيد ۽ مارڪسي فلسفي کان علاوه مغربي فلسفي کي پڙهڻ لڳو. جنهن کان پوءِ ماڻڪ جي ذهن ۾ ڪجھ سوال گردش ڪرڻ لڳا. مثال طور — زندگيءَ ڇا آهي؟ زندگيءَ جي ڪا معنيٰ به آهي ڇا؟ ان کان سواءِ هو "زمان ۽ مڪان (Time and Space) ۽ "اضافت جي نظريئي" (Theory of Relatively) جهڙن ڳنڀير موضوعن تي سوچڻ لڳو.

انهيءَ تسلسل ۾ مون هڪ ڏينهن کانئس پڇيو: "منير تون جيڪڏهن زندگي ۾ ناڪام ٿيئن ته؟" هڪدم وراڻيائين: "پاڻ کي ماري ڇڏيندس." اهو جواب ايترو ته سنجيدگيءَ سان ڏنائين جو مان حيرت ۽ ڏک ۾ خاموش ٿي ويس. مون کي ياد آهي ته ان دؤر ۾ جن دوستن سان هو ويهندو هئو تن وٽان ڪڏهن ڪڏهن پريشان ٿي موٽندو هئو ۽ چوندو هيو: "دوست ٺوڪون ٿا ڪن" — پوءِ آهستي آهستي وٽن وڃڻ گهٽائي ڇڏيائين. انهي وچ ۾ مان سياست ۽ حيدرآباد ڇڏي ڳوٺ هليو ويس پر پوءِ به هڪ ٻئي ڏي خط پٽ لکندا هئاسين, خط اسان ٻنهي جا مايوسيءَ ڀريا (Depression) هوندا هئا, مونکي جيڪڏهن اها سُڌ هجي ها ته ماڻڪ مونکان اڳ ۾ هليو ويندو, ته سندس خط ضرور سانڍي رکان ها. مونکي ياد آهي ته هڪڙي خط ۾ زندگيءَ کان بيزار ٿي شوپن هار جو قول لکيو هئائين ته: "زنده رهڻ جي خواهش انسان جي ڪيڏي نه ڪل جوڳي مجبوري آهي؟" اڳتي هلي السر جي ڪري مان جڏهن جناح اسپتال ۾ داخل هئس, ته ماڻڪ جو خط آيو—خط ۾ مونکان پڇيائين ته: "جيڪڏهن آئون لڙهندڙ نسل" تنهنجي نالي ڪريان ته توکي اعتراض نه ٿيندو؟" مون جواب ۾ لکيو ته: نه مونکي خوشي ٿيندي. پوءِ جڏهن "لڙهندڙ نسل" ماڻهن تائين پهتو ته هڪڙي قسم جو هُل مچي ويو- سواءِ سندس دوست اديبن جي, مٿس ڇتي تنقيد ڪئي ويئي ته: فحش آهي- ٻولي کي بگاڙي ڇڏيو اٿائين- خود ليکڪ اهڙي ذهنيت جو آهي. ڪن وري چيو ته جنهن نالي سان منسوب ڪيو اٿائين اُهو اهڙو آهي, جنهن ڪري مونکي به ڪيترن هنڌن تي جواب ڏيڻا پوندا هُئا. مون پڙهيو هُئو ته جڏهن ڪاميو جو ناول "زوال" (The Fall) فرانس ۾ ڇپيو ويو ته ان وقت به ماڻهن چيو ته: اهو ڪامئو خود آهي, تنهنجو جواب اهو ڏنو ويو هُئو ته : ان ۾ ڪامئو به آهي, تون به آهين, مان به آهيان ۽ هو به آهي —هن ناوليٽ ۾ ماڻڪ بنگال ۾ فوجي آپريشن کان يُٽي جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ, هڪ سال واري عرصي وچ ۾ سنڌين جي تحريڪ جي مختلف پهلوئن تي روشني وجهي ويو آهي. جنهن ۾ نعريبازي, تحريڪ جي

ڪوڪلاڻپ، مايوسي، بدحالي بہ شامل آهي جنهن ۾ هڪ طرف رياستي جبر ۾ ڦٽي پاسي وڏيرڪي وهنوار ۾ وڪوڙيل سنڌي ماڻهو ان ۾ ڦيٿين وچولي طبقي جا نوجوان، مارڪسوادي ويچار رکندڙ قومپرستي ۾ Populism جي لاڙن جي ٽڪراءَ جي نتيجي ۾ سگهہ ڪان محروم ۾ تنهي ڌارائن جي ليڊر شپ ڪان مايوس ۾ سماج ۾ ڪا حيثيت نہ هئڻ ڪري بيزاري (Frustration) جو شڪار ٿي وڃي ٿو پر پوءِ بہ ان جو پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار ختم نٿو ٿئي.

ماڻڪ سک درسيت (Optimism) ڪان پري هوندي ۾ هيروازم جي خلاف هوندي بہ تواريخ جي وهڪري ۾ پاڻ ڪي بي وس محسوس ڪندي ۾ زندگي ۾ موٽ ڪائڻ (Withdrawal) ۾ فراريت جي سوچ رکڻ جي باوجود پنهنجي ڪردارن ڪي ڏار ٿو رکي، هن جو ڪردار ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ ضرور سوچي ٿو.

”لڙهندڙ نسل“ جي صفحي 158 ۾ لکي ٿو: ”هر حياتي جي پڄاڻي موت ٿي تہ آهي، پر هن تحريڪ ۾ پناه وٺڻ سان عام زندگيءَ ۾ چيپاٽجڻ ۾ چيچلڻ جي اذيت ۾ پوڳنا جي احساس ڪان ڇوٽڪارو ملي سگهي ٿو مطلب تہ ڪو خاص پيمانو ڪونهي البتہ ان ڪي فني نقطہ نگاهہ ڪان ضرور پرک ڪجي تہ ڪٿي غير ضروري تہ ذڪر نہ ڪيو ويو آهي.“

مونکي هن مهُاڏي اتڪائڻ (Resistance Movement) ۾ حصو ضرور وٺڻ گهرجي ۾ پرپور انداز ۾ ماڻڪ ماڻهون جي اندر سطحي جوابن ڪي وائکو (expose) ڪري ”هستي جو احساس“ (Self Realization) جي ڪينواس ڪي پڙهندڙ جي سامهون آڻي ساڳئي صفحي ۾ چوي ٿو تہ ”پنهنجو پاڻ ڪي نڳڻ نہ گهرجي، ڇا مان تحريڪ ۾ حصو قوم تي احسان ڪرڻ لاءِ وٺان ٿو؟ يا ڪنهن هيروازم جي خبط (Complex) هيٺ يا تاريخي فرض جي ڪوڙي احساس هيٺ.“ هتي ماڻڪ دوستو وسڪي جي ڪردار وانگر پنهنجو پوسٽ مارٽم پاڻ ڪري ٿو.

ماڻڪ تي گهڻي تنقيد سندس ڪردارن طرفان جنس (Sex) جي اظهار ۾ (Sexual Frustration) تي ٿيل آهي. ادب ۾ Sex جو ذڪر ڪيترو هئڻ گهرجي، ان جي لاءِ ڪا ليڪ يا حد بندي ناهيل نہ آهي، منهنجي نظر ۾ جيڪڏهن Sex ڪهاڻي يا ناول ۾ صرف مزي وٺڻ خاطر بار بار پيش ڪئي وڃي ۾ پڙهندڙن ڪي لذت وٺرائجي ۾ جنس ڪان سواءِ ان ۾ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هجي، تہ اهو اگهاڙي ادب (Porno literature) ۾ ايندو، پر جيڪڏهن Sex ڪنهن معاشرتي مسئلي جي حيثيت طور پيش ڪيو وڃي ٿو يا دٻائڻ (Suppression) جي نتيجي ۾ انسان جي ذهن تي ناڪاري (Negative) اثر پون ٿا تہ ان ڪي پيش ڪيو وڃي، يا ڪنهن ڪردار جو هر پهلو ڪان نفسياتي جائزو ورتو وڃي، تہ هن جو جنسي پهلو غائب ڪيو وڃي تہ اها لکڻي اڻپوري نہ لڳندي، مثلن ڪنهن ”AIDS“ جي مرض ڪي ڪو ليکڪ پنهنجي ڪهاڻي ۾ کڻي ٿو جڏهن تہ ان ڪي اهو موذي مرض جنسي عمل جي نتيجي ۾ ٿي ڪان لڳو آهي، ۾ ان جا ماڻهو جي ذهن تي مرض جي ڪري ڪهڙا اثرات پون ٿا. ڇا اهو جنسي عمل جيڪو اديب بيان ڪيو هوندو سو مريض جي ذهن جي اسڪرين تي بار بار نہ ايندو؟ هتي وري بہ موهن ڪلپنا جي ان راءِ سان سهمتي ڪري سگهجي ٿي تہ: ”ماڻڪ ڪٿي ڪٿي ضرورت ڪان وڌيڪ باتفصيل ۾ اُن ڪري اگهاڙو ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اها چيز

سمجهه ۾ سياويڪ نه. مگر روايتي ۽ ترقي پسند ادب جي وديه وهه ۾ آئي آهي.”پر سارتر جي ٽن ناولن (Trilogy)يا ”Intimacy“ نالي سندس ناول ۾، جو ڪليل اظهار ملندو اُن جو جواب ڪهڙو ڏيندو؟

ان ئي عرصي ۾ ماٺڪ شادي جي ضرورت محسوس ڪئي ۽ پنهنجي پسند جي ڇوڪري جي ڳولا ڪرڻ لڳو. عشق ڪرڻ جي ڪيس همٿ ڪانه هئي، جو ڪٿي Love Marriage ڪري، سو ڳولي ڳولي ٿڪجي پيو پر ڪا ڏانءُ جي نه مليس. هڪ ڏينهن مونکي چيائين ته منهنجو مامو مونکي چوي ٿو ته: ”منير عورت مڙئي عورت اٿئي، سڀئي هڪ جهڙيون آهن، اجائي ٿو ڳولا ڪرين!“ نيٺ منير سادگي سان شادي ڪري ڇڏي، شايد دوستن مان ڪنهن کي به سڏ ڪونه ڏنو هئائين. شادي کان پوءِ ڪجهه ڏينهن ته خوش رهيو پر وري ساڳي ماٺ، ڊپ (Depression) ۾ موٽي آيو. ماستري ڇڏي ڪجهه عرصي لاءِ دادو ۾ سوشل ويلفيئر آفيسر به ٿيو ان دؤران اسان جي ڳوٺ پڻ اڪثر ايندو هئو. ايئن اسان وٽ ايندي، منهنجي ٻن ڀائرن مرحوم مختيار ۽ شهزاد جو دوست ٿي ويو هئو — دادو ۾ احمد خان ملڪاڻي، فاروق سولنگي ۽ شوڪت سنڌي سان ڪچهريون ڪندو هُئو پر اڪثر دوستن کي اها شڪايت هوندي هئي ته: مُنير کُلي ڇو نه ٿو ڳالهائي؟

ڪجهه عرصي کان پوءِ ماٺڪ ڪراچيءَ ۾ روسي انفارميشن اداري ۾ به ڪم ڪندو هُئو ڪيس اُتي ڪڏهن ڪڏهن آفيس ۾ ملندو هئو ته ڏاڍو تاڻيل (Tense) هوندو هُئو. ايئن محسوس ٿيندو هئو جڻ ڪنهن ڳري بار هيٺ آهي. ٻئي طرف روسين جو پاڻ ۾ خودغرضيءَ جو ورتاءُ ۽ زبردست ملازمن کي پنهنجي باس کان تمام گهڻو ڊڄندي پڻ ڏسندو هُئو. اهو سمورو وهنوار ڏسي ڪري منير سوشلٽ معاشري جي وڏيڪ خلاف ٿي ويو. انهيءَ دؤر ۾ منير جڏهن روسي اديب سولزيسٽن جي خلاف ”هلال پاڪستان“ ۾ ڪالم لکيو ته منير کان مون پڇيو ته: تو سولزيسٽن جي خلاف ڇو لکيو آهي؟ وراڻيائين ته: مجبوري آهي نوڪري ڪرڻي آهي، سو روسين جو زور هئو ته اولهه جي پروپئگنڊا جو جواب هر حالت ۾ ڇيچڙ گهرجي. سو منير ڊپ جو شڪار ٿي پنهنجي آدرشن (Ideas) جي خلاف پڻ لکيو. ان مان توهان اندازو لڳائي سگهو ٿا ته بحيثيت اديب جي ماٺڪ ڪيترو نه ذهني دٻاءَ ۾ هوندو. ڪراچي ۾ منير گهڻو ڪنهن سان ڪونه ملندو هُئو. پنهنجي گهر ۾ به بي حسيءَ وارو ورتاءَ هوندو هئس پر پنهنجي پٽ علي سان ڏاڍو پيار هوندو هئس. ماٺڪ کي ڪراچي پسند نه هئي، ايئن محسوس ٿيندو هُئو ته دوستووسڪي وانگر پيٽرزبرگ بدران ڪراچي ڪيس مست هاٿي جيان لتاڙي رهي آهي. ”Man is crushed under the gain feet of great cities –Dostoevsky“هاٿي سوال پيدا ٿئي ٿو ته آخر ماٺڪ کي ڇا وڻندو هُئو؟

ڪجهه به نه. هن مختصر زندگي ۽ محدود حالتن ۾ ڇا پئي چاهيو؟ بغير ڊپ جي زندگي گذارڻ ۽ لکڻ پڙهڻ — بهرحال جڏهن 1980ع ۾ حالتون تمام گهڻيون خراب ٿي ويون، ۽ مون تي وارنٽ نڪتا ته مون گرفتاري نه ڏني. ڇهه مهينا رکي منير وٽ ويس. جيئن ئي آءُ سندس گهر وينس ته ڊپ ۽ نفرت ۾ ڪڇيون گاريون ڏنائين ته: روپوشي جي حالت ۾ مون وٽ ڇو آيو آهين؟ مون پنهنجي جوابي ڪروڌ کي ته لڪائي ڇڏيو پر طئہ ڪيو ته آئيندي منير وٽ بلڪل نه ايندس. مون کي ياد ٿو پوي ته اهڙي قسم جي ڪاوڙ منير هڪ دفعو اڳ به ڪئي هئي، جڏهن منير حيدرآباد ۾ اسان جي گهر وينو هئو ۽

منهنجي والده سان ڳالهيون ڪري رهيو هئو ته امان چيس ته ”منير، هي ڪٽ ته ڇڪي ڏي، جهولي ٿي وئي آهي.“ حالانڪ اسان ٽئي پٽ موجود هئاسين پر امڙ اسان کي نه چيو. سو منير ان وقت غصي ۾ انڪار ڪيو ۽ يڪدم مونسان نڪري ٻاهر هليو ويو. مونکي ڏاڍي شرمندگي ٿي مون چيو ته: امان سادي آهي توکي پنهنجو پٽ سمجهي چيائين.“ منير چيو ته نه تنهنجي ماءُ جي وڏيرڪي ذهنيت آهي – سندس غصو ڏسي مان چپ ٿي ويس توڙي جو دل ۾ افسوس به ٿي رهيو هو ته امان هن کي ايئن ڇو چيو؟

جيتري قدر فڪري اظهار جو سوال آهي ته ماڻڪ پنهنجي سوچ ۽ فڪر جو اظهار گهڻي قدر پنهنجي ڪتاب ”پاتال ۾ بغاوت“ ۾ ڪيو آهي. جنهن ۾ هو ڪامئو جي يوناني ديومالائي هيرو سسيفس کان متاثر به آهي، جڏهن ته البر ڪامئو جو سيفيس، ذيوس ديوتا کان ڏنل ڏکي نه ختم ٿيندڙ ۽ بي معنيٰ سزا چپ چاپ ڀوڳيندو رهي ٿو. پر منير پنهنجي ناولٽ ۾ سيفيس کان Noچورائي ٿو ته: اها بي معنيٰ ۽ فضول سزا مان نه ڀوڳيندس. هي ناڪار ۽ بغاوت مارڪس جي پرولتاري خدا کان مختلف آهي، مارڪس جي تصور ۾ پرولتاريه پنهنجي غلامي ختم ڪري خود مالڪ يا آقا بڻجي ٿو. جڏهن ته ماڻڪ جو هيرو مستقل بغاوت ڪري ٿو هر نا انصافي خلاف لڙي ٿو.

جيئن ”پاتال ۾ بغاوت“ جي صفحي 57 تي لکي ٿو ته :”بااختيار بڻجڻ سندس آدرش ڪونه آهي“ هو ڪنهن مقرر ڪيل /ڪرايل مراد سان جڙيل ڪونه آهي پر نان ڪميٽڊ هوندي به ڪميٽڊ آهي. صفحي 58 تي لکي ٿو ته: ”سندس ناڪار، نئين خدا خلقڻ يا پاڻ خدا ٿيڻ لاءِ نه آهي، سندس هيرو هيٺو هجڻ جي ڪري طاقت جي آڏو مجبور به آهي، جو هو سزا ڀوڳي ٿو – ساڳئي صفحي ۾ سيفيس کي اڄ جي ماڻڪ سان (intellectual) مشابهت ڏيندي چوي ٿو ته: جيڪا ڪيفيت اڄ جي مانسڪ فنڪار ۽ ليکڪ جي ٿي سگهي ٿي جيڪو ليکڪ سارتر چواٿي – معاشري کي احساس جرم بخشي ٿو. سو منير به سڄاڻ هجڻ جي سزا ڀوڳيندو رهيو جنهن جو اظهار هن پنهنجي ڪتاب ”ساهه مٽ ۾“ ۾ ڪيو آهي هو چوي ٿو ته: ”منهنجي ٽريجڊي اها آهي ته مان سڄاڻ آهيان، اهو سڀ ڪجهه ٿيڻ کان سواءِ سڄاڻ هجڻ ۽ ان جي سرت رکڻ تي ۽ محسوس ڪيان ٿو.“ صفحو نمبر 136

ٻئي طرف ماڻڪ پنهنجي لکڻين ۾ اسان کي احساس جرم به ڏياريندو رهيو آهي. صفحو 96 : ”ساهه مٽ ۾“ تي لکي ٿو ته: ”مونکي هي چوڻ ۾ بلڪل هٻڪ ڪانهي ته سنڌ جا قومي نِپي هيٺ سڏجندڙ اڳواڻ ۽ قومپرست، پنهنجو پاڻ لاءِ آهن، قوم لاءِ نه – قومي مسئلن تي سوچيندي ۽ ويچاريندي ۽ عمل ڪندي، سندن ذات ئي محور هوندي آهي نڪي قوم سنڌ – سندن پنهنجي ئي ذات، ها!“

ساڳي ئي ناول ۾ 119 صفحي تي لکي ٿو ته : ”سنڌ جا وڏيرا، پير، (۽ ڪامورا به ) انهيءَ فيئر ڪمپليڪس ,,, يا احساس جرم ڪٽي ڇڏج، ڪي لڪائڻ لاءِ، اهڙي قسم جو نماءُ ڪندا آهن، ته هو ڀهرين سنڌي ڪونه، پر هنن جهڙا آهن. هنن سان وفادار، نڪي سنڌي عام خلق سان، ۽ اهڙي قسم جو نماءُ (يا اصليت به) تڏهن ئي اثر وارو ٿيندو.“

سوويت پريس انفارميشن جي نوڪري ختم ٿيڻ کان پوءِ ماڻڪ وڏيڪ پريشان رهڻ لڳو نوڪري ڪرڻ يا نوڪري ڇڏائجي وڃڻ، ٻنهي حالتن ۾ ڪيفيتن جو اظهار ماڻڪ ”مئل زندگي“ ۾ هيئن ڪيو

آهي ته: ”هن ذلالت (نوڪري) جو بار کڻڻ جي ڀرپور خواهش رکان ٿو ڇاڪاڻ ته زنده رهڻو اٿم. سدائين هن ڪتڪي ۽ ڏڀ جي ذهني عذاب ۾ پوڳيندو آهيان ته ڪٿي هي ذلالت جو بار ڇڏائجي نه وڃي، ۽ پوءِ ڇا ٿيندو جو پيانڪ سوال. . . “ خط نامڪمل.

ماڻڪ وڪالت به نه ڪري سگهيو نوڪري نه ڪري سگهيو پر آخر ۾ ڪوشش ڪيائين ته نوڪري ملي وڃي، منهنجي خيال ۾ ڪيس نوڪري جي ڳولا ڪرڻ به نه پئي آئي، نيٺ پنهنجي طبيعت تي جبر ڪري ميڊيڪل اسٽور کوليائين، پنهنجي موت کان ويهارو ڏينهن اڳ مون ڏانهن نياپو موڪليائين ته ساڻس ضرور ملان، حالانڪ مون تي وارنٽ اچا تائين هيا، تي سگهي ٿو ته زندگي جي اهڙي موڙ تي اچي بيٺو هجي، جو ڪنهن به شيءَ کان ڪيس ڏپ نه لڳندو هجي – ويندي موت کان به.

مان منير سان لاڻين پار، نواب شاهه ۾ ميڊيڪل اسٽور تي ملڻ ويس هي ساڻس آخري ملاقات هئي جنهن جي اسان ٻنهي کي خبر ڪانه هئي، منير هميشه وانگر خاموش ۽ ڳنڀير هيو جيئن ته ان ملاقات کي تمام گهڻو عرصو گذري چڪو آهي تنهن ڪري ڳالهه ٻولهه چڱي طرح ياد نه آهي. بهرحال جيڪو ڪجهه ياد آهي اهو آئون پڙهندڙن آڏو پيش ڪريان ٿو. مون پڇيو ته: ”خوش آهين؟ “ چيائين ”ها، بس مڙيئي.“ پيلا ميڊيڪل اسٽور هلائڻ اچيئي ٿو؟ ”نه، 9000 نقصان پهتو آهي.“ ايئن ڪندي هڪڙو گراهڪ به دوائون وٺي ويس، ان جو ليکو ڪرڻ نه پئي آيس، حالانڪ اهو ليکو ايڏو ڏکيو به نه هُئو مون کان پڇيائين ته: ”ڪيترا پيسا ٿيا؟“ مون چيو ته: ”ڪي ماڻهو اهڙا به ايندا هوندئي جيڪي چوندا هوندا : ته ابا هاڻي پيسا ڪونهن ۽ پوءِ پيسا نه ڏيندا هوندا.“ چيائين،،ها ڇا ڪجي، مونکي انڪار ڪرڻ نٿو اچي اهو ڄاڻندي به دوا ڏيئي ڇڏيندو آهيان ته هي پئسا نه ڏيندو.“ وري چيائين ”هتي ويهندي ڏاڍي تڪليف ٿي ٿئي، تازو اسٽيشن تي بم بلاسٽ ٿيو آهي، پرسان ٽاٽو آهي، اپوجهه ڳوٺاڻن ماڻهن کي زوري وٺي ويندا آهن.“ مون چيو ”ها“ حالتون ڏاڍيون خراب آهن، توهان مهانگائي خلاف هڪڙو بيان ڏيو پر هُجي اديبن پاران، جنهن ۾ منهنجو نالو ڏيئي ڇڏيو.“ مونکي عجب لڳو ۽ خوشي به ٿي ته ڪنهن تحريڪ ۾ ڪٿي معمولي ئي سهي، پر اچڻ لاءِ هُو تيار ته ٿي ويو آهي، رکي رکي مون کان پڇيائين پئي : ”تنهنجا ڪهڙا حال آهن؟“ مون پڇيومانس ”لکندو آهين؟“ چيائين: ”گهٽ“ وري بي دلي انداز ۾ چيائين: ”نواب شاهه وري جڏهين اچين ته مون وٽ اچج.“ مون چيو ته: ”ڪو خاص ڪم آهي؟“ چيائين ته: ”نه، بس ائين ئي.“ ان وقت مون کي احساس نه ٿيو پر هاڻي سوچيان ٿو ان ڪلاڪ ڪن جي ملاقات ۾ هڪ دفعو به سندس چهري تي مرڪ نه آئي ۽ نه ئي وري ڪنهن ڳالهه ۾ اتساهه ڏيکاريائين ڪنهن موضوع تي بحث ڪرڻ به نه پئي چاهيائين، بلڪ ائين ڪا ڳالهه ٻولهه به نه پئي ڪري سگهيو. هو زنده ته هُئو پر زنده رهڻ جي خواهش ختم ٿي چڪي هُئس. ڪجهه ئي ڏينهن کان پوءِ اخبار ۾ اها دل ٽوڙيندڙ خبر پڙهيم ته: ماڻڪ مري ويو. مون سان گڏ ان وقت هڪ سياسي ورڪر گڏ هُئو منهنجي دل چيو ته هن دوست سان ماڻڪ جي باري ۾ ڪوڙ ساريون ڳالهيون ڪريان، پر هو ماڻڪ کي سڃاڻندو نه هُئو – ماڻڪ ڪيئن مئو ماڻٽ چون ٿا ته قدرتي موت مئو آهي.

**(ماهوار سارس، آگسٽ 1993ع تان ورتل)**

# ماڻڪ چرڪائيندڙ ليکڪ

## تهمينہ سڪندر

ماڻڪ، منير احمد جي نالي سان بہ لکيو آهي، سندس ناولٽ ۽ ڪهاڻيون چرڪائيندڙ انداز ۾ آهن. هن جلد ئي ”ماڻڪ“ جي نالي سان لکڻ شروع ڪيو. سندس جوان موت بہ ادبي حلقن کي گهڻو سوچڻ تي مجبور ڪيو. ”پاتال ۾ بغاوت“ ”لڙهندڙ نسل“ ناولٽ / ناول کان سواءِ هن ڪهاڻين ۾ بہ پنهنجي رنگ کي قائم رکيو.

سماج جي اڻ برابرين تي کُلي لکيائين، عورت جي بيوسي ۽ حق تلفي جو ذڪر هن ظاهر ظهور ڪيو. سماج ۾ هن جي ظاهر ظهور ڳالهہ کي واسطيدار حلقن ننديو بہ، گاريون بہ کاڌائين بہ مجموعا ”حويلي جا راز“ (1982ع) ۾ ۽ ”ڇهہ انام ڪهاڻيون“ (1981ع). ماڻڪ جي فن جي تہ ساک پرين ٿا، پر اها بہ خبر پوي ٿي تہ هن جي پنهنجي سماج جي بي حسيءَ جي ڪري بي آرامي بہ نمايان آهي. ڪهاڻي ”حويلي جا راز“ تي ماڻڪ هڪڙن جي اکين ۾ ڪنڊي وانگر چڀڻ لڳو ۽ جاگيردارانہ نظام جي ڏنگيل بيوس خلق ۽ ادبي حلقن کيس داد ڏنو. هن ڪهاڻيءَ جو موضوع فرسوده رسم هئي جنهن جي نتيجي ۾ ڏيءَ کي بخشائبو هو. هوءَ سڄي عمر چڙي چڙي مرندي هئي. ٻي صورت ۾ پنهنجو رستو ڳولي ڪڍندي هئي. هن افساني ۾ اها ٻي صورت حال پيدا ٿئي ٿي. ليکڪ همت سان ۽ صاف لفظن ۾ اهو داستان بيان ڪيو ان ڪري مفاد پرست طبقن کيس ننديو.

انام ڪهاڻين مان بہ ڪي عنوان سان ”حويلي جا راز“ ۾ وري آيل آهن، انهن ۾ ”ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري“ وڏيڪ مقبول ٿي. هن ۾ هڪ نوجوان رن جي ڏکن واري زندگي جو بيان آهي. هوءَ ٻار جي ماءُ بہ آهي. پنهنجي اڪيلائيءَ واري زندگي ڪري ماءُ کي بہ جهٽڪ دشمن ٿي جاڻي. ماءُ پيءُ کي خوش زندگي گذاريندي ڏسي رشڪ ٿي ڪري، ليڪ هن ڪهاڻي ۾ جنسياتيءَ پهلو جو اپٽار تمام نمايان انداز ۾ اختيار ڪيو آهي. ڪير ڪيترو بہ ناراض ٿئي ۽ ليکڪ کي دستوري اخلاقي دائري ۾ ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري جي ابتڙ پلاند ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ ليکڪ ماءُ جي ان اطمينان کي ظاهر ڪري ٿو جيڪو هن کي پٽ جي شادي تي حاصل ٿئي ٿو. ڪهاڻي جي سٽاءَ مناسب نہ آهي. اهو هيئن تہ هر ڳالهہ چوڻ جي نہ هوندي آهي. ماڻڪ تي مجموعي طور الزام بہ اهوئي آهي تہ هو نہ ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون بہ ڪري ٿو.

ماڻڪ جي تحرير ۾ جنسيات جو پهلو وڌيڪ نمايان آهي. هن جا ڪردار انهي دائري ۾ چرپر ڪن ٿا. ادبي تبصرن ۾ هن کي ان جو داد بہ ڏنو ويو آهي. جي مجموعي طور ڏسجي تہ ان داد ۾ يڪطرفو فيصلو نظر ايندو. جنسيات تي لکڻ وارن ۾ غلام نبي مغل، مشتاق شورو ۽ ماڻڪ وڌيڪ نمايان آهن. اهو بہ سچ آهي تہ جنس انساني زندگيءَ جو بنيادي حصو ۽ گهرج آهي. سماج ۾ اٿل پٿل جو هڪ

سبب جنس بہ آهي. ماڻڪ جي اڪثر ڪردارن ۾ جنس ڪي اهميت نہ ڏيڻ جو سبب دولت بہ آهي ۽ ڪوڙي ناموس بہ. ”حويلي جا راز“ ان جو هڪ نمونو آهي.

ماڻڪ سنڌي سماج جي انهيءَ پهلو تي کُلي لکيو. ان جو اعتراف بہ ٿيو. هن ٿوري عمر ماڻي. پر سنڌي افساني ۾ سندس نالو ڳڻجي ٿو.

(ڪونج، لاڙڪاڻو نومبر ڊسمبر 1994ع)

# بيٺل دل جي خبر

## مظهر ميمڻ

ماڻڪ سان منهنجو گهڻ منهون لڳاپو هو. هڪ ته دوست فرد وارو لاڳاپو جيڪو مونکي زندگيءَ جو لاڳيتو ۽ هوند جو احساس ڏياريندو هو. اهو ضروري ناهي ته ماڻڪ کي اها ڄاڻ هجي، ڇو جو اسان سڀ ڄاڻي ٻجهيءَ يا اڻڄاڻائيءَ ۾ هڪ ٻئي جي زندگين کي ڪو نئون ڏڳ، ڪو نئون احساس ڏئي ويندا آهيون. اهو نئون ڏڳ ڪيسي گرم ڪرڻ جي ڪا واٽ به ٿي سگهي ٿي، ته ساڳي وقت اهڙو هاڪاري ورتاءُ به. اهڙو ورتاءُ جو فرد کي جيئڻ ويل ۽ مرڻ کان پوءِ به حالتن جي ڦلهيار کان مٿانهون ڪيو بيهاري، مان اجان تائين پاڻ تي ماڻڪ جي موت ۽ ان کان اڳ واري وقت جي ڇڏيل اثر جو پورو تجزيو نه ڪري سگهيو آهيان. ها هڪ مهل آ مهل ڪنهن ڏنگ جو احساس ضرور ٿئي ٿو "پر شايد اهو اسان جي بائلاجيڪل سسٽم جو پاڻ مرادو ۽ اڻ روڪ رد عمل آهي."

ماڻڪ سان منهنجو سماجي ڳانڍاپو پڻ هو. جيتوڻيڪ اسان ۾ ادب، زندگيءَ جي معنيٰ، سياست ۽ اهڙن ٻين موضوعن جي سلسلي ۾ وڏا اختلاف هئا، پر اڄ جي ادبي وڏيرا شاهيءَ وارين روايتن جي خلاف اسان هڪٻئي کي ٻڏو ۽ ٻڏايو ملندا رهياسين ۽ پرپٽ ڪاٽ ڪونه هنياسين.

سندس ڪهاڻين جي مجموعي تي تبصرو ڪندي مون لکيو هو ته "حقيقت (وهندڙ زندگيءَ جي پس ۽ پيش منظر ۾) جي مختلف رنگن کي الڳ الڳ تخليق ڪرڻ سان، ڇا اسان ڪڏهن به سمپورڻ حقيقت جو اپياس ڪري سگهنداسين."

جيتوڻيڪ مونکي ان جو جواب نه مليو آهي پر هڪ جواب ضرور مليو آهي ته: اهو ته اسان کوهه جا ڏيڏر آهيون، سماجي ۽ ادبي لاڙن، نظريي ۽ مجموعي طور انساني زندگيءَ جي ڪيتر ۾ شعوري يا غير شعوري طرح اڄا اسان اهو سمجهيون پيا هلون ته فرد يا گروپ جي صورت ۾ اسان جتي بيٺا آهيون، سچائيءَ جون سڀ ڏارائون اتان نڪرن ٿيون، اسان مان جيڪي اهو ورتاءُ به ڪنهن سياسي مصلحت جي ڪري نٿا رکن اهي يقينن مشاهدي جي اڻهوند جا ڏنگيل آهن.

ماڻڪ هڪ مڪمل لاڙو رکندڙ انسان هو ۽ ادب ذريعي ان جو ڪليل ۽ ڀرپور اظهار ڪيائين. اڄ جڏهن ته ٽولي بازي جي ڪري لکڻ ۾ ڇيچڙ سولو ٿي ويو آهي (ادبي معيار کي پري رکندي) شايد اسان اهو احساس نه ڪري سگهون، ته ماڻڪ بنا ڪنهن گروه / ٽولي جي اڪيلي سر لکڻ ۽ جيئڻ لاءِ ڇا ڇا نه سَٺو هوندو. جيتوڻيڪ اها سچي خبر سندس بيٺل دل ٻڌائي ٿي.

(ڪونج. لاڙڪاڻو نومبر ڊسمبر 1994ع)

# ماٽڪ مان ۽ گئس چيمبر

## اخلاق انصاري

”واريءَ تي اڏيل پتيون، پتين تي اڪريل مقدس مذهبي لفظ، پتين تي، پتين مٿان، پتين جي چوڦير ۽ پتين جي اندر مقدس مذهبي نعرا، بنهه پوري ريت، چوڪسيءَ، چالاڪيءَ ۽ هوشياريءَ سان ٺن پتين اندر ٺاهيل گئس چيمبر ۽ مقدس مذهبي نعرن سان والاريل، ڦاسايل، ٻوساتجندڙ خلق . . .“
(ماٽڪ جي ڪهاڻي جي شروعات)
۽ چوڌس، چپ چپات – هٿ نه ڏسي هٿ کي،
ايتري اونده
اونده ۾ چيم ماٽڪ.
”جي“
ڏسين ٿو،
”نه“

پوءِ؟
”ٻڌو ٻڌي سگهان ٿو.“
ڳالهائي!
”ڳالهائي به سگهان ٿو.“
پوءِ ڳالهائي
”ها . . . ٻڌ توسان ياد ٿي پهريون ڪٿ مليو هوم؟“
”ها اتي آرٽس ڪائونسل ڪراچي جي ادبي گڏجاڻي ۾، سال ٻڌائي ڇڏيان، 1969ع ۾. ۽ مان ڪائونسل بلڊنگ جي پلر کي ٽيڪ ڏني تو کي آٽوگراف ڏنو. بلڪل ان جي پرسان جت تاج بلوچ لکيو هو ”دکي ۽ يتيم انسانيت جي خدمت ئي سڀ کان وڏي ۾ وڏي عبادت ۽ عظيم نظريو آهي.“
۽ نيري پيج تي لکيم.
”زندگيءَ ۽ موت تي نه سوچ . . . جت موت نه آهي اتي زندگي موت کان زهريلي آهي.“
”خدمت جو تصور بذات خود هڪ وڏو دوکو آهي.“
”ٻڌين پيو نه؟“
ها ٻڌان پيو. . ڏسان نه پيو.
”ها اونده آهي، منهنجو نه ساهه ٿو منجهي، وري اسان گئس چيمبر جي ان ڪنڊ ۾ آهيون جت نه اونده آهي، گهري اونده . . . پر . . . پر . . . آواز گهٽ آهن . . . لاڙڪاڻي ۾ مليو هئين؟ ها مليو هئم.
”پوءِ ان ڪچهري ۾ ڇا ڳالهائيو سين؟ ياد اٿئي؟
. . . . . .

”ٻڌاءِ نہ چپ ڇو آن؟“
سوچيان ٿو.
”ڇا؟“
يار . . . اونده ۾ زنده رهڻ جو مقصد؟
”زندگي ۽ موت تي نہ سوچ . . . جت موت نہ آهي اتي زندگي موت کان زهريلي آهي . . .سسيفس جي ٽريجدي ڏس مسلسل عذاب، ڪيس موت کونهي، ۽ موت کي منهن ڏي، موت اوس، اڇڻو آهي.“
پر زندگي جو حل؟ چيم
”ان ڳاله تي مان چيو هو، تہ اهو سڀ ڪجه ان وقت ملي جنهن وقت اختيار جو انڪار ڪجي! . . .
ها ٻڌ تون ان تي مون سان لاڙڪاڻي ۾ اختلاف ڪيو هيو . . سانجها کان پوءِ ڪمري ۾ هلڪي ڳاڙهي روشني ڦهليل هئي، تو چيو هو ”پاتال ۾ بغاوت“ هن دور ۾ لکي جاگيرداري سماج کي هٿي ڏني اٿئي.
جواب ۾ چيو هئم ”نہ“ منهنجو اهو مقصد نہ آهي، انڪار ڪيو هر اسٽيبليشمنٽ کان.“
۽ موت ۾
تو چيو هو، ماڻهو پوءِ فطرت جو بہ انڪار ڪري. مان چيو هو ”اڄ ڏينهن تائين فطرت سان وڙهندا تہ اچون پيا.“ ۽ تو چيو: پوءِ ڊايوجينس وانگر نڪ تي هٿ ڏئي ساه بند ڪري مري وڃون.
مان موت ۾ توکي ڪيئن سمجهايان بس توکي ياد هوندو مان اهو چئي بس ڪري ڇڏيو تہ هر اسٽيبلشمنٽ آڏو انڪار ڪرڻو آهي.
. . .
. . . .
”منهنجا ڪهڙا ڪتاب پڙهيا اٿئي؟“
”مئل زندگي، لڙهندڙ نسل، پاتال ۾بغاوت.“
”ها ٺئي . . . ڏس هٿ تہ لکي بہ نٿو سگهجي . . . گئس چيمبر آهي . . . اونده آهي – ڏس ڳالهايون بہ ڪيڏو آهستي ٿا . . . اونده آهي . . . ڏکهي رات صبح جو رڳو تصور آهي . . . پلا اونده ۾ ٽانڊاڻي جو تصور اچي ٿو؟“
”ها“
”ها ڏس ٽانڊاڻو زندگي جي علامت آهي . . ۽ تون زندگيءَ کي ڪيئن Defineڪندين؟“
يار . . ماڻڪ واقعي ڏکي ڳاله آهي. تو تہ ”مئل زندگي“ ڪهاڻي لکي زندگيءَ جي Definition ٻڌائي ڇڏي . . . وري بہ ٽانڊاڻي جي حوالي سان تہ ”ٽانڊاڻو جڏهن جوان ٿيندو آهي تہ پوءِ ان کي حياتي صرف ست ڏينهن ملي. اهي ست ڏينهن هو پنهنجي ماديءَ کي ڳولهيندو آهي جنهن کي پَرَ نہ هوندا آهن. ان سان ملڻ کان پوءِ مري وڃي. “
”ڏس اهائي زندگي جي مڪمل وصف آهي، ست ڏينهن ۾ اها زندگي مختصر Struggle ۾ گذارجي . . . نہ تہ ”مئل زندگي“، ٻڌين پيو نہ . “
ها ٻڌان پيو ڏسان تہ پيو.

ها... يار ايتري اونده ۾ ڪير ڏسندو... مونکي الائي ڇا ٿو ٿيئي... اوچتو منهنجو ساهه ٿو منجهي ... ڏس واريءَ تي اڏيل پٿين تي وري نوان مذهبي نعرا اڪيريا ويا آهن... ڏس ڪيڏي چوڪي – ڪيڏا نعرا... ڪيڏي چالاڪيءَ سان. منهنجو ته گئس چيمبر ۾ ساهه ٿو ٻوساٽجي، تون ڳالهاءِ، آواز زندگيءَ جي علامت آهي... منهنجو ته... ته... ساهه...

ماڻڪ!

.........

ماڻڪ!!

.....

ماڻڪ چپ ڇو آن ماڻڪ!؟

ماڻڪ!... ماڻڪ

(ڪونج، لاڙڪاڻو: نومبر ڊسمبر 1994ع)

# ماڻڪ ۽ حقيقت پسندي

## ممتاز ابڙو

انسان ذات سان وقت ۽ حالتن ۾ جيڪي وهي واپري ٿو حال ماضي مستقبل ۾ يا ان جي اردگرد سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ تاريخي جيڪا اٿل پٿل ٿئي ٿي يا خود انسان جي اندروني ذات سان لاڳاپيل ويڙهاند آهي، هن جي زندگي ۾ ڏک، درد، جهيڙا، جهتا، واقعا حادثا اچن ٿا ۽ هو جنهن ڪيفيت ۾ آهي. ڏک درد ڀوڳي ٿو يا فطرت جي سونهن وڻ، وڻڪار، گل، گلزار، سمنڊ، درياءَ، ڍنڍون، چشما، جبل، سرسبز ڌرتي تي خوشيون، پيار، محبت ۽ سندر سندر سپنا پسي ٿو انهي طرح سماج اندر ريتون رسمون نن‍ڍ وڏائي، طبقا ۽ طبقاتي رسا ڪشي، مذهب ۽ مذهبي رويا ۽ سماجي انساني مسئلا جن کان متاثر ٿيل گهڙيون ڪهاڻين جو روپ اختيار ڪن ٿيون. اهڙا سلسلا جڏهن حساس فرد متان گذرن ٿا يا اهو خود پسي ٿو ته هن جي اندر جيڪو فن آهي اهو مانڌاڻ مچائي ڇڏي ٿو. اهڙي طرح فنڪار جي اندر ۾ جيڪو حساس پڻو آهي اهو گهرائي مان جنهن جذبي سان اظهار جو وسيلو بڻجي منظر تي اچي اهو ئي تخليقڪار جي صورت ۾ ڪنهن نه ڪنهن صنف جي واٽ وٺي اچي ٿو.

اهڙي طرح ڪهاڻي جي اندر مان به ڪهاڻيون سرجي هن سماج وٽ اچن ٿيون. ماڻڪ به ان ئي سماج جو فرد آهي جنهن جو ماضي به آهي، حال به آهي ۽ مسقبل به. ماڻڪ اهڙي معاشري جو فرد آهي جنهن وٽ سياسي سماجي مسئلا آهن ۽ ريتون رسمون به آهن ۽ نفسياتي مسئلا به آهن. ماڻڪ جي اندر ۾ جيڪي فنڪارانه جذبا آهن اهي هن کي ماٺ ۾ ويهڻ نٿا ڏين. اهي اظهار جو وسيلو بڻجي ڪهاڻي، ناول ۽ ناٽڪ جي صورت اختيار ڪن ٿا. هن جنهن جذبي، شوق ۽ لگن سان جيڪا راهه اختيار ڪئي اهو هن کي منفرد انداز ۾ آڻي بيهاري ٿو.

ماڻڪ ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ جو ستر واري ڏهاڪي جو ليڪڪ آهي. ۽ هن دور کي سنڌي ڪهاڻي جي شاندار ڪهاڻين جو دور ليکيو وڃي ٿو. ان دور ۾ سليم ڪورائي، رزاق مهر، ڪيهر شوڪت، طارق عالم، عبدالقادر جوڻيجو علي بابا، مدد علي سنڌي، بيدل مسرور، شوڪت حسين شورو، رسول ميمڻ، خيرالنساءَ جعفري، نورالهديٰ شاهه، مشتاق شورو ۽ ماڻڪ (مونسان گڏ ٻيا به ڪهاڻي جا ليڪ آهن جن جوذڪر ڪنهن ٻئي ڀيري ڪندس) انهن باقاعدي سنجيدگي سان ڪهاڻيون تخليق ڪيون هن کان اڳ ورهاڱي کان پوءِ شيخ اياز، جمال ابڙو، اياز قادري، محمد عثمان ڏيپلائي، امر جليل، آغا سليم، غلام نبي مغل، قمر شهباز، عبدالخالق عالماڻي، ثميرا زرين، ماهتاب محبوب ڪامياب ڪهاڻيڪار ليکيا وڃن ٿا. جن ستر واري دور ۾ به پاڻ موکيو آهي.

اهڙي طرح ماڻڪ سنڌ اندر جديد ڪهاڻي جي حوالي سان پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي ڇڏي آهي. ماڻڪ ڪهاڻين ۾ ان غليظ مڪروه سماجي روايتن کي سڃاڻي اوگهاڙيو آهي. جيڪي سماج اندر

معزز، معتبر ۽ احترام لائق عزت وارا آهن. انهن جي ڪوٺن مان جنهن نموني سان سندن ريتن رسمن جو ماڻڪ جهاتي پائي مشاهدو ماڻيو آهي. ان جو بيان هن ريت ڪري ٿو.

”بيبي جنان ۾ جن اچي واسو ڪندو هو تہ هوءَ سڄي ڳاڙهي ٿي ويندي هئي. ڄنڊا ڪولي ڪنڌ ڌوڻيندي هئي، سندس سڄو جسم گرم ٿي ڦڙڪڻ لڳندو ۽ جيڪو بہ سندس پير ۾ ويهندو هو ان کي ياڪر پائي چڪ هڻندي هئي، رانيوٽا پائيندي هئي. ان جي چمڙي چوسي رت ڪڍي ڇڏيندي هئي، بيبي جنان جي اهڙي ڪيفيت قرآن شريف سان شادي ڪرڻ کان پوءِ ٿي. حويلي اندر چيو ويندو هو تہ سيد خاندان جو ڪو نيڪ روح اچي واسو ٿو ڪري، پر ڳوٺ جي مسجد جو مولوي چوي ٿو تہ روح ڪڏهن بہ گنهگار دنيا ۾ نٿو اچي سگهي. باقي بيبي کي جن ٿو اچي جيڪو سيدن جي گهر جو مهمان آهي. هن مولوي جي پرم رکڻ واري معاملي کي ۽ سيد جي عاقبت کي اهڙي طرح ڦولهيو آهي جو اصل ساري مام پروڙجي ٿي وڃي. بيبي جنان جنهن جي سونهن ماڻڪ هن ريت بيان ٿو ڪري ”جا بهار ۾ جوڀن تي رسندڙ ٽڙيل گل جنهن جون نفيس نازڪ نرم ۽ لسيون پنکڙيون مقناطيسي ڇڪ رکنديون آهن. جن جي سڳنڌ موسم بهار جي صبح صادق ۽ ٽڙيل گلن وانگر پري کان محسوس ٿيندي آهي ۽ پاڻ ڏانهن بي ساختگي ڪشش ڪندي آهي.“ اها بيبي جنان جڏهن جوڀن جي روءَ مان گذري ٿي تہ سندس جذبا ڪيس نفيساتي مريض ٿا بڻائي ڇڏين، جو هو چرين جيان پاڻ وار کولي ٿي ڇڏي جيڪو پير ۾ اچي ٿو ان کي رانيوٽا، چڪ هڻي رتورت ٿي ڪري ڇڏي. جيڪو ماڻهو يا شيءَ ياڪر پئجي وڃيس ٿو ان کي زور سان پڪڙي لوڏيندي رهي ٿي جڏهن ساڻي ۽ بي حالي ٿي وڃي ٿي تڏهن مائي ساران هن جي اهڙي حالت ڏسي اڄرج ۾ اچي وڃي ٿي.“

جنسي مرض واري ڪيفيت مان نڪرڻ لاءِ بيبي جنان پنهنجو علاج ڳولهي رهي ٿي. گهر مان ونندڙ ڏڌ واري ڇوڪري کي پنهنجا جذبا ارپي ٿي. ماڻڪ اهڙي سگهارن ماڻهن جي ريتن رسمن کي فنڪارانہ انداز سان خوار ڪيو آهي جو ڪيس حال حيات هوندي گارين ڏمڪين جي صورت ۾ موٽ پئي مليس. ماڻڪ جي اها ڪهاڻي ”حويليءَ جا راز“ ماڻڪ جي سيني ڪهاڻين کان سٺي ليکي وڃي ٿي. اهڙي طرح هڪ ٻي ڪهاڻي ”حقيقت رکو“ ساڳي روايتن جي پاسدار ڪندڙ رئيس جي ملڪيت جي ورڇ واري، سلسلي جي ڪڙي آهي. رئيس پنهنجي نياڻيءَ جي شادي ڪرڻ نٿو گهري، ۽ هوءَ بيمار آهي. ان جي علاج لاءِ پنهنجي نئينپڻ جي دوست ۽ خانداني ڊاڪٽر سان رابطي ۾ اچي ٿو. اهو تشخيص Diagnosis ڪري ٻڌائي ٿو تہ Hystereo Manna Conditions جو علاج صرف شادي(Sexual urge)جنسي گهرج جي تسڪين لاءِ فطري گهرج آهي. رئيس جي ڳالهہ نہ مڃڻ تي ڊاڪٽر طبي علاج کي عارضي سڪون سمجهندي، پاڻ فطري طور گهرج پوري ڪري ٿو. معاملو وڌي وڃي ٿو ٻار جو پيٽ ۾ پروش وٺڻ تائين پهچي ٿو. جڏهن رئيس عمرو ڪري واپس اچي ٿو ساري خبر ملڻ کان پوءِ بجاءِ ڏيءَ کي قتل ڪرڻ واري روايت قائم ڪرڻ جي هو ڊاڪٽر آڏو مسئلو رکي ٿو ۽ ڪيس شادي ڪرڻ جي پڻ آڇ ڪري ٿو. پر ڊاڪٽر اخلاق جا هڙ ئي قدر ٽوڙي چڪو آهي. پنهنجي اهڙي ڪڌي عمل کي قانوني ڏوهہ نٿو سمجهي. هو اهڙي عمل کي فطري ضرورت سمجهي پوري ڪري ٿو. جڏهن تہ هو ساڳي وقت شهر جو مشهور ۽ سٺن فزيشنن مان هڪ آهي. پيشي سان لڳاءُ رکندڙ

انسان دوستي ڪان مشهور شهر جي معزز شخصيتن ۾ ڳڻيو ٿو وڃي، ۽ زال، نوجوان پٽ ۽ ڀن ڏيئرن جو پيءُ آهي. پيشي جي ڪتابن ڪان علاوه ادب، فلسفي، نفسيات ۽ سائنس جي مختلف ڪتابن جو مطالعو ٿيل هئس. اهو ڊاڪٽر رئيس جي نياڻي شهزادي لاءِ ويچار رکي ٿو. خوبصورت سادي سودي سڀاجهي ڪنواري آهي تنهن معصوم جي زندگي کي گهاءُ رسائي ٿو ڇڏي. هو نه رڳو دوست سان دوکو ٿو ڪري پر ان معصوم ڇوڪريءَ سان ويساهه گهاتي پڻ ڪري ٿو. اهڙي ڊاڪٽر جي اهڙي مقدس پيشي جي منهن تي جيڪا ڪارنهن ملي ٿو ته اهو ڊاڪٽر جي نالي تان ويساهه کڻائي ڇڏي ٿي. هو اهڙو رهزن ثابت ٿئي ٿو جو پيٽ ۾ پلجندڙ ٻار کي ختم ڪرڻ گهري ٿو. ماڻڪ جي ڪهاڻين ۾ سياسي ۽ سماجي مسئلن سان گڏ جنسي مسئلن جو شڪار ٿي ويل ڪردار به ملن ٿا. ماڻڪ جي ڪهاڻي ۾ جيڪا ترقي پسندي نظر اچي ٿي ان ۾ حقيقت پسندي جي عڪاسي ٿيل آهي. ماڻڪ وٽ نه رڳو ڏانو آهي پر ڏات به آهي. هن جنهن جديد انداز سان ڪهاڻي لکي آهي ان ۾ هن ڀرپور طريقي سان پاڻ موکيو آهي.

(ڪونج، لاڙڪاڻو: نومبر ڊسمبر 1994ع)

# رهجي ويون من ۾ آسون

## صابر هيسباڻي

پونءِ پلاريءَ جي پاڳن کي جيترن اديبن، شاعرن ۽ ڪهاڻيڪارن قلم جي سگهه سان ڏات ۽ ڏانءُ جي ذريعي اڳتي وڌايو آهي، ايترا کي ٻيا ماڻهو همت ۽ بلنديءَ جا جوهر جرڪائي ناهن سگهيا.

پنهنجي پياري ڌرتيءَ جي پياري خوشبوءِ سان واسيل هڪ نانءُ منهنجي ذهن ۾ محبوب جي تصور جيان هري ٿو اچي. جيڪو ڏکڻ جي هير جي هڳاءَ جهڙو بهار ۾ پوندڙ بوندن جهڙو سباجهو نانءُ سنڌي ڪهاڻيءَ جي خوبصورت ڪهاڻيڪار ماڻڪ جو آهي، جنهن اسان کان ڪاوڙجي ماءُ مٽيءَ سان ناتو ازل تائين جوڙي ڇڏيو.

سالن پڄاڻان هو اسان وٽ ته نه رهيو آهي پر ڪوڙ ساريون سُندر تخليقون اسان وٽ رهائي ويو آهي، جيڪي ماڻڪ جي زنده هجڻ جو ثبوت ڏيئي رهيون آهن. ماڻڪ جون ڪهاڻيون مونکي محبوب جي چنريءَ جي ڦلن کان به وڌيڪ خوبصورت لڳنديون آهن. ماڻڪ جي ڪهاڻين جو اسٽائيل نرالو آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ سچائيءَ جو سرور ۽ حقيقتن جي پرچار سان ڀرپور عڪاسي ڪندڙ پلاٽ جن تي ويهي هو سندر سندر تخيلقن کي جنم ڏيندو هو. ماڻڪ جن پلاٽن تي ڪهاڻيون لکيون آهن سي انسان جي زندگيءَ ۾ ٿيندڙ حرڪتن تي مبني آهن. دوست چوندا آهن ته ماڻڪ مري ويو آهي پر آئون ائين چوندو آهيان ته هو زنده آهي زنده رهندو جيسين سنڌ، سنڌوءَ جون ويرون سلامت هونديون تيسين ماڻڪ به امر رهندو. جيون جي نتهڻ اُس ۾ جڏهن به ماڻڪ جون ڪهاڻيون پڙهندو آهيان ته مونکي پپر جي ٿڌڙي ڇانوءَ جهڙو سايو ڏيندڙ پاسنديون آهن. زندگيءَ جي سفر ۾ ماڻڪ اهڙيون ڪهاڻيون ڏيئي ويو آهي جو اڄ به پڙهڻ سان نيون لڳن ٿيون.

رهجي ويون من ۾ او ماڻڪ!
ها آسون توسان ملڻ جون (صابر)

# جڏهن سچ سفر هليا

## نصير مرزا

26 جنوري اڳاري جي ڏينهن، ٻي وڳي منجهند برک ڪهاڻيڪار ”ماڻڪ“ جي اوچتي دکدائڪ وفات واري خبر 27 جنوري تي شام سوائين ڇهين وڳي تصديق ۾ تبديل ٿي چڪي هئي. ڪوڙسارن دوستن جو پنڌ پهڻ دائري وچ ۾ سائين نثار حسينيءَ تصديق لاءِ الاءِ ڪهڙي اخبار کي فون ڪيو.

سائين فون تي ڳالهائڻ جي ابتدا ڪئي. ته دل ڌڙڪڻ لڳي ته اها خبر..... شايد... نه نه! پر اوچتو ڳالهائيندي، سائين اکين ئي اکين ۾ چئي ڏنو ”ماڻڪ ختم ٿي ويو.“ جهلڪ پلڪ لاءِ سڀ فريز ٿي وياسين. پر برف کي آخر ته ڳرڻو ئي هيو- ۽ ان کان اڳ جو اکين ۾ برف رجڻ لڳي، ٻيڙيءَ جي سوراخن مان پاڻي اندر ڏوڪي چڪو هو ۽ نيشنل سينٽر جون ڏاڪڻيون ڏاڪو ڏاڪو ڪري هيٺ لهي رهيا هئاسين. ته ڏاڪڻ تان لهندي ٺڪل ٺڪل وکون کڻندي ائين لڳو جڻ ڏاڪڻ جي ڏاڪن تي تيز اچا بليڊ رکيا هئا. ۽ پوءِ هيٺ شهر جا رستا، فليٽ، ڪارون، بسون، آسپاس ڪوڙيل اشتهاري بورڊ. هر شيءِ هڪ ۾ خالي پڻو جو احساس. سائين نثار اوچتو هلندي چيو: ”يار سعيد! ماڻڪ جي ڊيٿ نروس ڪري ڇڏيو آهي ۽ مان سوچڻ لڳس ته. موت اهڙي وٿ/ سگهه آهي جيڪا ماضي، حال، مستقبل ۾ سڄي دنيا جي ماڻهن، ساهه وارين شين تي حاوي رهي آهي. قلم ته برابر ليکڪ جي هٿ وس هوندو آهي پر هو اُن سان پنهنجي تقدير ۽ ڄمار ته نٿو لکي سگهي، ۽ ماڻڪ به مري ويو اڳتي هلي اسان مان به هر هڪ کي ڌرتيءَ تي هلي پنهنجو پنڌ ڪٽائڻو آهي، اهو طريقو ازل کان هلندو اچي.

”پر ڇا اها ماڻڪ جي وڃڻ جي مهل هئي؟“

”مون کي ڇاڙهي ڇيئنءَ ويو وڻجارو اوهري“ مٿان اها به عجب جهڙي دکدائڪ هڪجهڙائي آهي، ته ٻنهه انهي ساڳي (ماڻڪ واري) خوبصورت ايج ۾. جو ماڻڪ ٻنهه پيارو دوست ۽ برک ڪهاڻيڪار عبدالحق عالماڻي به ويچاري پاپي ۽ هڪ پٽ کي اڪيلو ڇڏي هليو ويو. ماڻڪ جي ذات، ذات، فن ۽ فڪر تي ڪمپيئرنگ ڪرڻ لاءِ مان نهايت ننڍڙو آهيان. ”نه“ برابر آهيان. ڪهاڻي کان، ناول کان، ناٽڪ کان تنقيد تائين، سنڌي ٻولي جي هن ذهين ليکڪ جي هڪ ڊگهي ادبي ياترا آهي. ماڻڪ هر صنف ۾ زندگيءَ جي تلاش جو سفر ڪيو آهي. زندگيءَ جي اپياس جا طريقا هر احساس ۽ آدرشي ليکڪ وٽ پنهنجا هوندا آهن ۽ ماڻڪ وٽ به هئا. ماڻڪ بيشڪ ته — نه فقط سنڌيءَ ٻوليءَ جو ذهين ۽ گهڻ پڙهيو ليکڪ هو، پر هن جيڪو ڪجهه به پڙهيو هو اُن بابت هن سوچيو به هو. ماڻڪ وٽ هر متضاد سياسي ۽ قومي مسئلي جي لاءِ هڪ راهه هوندي هئي. ماڻڪ پنهنجي آخري لکڻي تائين پنهنجي آدرشن سان وفادار نظر اچي ٿو ۽ اها ڳالهه به پڌري پٽ ڪرڻ چاهيان ٿو ته. ماڻڪ روايتي آدرشوادين ۽ سياستدانن وانگر پنهنجا آدرش ماڻهن تي ناهن مڙهيا. ماڻڪ پنهنجي ڏمريل ٿهيءَ جو اڪيلو ۽ منفرد نمائندو هوءِ آهي! ماڻڪ جيڪو ڪجهه لکيو آهي ان جي ٽيڪنڪ ٻولي جو واهپو

– جملن جي جوڙجڪ – مواد جو ورتاءُ، مطلب تہ منفرد نثر جيڪو ماڻڪ لکيو ان جي ابتدا بہ ڪانئس ئي شروع ٿئي ٿي. ماڻڪ وٽ مايوسي ۾ اسپوڊِتي فيشن طور نہ هئي. اهو ماڻڪ جي مشاهدي جو ڪمال هو. هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ آئوٽ هائيبر قطعي ڪونہ هو. ماڻڪ – سنڌي ڪهاڻيءَ لاءِ جنهن (Theme) سان نيايو اُهو بي ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. هڪ مڪمل آئيڊيالاجي ڪٽي ان سان نيائڻ! بس ماڻڪ جهڙي گهڻ پڙهيئي ۾ آدرشي ليکڪ جي ئي وس جي ڳالهہ هئي. ماڻڪ ڪنهن وڏي ذهني ڪشمڪش ۾ مبتلا هوندي بہ ٻاهران بظاهر ڏيک ويک ۾ جڻ پُرسڪون زندگيءَ جو استعارو لڳندو هو.

(تنهنجا منهنجا نيڻ ائين جڻ، رڻ ۾ رات ٿري)

ڪنهن رشي منيءَ جهڙي سانت سياءُ رکندڙ هي ڪهاڻيڪار سنڌي ادب جي اتهاس ۾ مکيہ حيثيت ۾ زنده رهندو ۾ 26 جنوري جي سانجهہ هٿ ۾ ڪارا جهنڊا کڻي رستن تي لهي آئي هئي، تڏهن نوابشاهہ جي موهني بازار جي نور مسجد جي ايوان ۾، عظيم ڪهاڻيڪار جي قبر کوٽجي رهي هئي. ٻئي ڏينهن، 27 جنوري تي جڏهن سورج ڏيري ڏيري آسمان تي چڙهي رهيو هو. ماڻڪ ڌرتيءَ جي پاتال ۾ دفن ٿي چڪو هو. تڏهن رات جو مون بئدلڪ ڊائريءَ ۾ لکيو:

”گگهہ- قبر روشن ٿي ويئي!

جڻ اسان هڪ ڏيئي کي دفنايو آهي.“

(”ماڻڪ مٽ سندوم“ تان ورتل)

## ذات ۽ ڏانءُ جو ناڻءُ

## ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

زندگيءَ جي ڏکن ۽ سکن جي عڪاسي ڪرڻ اديب جو ڪم آهي. اديب اِتي هڪڙو سٺو فوٽوگراف آهي. جڏهن هو خود اُن ڏکن جي گهاٽي ۾ پيڙجي يا سندس ڇاتي پيڙجي ته به هن جا ناهيل لفظن جا فوٽو متاثر ڪندڙ هوندا آهن. ڪيترين ڳالهيون آهن، جيڪي اڪثر اديب صاف صاف چوندا آهن. ڪنهن ڏند ڪٿا، ڪنهن اشاري ڪنايي ۾ نه چوندا آهن. انهن ۾ اسان وٽ نجم عباسيءَ جو هڪڙو مثال ڪافي آهي. جيڪي وري ڏند ڪٿائن، اشارن ڪناين سان ڳالهه چوڻ گهرن ٿا، تن ۾ ماڪ هڪ نشانبر ليکڪ آهي. هن ابتدا ۾ اشارو ڪنايو گهٽ ڪم آندو. پاتال ۾ بغاوت تائين ايندي هو اشاريت ۽ علامت نگاريءَ جي هڪ علامت بڻجي ويو. جنوري 1982ع ۾ هو روبوٽ وانگر پٽ ورائي هليو ويو. پنهنجو خيال آهي ته سندس ڪهاڻي روبوٽ اُن ڳالهه جو اشارو آهي. روبوٽ ڪي واپس ورڻو هو. هن ڪي جيڪو ڪم ڪرڻو هو سو مڪمل ڪري لال لانگ ورائي ڪرهو ڪاهي هليو ويو. سنڌي ادب ڪي ماڪ جيڪي ڏيئي ويو سو ايترو ۽ ايتري معيار وارو آهي جو ڪيس بيڪس سان پيٽجي.

بيڪس ننڍي عمر ۾ گذاري ويو. پر سندس ڪلام جو معيار اوچو آهي. ماڪ سنڌي ڪهاڻي ۾ منفرد طرز جو ليکڪ آهي. سندس تحريرن جو وڏو حصو اُن پيڙا جو پڙلاءُ آهي، جنهن خود ڪيس پيڙهين هن سماج ۾ جيڪو ظلم ڏٺو ان خلاف لکيائين. ”سمجهه جي مار“ وارن ڪيس ئي چؤڪنيو بڻدو – هي ”بداخلاقي ٿو پکيڙي – جنسياتي مرضن ۾ ورتل آهي.“ ماڪ جي ڊگهي ڪهاڻي / ناولٽ ”رڃ ۽ پڙاڏا“ ۾ شبوءَ جي پيڙا هر اُن نوجوان جي پيڙا آهي، جيڪو نابرابري ۽ ظلم جو شڪار آهي. جذبن وهيٽو آهي پر بيوسيءَ جي اهڙي چار ۾ ڦاٿل آهي، جنهن مان هڪڙو مڪمل نسل پاڻ ڪي ڇڏائي نٿو سگهي. عاشي به اُن چار ۾ ڦاٿل ۽ ڦٿڪندڙ هڪ جيو آهي ۽ ڏاڍ جي سهپ جي علامت آهي.

عاشيءَ ڪي زندگيءَ جو طوفان اُڏائي ڪٽي ٿو وڃي. اُن جو وجود هڪ ڀرپور زندگيءَ جي علامت مثل آهي ۽ غيرموجودگي زندگيءَ جي ڪوڪلائپ ظاهر ڪري ٿي.

ماڪ زندگي ڪي گلن جي سيج جي صورت ۾ نه ڏٺو. هن لاءِ زندگيءَ جو احساس پيڙا ڀريو ۽ اذيت ناڪ هو.

پيڙا ڪي ماڪ جنسيات جي حوالي سان به ڏٺو. سندس مجموعي ”ڇهه انام ڪهاڻيون“ جي ڀهرين ڪهاڻي ڪي ڏسبو ته زندگيءَ جي سوچن جو هڪ پهلو اسان جي اڳيان ايندو. جتي محبت ۽ نفرت هڪ ٻئي سان ڳتيل ملنديون. خواهشون جي پوريون نٿيون ٿين، ته اُن لاءِ ڏوهاري ٻين ڪي ٺهرايو وڃي ٿو. ماءُ به ڏيءُ ڪي نٿي وڻي. ماءُ جي پرسڪون زندگيءَ ڪي ڏيءَ نفرت ۽ ڪڏهن ريس جي نظر سان ڏسي ٿي. منهنجي خيال ۾ حقيقت نگاريءَ جو سهڻو مثال ڀهرين ڪهاڻي جي هن پئرا ۾ آهي:

”جسم ۾ آيل ابتي ڪتڪائي ڪرنٽ ٻڌجي، انگ انگ ۾ ڦهلجي ويس. واڻ واري منجيءَ تي ويٺي، ٻئي ايا ڪيل گوڏا سولا ڪيائين. انهن تي ٻانهن جون ٺونٺيون رکي. هٿن جي ترين سان منهن جهلي سوچڻ لڳي: پيار جو لڳ بہ ڪيڏو عجيب آهي. هر شيءِ پياري ۽ وڻندڙ. اهائي امان آهي، هوئن صبح جو اُٿندي آهي تہ نماز کان وٺي نيرن پوري ٿيڻ تائين ٻارن کي ڇهڙون ڏيندي آهي. هاڻ ڪيئن نہ سيني تي ٻلهار ويندڙ نهار ڪري وچي مسلي تي ويٺي آهي. مئي رن. . . ”

انساني زندگيءَ جا ڪيترائي رنگ آهن. هن جي همت ۾ اُتساهہ ڀريل عمل جو بہ هڪ دائرو هوندو آهي، هن جي سوچ ئي ڪيس اُتم ڪري ٿي، دولت ۽ دٻدو ڪيس اُتم ڪونہ ٿو ڪري. ڪٿي ڪيس اُن جي پرچار جو موقعو گهٽ ئي ڇو نہ ملي، تہ بہ سندس اُدم جيئرو رهي ٿو.

ماڻڪ وٽ سسيفس جي ڏند ڪٿا جي اوٽ بي معنيٰ نہ آهي، ”پاتال ۾ بغاوت“ ماڻڪ جي اُن جذبي جو پڙاڏو آهي، جنهن کي هن پنهنجي زندگيءَ جو حصو ڄاتو ۽ هڪڙي مؤثر ۽ علامتي انداز سان ظاهر ڪيو سسيفس لاءِ، ديوتا جي حڪم موجب ڳري پٿر کي مٿي نيڻ کان انڪار ڪرڻ موت کي سڏڻ جي برابر هو. هو هنيلائي ڏيکاري ٿو ۽ ڄاڻي ٿو تہ انڪار ڪرڻ زيوس ديوتا کي بي مانو ڪرڻ جي برابر ڄاتو ويندو:

”سسيفس پنهنجي هيٺي هستيءَ کي، جيڪا جڳن کان ٿڪل هئي، تاڻي تڙو ڪڙو ڪيو. آواز ۾ پنهنجي وير جو وڌيندڙ احساس اوتي چيو: پسر زيوس! منهنجو انڪار انهيءَ روايتي انڪار کان نرالو آهي. هيءَ منهنجي بغاوت، پنهنجن وڏڙن کان نہ، پر اختياري سگهہ جي خلاف آهي. مرڻي جي اَمرڻي خلاف. ڌرتيءَ سان دل رکندڙ جي، آڪاس خلاف. هيٺي جي سريشت خلاف.“

سسيفس کي سندس انڪار جي سزا طور پاتال ڌانهن نيو ويو. هو جڪڙيل هوندي بہ سوڀارو ٿيو. پاتال ۾ سناٽو هو. ظلم جا پاڇا هئا، پر عزم جهڪو نہ هو. اِهوئي مقصد آهي ”پاتال ۾ بغاوت“ جو.

روزگار جي تنگيءَ جو ذاتي احساس ماڻڪ کي رهيو. هن جي ڪهاڻين ”وقتائتو موت“ ۽ ”ڪلارڪ جي پهرين تاريخ“ اُن تنگيءَ جا خاص طور نشان موجود آهن. انهن ۾ گهر جو هر ڀاتي هر ضرورت ۽ دوا درمل لاءِ حيران هجي.

شوڪت شوري جي چوڻ موجب ماڻڪ ”اگهاڙو سچ چوي ٿو“. اهو هن ”لڙهندڙ نسل“ ۾ بہ چيو آهي ۽ هر ڪهاڻي ۾ پنهنجي انوکي انداز سان چوي ٿو. اگهاڙو سچ عورت جي فطرت ۽ سوچن بابت ڇو نہ هجي.

ماڻڪ رک رکاءُ نہ ڪيو آهي. اَنام ڪهاڻين ۾ ٽين ڪهاڻي ان جو ثبوت آهي، بيمار زال جا وهم وسوسا ۽ مڙس تي ٻلهار ويندي بہ شڪ پوڻ. اهو سڀ انساني نفسيات ۾ شامل آهي.

ماڻڪ جي طرز پنهنجي آهي. هو پنهنجي ڍنگ سان هر ڳالهہ چوي ٿو. سندس لهجو ڪٿي ظاهر ۾منجهيل آهي پر بي معنيٰ نہ آهي. اِهو سبب آهي جو اڪثر ”ڪوبسرن“ کي ڇيل ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي آهي ۽ هڪ هڪ لفظ ڏار ڪري ان جي گندگي ڏي پيا ڏيان ڇڪائيندا آهن.

ماڻڪ جون دوائون ڪئوڙيون آهن، پر اجايون ۽ غلط نہ آهن. سماجي بيماري بابت ٻڌايل نشانيون هر ڪنهن کي سمجهہ ۾ اچڻ واريون نہ آهن.

”حويلي جا راز“ جيتري آساني سان سمجهه ۾ اچڻ جهڙا آهن، ”پاتال ۾ بغاوت“ ڪي سمجهڻ ايترو سولو ڪونهي. ان لاءِ ڪجهه مٿاڪُٽ جي ضرورت پوي ٿي. اهوئي هڪ ليکڪ جو معيار ۽ مزاج آهي، جو اُن جي گفتي کي پروڙڻ لاءِ ڪجهه سوچجي.

# سنڌيت جي اندروني ايڪسري

## موهن ڪلپنا

ڄام ساقي 1977ع ۾ چيو: مان ٽيهن سالن کان پاڪستاني آهيان. مان چوڏهن سؤ سالن کان مسلمان آهيان، مگر مان پنجن هزار سالن کان سنڌي آهيان.

منير احمد ماڻڪ لکي ٿو: سنڌي رسالا بند ٿي ويا. هڪڙن کي عهدا مليا، ٻين کي جيل. طارق اشرف- ابراهيم منشي- آرٽسٽ فتاح ... ۽ ان کان اڳ لکي ٿو.. نالي وارو سنڌي شاعر ڪيس وهم ٿي ويو ته ڪيس ماريو ويندو ( ان ڪري هن عهدو ورتو)

وائيس چانسلر جو عهدو وٺڻ بعد پهرين تقرير ۾ شيخ اياز چيو: مان جنم کان مسلمان، شعور کان پاڪستاني ۽ زبان کان سنڌي آهيان!

ماڻڪ جو هي ناول پاڪستاني آمريت، پرماريت ۽ غدار وڏيرا شاهيءَ جي پس منظر ۾ سنڌ جي سنڌين جي تباهي جو مختصر مهايارت آهي. ”ساهه مٺ ۾“ سنڌي زبان جو پهريون جديد ناول آهي. اُن ۾ وجوديت ۽ بعيدالعقلي فٽ ڪيل نه آهي. اها پاڻ خود مرادو ماحول مان اُيري ٿي. مکيه ڪردار جي مجبوري ٻٽجڻ شخصي نه آهي: مگر ان نظام مان ڦٽيل آهي، جنهن موجب هر شخص کي فقط ٻن ڪاساين ۾ چونڊ ڪرڻي آهي ته ڪهڙو ڪيس ”گهٽ سيپيه“ طريقي سان ماريندو. هن لاءِ اليڪشن فراڊ آهي، اهو فراڊ سنڌ دشمن ۽ وڏيرن ڪيو آهي.

ماڻڪ پاڪستان ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو ڏسي ٿو هڪڙا جن کي پنهنجي زمين ۾ الڳ سڃاڻپ آهي. اهي ماڻهو ۽ سندن سڃاڻپ ختم ڪئي ٿي وڃي. ٻيا اتي آيل ماڻهو آهن، جن کي زمين ڪونهي. هو اڳلن کي هٽائي ان زمين جا والي ٿيڻ چاهين ٿا، ڇو ته هنن وڏيون قربانيون ڪري، جان جوکي ۾ وجهي پاڪستان هٿ ڪيو آهي. جيئن ماڻڪ لکي ٿو جيئن ڏاڙيل، جان جوکي ۾ وجهي ٻين جو مال لُٽيندا آهن.

جڏهن الف محترمه ب سان شادي ڪيل آهي، هو ريسرچ جي ڪم ۾ لڳل آهي. کوجنا جو موضوع آهي: سنڌين جي نسل ڪشي (قومي آپگهات) هو ڪنهن به سياسي پارٽي جو ميمبر ڪونهي. نه ميڙن ۽ جلوسن ۾ وڃي ٿو مگر ٿي سگهي ٿو ته هن جي کوجنا ماڻهن کي ٻڌائي ته:

(1) سنڌي ڪافر آهن (هندو خواهه مسلمان). سنڌي ڏاهر جو اولاد آهن. سندن وفاداري سنڌ ڌرتي ۽ ماڻهن مان آهي.

(2) (برٽش) هندستان (۽ ان ڪري پاڪستان به) جي مسلمانن جون بنيادي وفاداريون ڌرتيءَ کان وڏيڪ فاتح ملڪن سان آهن. افغان، مغل، ايراني، عرب.

(3) سنڌين کي مسلمان ٻڌائڻ جي سازش آهي ۽ هر اهو سنڌي مسلمان آهي، جو پهريون پاڪستاني پوءِ سنڌي آهي! سنڌي وڏيرن اهو اصول مڃي ڇڏيو آهي. ذوالفقار پٽو به. پر پس پيش جو سنڌي آهي ڦاسي ڪائي ٿو – هڪ رٿائتي ڪوشش ته سنڌين کي غير سنڌي ٻڻايو وڃي. ( ڊي – سنڌيائيزڊ)

(4) ۽ ڪوشش اها تہ هندستان جا سنڌي اتي جذب ٿين ۽ هتي جا سنڌي پنهنجا مفاد گهٽائيءَ جي مفادن ۾ درج ڪن.

جناب الف پنيان ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندڙ پيڇي جو مسلسل احساس نہ هو پنهنجي رياست مان غداري جي ڏوهہ ۾ جهلبو ۽ ماريو ويندو ۽ سندس اهو عقيدو تہ ڌرتيءَ سان وفاداري، اها "غداري" سندس حق آهي، جو هو ڇڏي نٿو سگهي. سندس هر چرپر تي اک آهي. جا بنياد پرستن اهڙن الفن کي جاچڻ لاءِ جتي ڪٿي لڳائي آهي. چؤطرف جاسوس. هو ڪيڏانهن وڃي؟ ڊڪي؟- ڊڪي ڪيڏانهن وڃي؟ - يا ڪيس وهم آهي؟ ۽ ڪيس ٽرئنڪولائيزرس وٺڻ گهرجن جو اسين نيوراسر- ايج جا رهواسي آهيون؟ مگر ڪٿان جاڳيو؟ ڇو؟

حراس، خوف، گهبراهٽ! زال جا ڪپڙا لاهڻ ڪان پوءِ ڏنو ٿيو وڃي ۽ ننڍ جون گوريون وٺي.

محترمہ "ب" جو خيال آهي تہ شهر ڇڏي ڳوٺ هلون. يا شهر ۾ رهي سنڌي ڳالهائڻ ڇڏيون. اجرڪ نہ پايون.

ٻوليوار فساد. سنڌين جون لئبريون جلائڻ، ڪين مارڻ – ٻڏڻ- گم ڪرڻ. ون يونٽ ۾ سنڌ گم. ۽ ان تاريخي ماحول ۾ ڪي ويچار:

الف: گوئرنگ جي چوٽي: جڏهن بہ ڪو شخص مون سان دانشمنديءَ جي ڳالهہ ڪندو آهي، مان هڪدم ڪيسي مان پستول ڪڍندو آهيان.

ب: ملاوت؟ بابي تي چيو: هندن جي وقت ائين ڪونہ هو!

ب: بصر؟ ڪيئن نہ مهانگا ٿيندا. پاڪستان، بصر ۽ عورتون عرب ملڪن ڏانهن روانا ڪري ٿو.

پ: رياست پنهنجي دهشت انگيزي اسانکي نپوسنڪ تي ٻڌائي(اسٽيٽ ٽيررزم)

ت: اسان وٽ ڪوٽا سسٽم آهي. ان ڪري شاهہ لطيف پاڪستان جو علائقائي شاعر آهي.

ٿ: جي هندو هجن ها تہ ائين ٿئي ها؟ شهرن جا هندو ڳوٺن جي سنڌين تي تيزاب ڦٽو ڪن ها؟ - ڪين ڇرا هڻن ها – سندن گهرن کي باهيون ڏين ها؟ . . . ٺيڪ آهي. اسان کي ماري ڇڏين ها مگر سنڌ کي نہ مارين ها!

ٽ: سامهون واري گهر ۾ پوليس آئي. ڪاليجي ڇوڪرو نہ ملين، صوبيدار گاريون ڏيندي چيو تہ جي ڇوڪرو ٿاڻي تي پيش نہ ڪيو تہ سڀ رنون ٿاڻي تي گهلي ويندا سين.

ٺ:(اسان جي سنڌ جي حالت تہ ڇا ٿو ٿئي؟ ڏسو) عورتن جي شرم گاهن ۾ اوباريل بيضا ۽ ميڻ بتيون!
. . .

ٿ: اسان سنڌين جي ڪمزوري آهي پنتي هتندي خاموشي اختيار ڪرڻ، هڪ قومي خصلت، درويشائي.

چوطرف هزارين ڪوئا پليگ آٽيندڙ. هڪ هڪ ماڻهو جو وجود ٽڪيندڙ مڪڙ. خاتمي جو سلسلو جاري، سڀ هڪ ٻيپ جي بار هيٺان دبيل.

اڄ مون هي ڪتاب پڙهيو. . . ليٽي شروعات ڪيم، پوءِ پٽ تي ٽيڪ ڏنم ۽ گهڻو وقت ڪرسيءَ تي ٿي ويٺس. مونکي لڳو مونکي رت جي اُلٽي ايندي، مونکي لڳو ماٽڪ نہ مُئو آهي، ماٽڪ سان گڏ

اڄ، منهنجي اندر جو به، هڪ حصو مري ويو آهي. مونکي لڳو ته ماڻڪ جيڪڏهن هي ناول نه لکي ها ته ماڻڪ ايترو جلد نه مري ها. مونکي لڳو ته هيءُ ڪتاب شاهد آهي ته ماڻڪ جي جواني ۾ موت جو ڪارڻ هن ڪتاب جي رچنا آهي. مگر هيءُ ڪتاب ماڻڪ جي جيئري ڇپجي ها ته اهو سندس موت جي اڳڪٿي جو اعلان بڻجي ها.

ماڻڪ، سوشالاجي ۾ ايم.اي ڪئي ۽ ايم.ايڊ جي ڊگري به ورتائين. ڳپل عرصو بيروزگار رهيو. وڪالت ڪيائين ته ڪنهن ميڊيڪل اسٽور ۾ به ڪم ڪيائين ۽ هڪ دوست کي لکيائين : ٻنهي ڏنڊن ۾ ٽنگجي، جيڪا مونکي نٿي اچي.

اهو اعتراف درج لائق آهي.

فنڪار بنيادي طور هڪ سريشٽ انسان ٿئي ٿو. سندس اها سريشٽا جڏهن رسم رواج، سياست ۽ واپارين جي دوان پيچن، وڏيرا ۽ ڪامورا شاهي، فوجي راڄ ۽ هر طرح جي نابرائي سامهون هڪ سختگير نظام مان ٽڪر کائي ٿو ته ان ٽڪر جي انيومان سوچ، لوچ ۽ عڪس اندازي پيدا ٿئي ٿي؛ جنهن مان ڪيس تخليق جو جڳهو مواد ملي ٿو.

سنڌ ون يونٽ ۾ آندي ويئي ته سنڌ ۾ ان جو سخت ردعمل پيدا ٿيو. ماڻڪ اُن دور جي پيدائش آهي. مگر هو ان دور جي اڳواڻن خواه مارڪسواد، جنهن ۾ ويسهه رکڻ شروع ڪيو ان مان بدڏن ٿيو. اڳواڻن وٽ ڪو خاطر خواه نظريو ۽ تنظيم ڪانه هئي ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ تي يوپيءَ جي مهاجرن جو قبضو هو جي پهرين مهاجر ۽ پوءِ ڪميونسٽ هئا.

ماڻڪ لاءِ قومپرستي خود ۾ هڪ محدود چيز هئي، مگر سندس جديت ڪيس هر چيز اٿلائي پٿلائي ڏسڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ هن ڏٺو ته سندس پير پنهنجي زمين ۽ وقت ۾ پختا هئا. ان ڪري هو هستيواد جي نظرئي کي انيءُ جي جائز زبان بخشي سگهيو آهي.

ڏهه سال اڳ مونکي مشتاق احمد شورو يا مدد علي سنڌي سندس ناول "لڙهندڙ نسل" موڪليو ته مون سندس جائز انيءُ جي شعاع ڏٺو البت لڳم ته. ماڻڪ ڪٿي ڪٿي ضرورت کان وڌيڪ باتفصيل ۽ ان ڪري اڳهاڙو ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ها چيز سجهه سياويڪ نه. مگر روايتي ۽ ترقي پسند ادب جي ودروه ۾ آئي آهي. اهو ودروه "ساهه مٺ ۾" موجود آهي. ان ۾ اڳيئن ضرورت کان وڌيڪ ڪنهن چيز جي اُپٽار نه آهي. ان ۾ ڪوئن ڊڪ، ماڪڙن جي ڦهل ۽ مان-مري-ويندس، تي خوف مان پريل ڪوتائون آهن.

"ساهه مٺ ۾" هڪ شخص جي پنهنجي سڃاڻپ بچائڻ جي ڪوشش آهي، جنهن ۾ هو باقي ٻين جيان اڪيلو بيوس ۽ مجبور آهي، مگر انهن کان مختلف ڪونهي.

جان پال سارتر "بيينگ اينڊ نٿنگنيس" بعد "د مٽيريلزم ائنڊ ويو وليوشنس" ڪتابچو لکيو، جنهن ۾ به هڪ منسٽر ئي قدرن جي بچاءُ لاءِ زندگي ۽ سماج، تاريخ ۽ روايات سان منهان منهن ٿئي ٿو. ماڻڪ ڇا ڪري جڏهن ته سنڌ جي حالتن ۾ ڪوبه صفائي ۽ جدلياتي ڦيرو نه آيو آهي؟ هو ڇوي ٿو ائڪشن (ڪرم) . ان جو مطلب ته ناول اينڊ-ليس آهي ۽ اها ان جي سونهن ۽ سگهه آهي. هي ناول هڪ بارود آهي، جنهن جي سنڌ کي ضرورت آهي.

مان پاڻ سان بہ ايماندار نہ ٿيندس اگر مان ماڙڪ سان هڪ اختلاف ظاهر نہ ڪندس. سنڌ ۾ ذهين ماڻهو بہ آهن ۽ بهادر ماڻهو بہ آهن. اتي فقط تنظيم نہ آهي، ان ڪري زور ائڪشن بدران تنظيم تي اچڻ گهرجي. پر پوءِ بہ ماڙڪ ماڙڪ آهي. هو چاهي ٿو: سنڌي ڪرم ڪن.

**("ماڙڪ مٽ سندوم" تان ورتل)**

# ماڻڪ مِٽ سندوم

## احمد شاڪر

ماڻڪ بدران جي علي- مري وڃي، ها تہ ڪيڏو نہ سُنو ٿئي ها- (علي بابا)

❈

ڪي ڪي ماڻهو وسيع ڪائنات پاڻ منجھ سمائي گهمندا آهن ۽ اُهي جڏهن هتان هليا ويندا آهن تہ اها ڪائنات بہ پاڻ سان گڏ کڻيون ويندا آهن. جيئن اسان وٽ عام ماڻهو چوندا آهن تہ مري ويو پر، پاڻ سان گڏ پنهنجو پاڳ بہ کڻي ويو- ۽ ائين ئي ماڻڪ- تہ ويو پر، پنهنجي لکڻي جو ٻڪشن بہ پاڻ سان گڏ کڻي ويو. اها منهنجي راءِ آهي. ممڪن آهي تہ منهنجي راءِ غلط بہ ٿي سگهي ٿي تہ ماڻڪ- جي معيار واري ڪهاڻي سنڌ ۾ هن وقت ڪو بہ نہ ٿو لکي!

❈

سنڌي ڪهاڻي جي سفر ۾ ٿورا، اهڙا نالا آهن، جيڪي پنهنجي هُوئڻ جو احساس اڄ بہ ڏيارائين ٿا ۽ انهن نالن مان ڪجھ هيءَ نالا نمايان آهن. جهڙوڪ جمال ابڙو علي بابا، نسيم کرل، امر جليل ۽ ماڻڪ ۽ وري ائين ئي انهن ڪهاڻيڪارن جون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون سنڌ جي شعور جي سيني ۾ سمايل آهن.

❈

جمال ابڙي جو ذڪر نڪري تہ سندس ڪهاڻي ”پيراڻي“ سامهون سينگارجي اچي وڃي ٿي ۽ ائين ئي وري علي بابا جو ذڪر نڪري تہ ”ڪارونجهر جو قيدي“ نسيم کرل جي ذڪر سان ”چوٿيهون در“ امر جليل جي ذڪر سان ”اروڙ جو مست“ ۽ ماڻڪ جي ذڪر تي ”حويليءَ جا راز“ ڪهاڻي ڳر موڙي اکين آڏو اڀري ايندي.

❈

ماڻڪ -بابت نصير مرزا- جا مختصر رايا. جن جو مون چونڊ ڪيو. ماڻڪ- جي مختلف ڪتابن مان چونڊيو آهي. هي رايا توڙي مختصر آهن پر، پاڻ طرف ڇڪي / گهلي وڃن ٿا ۽ اهي مختصر رايا هيءَ آهن:

”ماڻڪ- جو اوچتو موت ائين محسوس ٿيو ڄڻ بنهہ منجهند جو اوچتو سج ٻُڏي ويو“.

–
”ماڻڪ- جي ذات، ذات، فن ۽ فڪر تي ڪمپيئرنگ ڪرڻ لاءِ مان نهايت ننڍڙو آهيان- نه برابر آهيان“.

–
”ماڻڪ- پنهنجي ڏمريل ٿهيءَ جو اڪيلو ۽ مُنفرد نمائيندو هو ۽ آهي“.

–
”ماڻڪ- ڪنهن وڏي ذهني ڪشمڪش ۾ مُبتلا هوندي به، ٻاهران بظاهر ڏيک، ويک ۾ ڄڻ پُرسڪون زندگي جو استعارو لڳندو هو“.

❇

ڏاها ماڻهو هر ڏيهه ۾ ذڪ ڏسندا آهن ۽ انهن جو ڏوهه صرف ۽ صرف اهو هوندو آهي جو هُو ٻاٽ ۾ لاٽ ٻاريندا آهن!

❇

سنڌي ڪهاڻيءَ جو ماضي، حال ۽ مستقبل ڪهڙي خاني ۾ آهي-؟ ان سوال جو سُلجهاءُ / جواب ڪهڙو آهي. ان تي جڏهن غور ڪبو ته، اسان کي سنڌي ڪهاڻي ماضيءَ ۾ شاهوڪار ۽ شاندار نظر ايندي ۽ آن جو حال، ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ به رَتيون گهٽ نظر ايندو. رهي ڳالهه سنڌي ڪهاڻي مستقبل بابت ته ان کي ايندڙ وقت تي ئي ڇڏي ڏجي ته بهتر آهي.

❇

ماڻڪ- جي حصي ۾ ادب جون ڪيتريون ئي شاخون ڇوڙ ڪنديون هيون. هو نه صرف ڪهاڻيڪار هو پر، ناٽڪ نويس، ڊرامانگار به هو ۽ هن جي جيئڻ ڪهاڻي ڪماليت جون حدون ٽپي اورانگهي – بلڪل ايئن ئي ماڻڪ- جا ناوليٽ ۽ ڊراما به حيرت جا جهان پڙهندڙ تي کولن ٿا.

❇

هُن- جڏهن ادب جي آڳر تي پهرين وک کنئي هئي، تڏهن منير احمد هو ۽ جڏهن هُو ادب ۾ ٿورو اڳتي هليو ته، مير سنڌي جي نالي سان لکندو هو ۽ پوءِ هُن پنهنجو قلمي نالو ماڻڪ- چونڊي. ادب ۾ چوطرف چانڊوڪي ڦهلائيندو رهيو.

❇

هُو- ذات جو ميمڻ هو. سندس فرزند بقول منور سراج- جي ته غير معمولي آرٽسٽ آهي. علي احمد ميمڻ- سندس فرزند جو نظم ڪتاب ”ماڻڪ- جي بريف ڪيس مان“- ۾ منور سراج ڏنو آهي.

❊

ماڻڪ- ڪيڏو وڏو ليکڪ / ماڻهو هو- جو موهن ڪلپنا- کي ايئن چوڻو پيو ته،
“اسان کي ماري ڇڏين هان مگر سنڌ کي نه مارين هان”!

❊

جيتري قدر مون ڏٺو / محسوس ڪيو آهي ته، سنڌي ڪهاڻي کي نقاد ڪانه مليو آهي ۽ ائين ئي وري سنڌي شاعريءَ کي به نقاد نه مليو آهي پر، بنسبت ڪهاڻيءَ جي شاعريءَ تي ڪجهه نه ڪجهه لکيو ضرور ويو آهي ۽ بلڪل ائين ئي جيئن ٻڌائي- کي نقاد نه مليو آهي ۽ ائين ئي ماڻڪ- کي به نقاد نه مليو آهي. هيڏو وڏو ڪهاڻيڪار جنهن جون ڪهاڻيون جهڙوڪ ته، ڄُوالا مُکي آهن. ان تي توهان کي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مضمون به لکيل نه ملندا- ڳولڻ جي باوجود. حيرت ته ان ڳالهه جي تي رهي آهي ته، مارڪيٽ ۾ ماڻڪ- جا ڪتابَ به ٿا ملن. جنهن ليکڪ کي پبلشر ئي نٿو ملي ته، ان کي نقاد ڪٿان ملندو.-؟

❊

**“ساهه مُٺ ۾-”**

ماڻڪ- جو هي ناوليٽ 1986ع- ڌاري پارٽ ۾ موهن ڪلپنا- وارن ڇپرايو هو ۽ هن ناوليٽ جو ٻيو ڇاپو سنڌ ۾ روشني پبليڪيشن- وارن 1993ع- ۾ آندو هو. هن ناوليٽ بابت موهن ڪلپنا- جا هي ٻه مختصر رايا ڪيڏي نه وڏي هام ڀري رهيا آهن.

“ساهه مُٺ ۾- سنڌي زبان جو پهريون جديد نالو آهي”.

-

“هيءُ ناول هڪ بارود آهي، جنهن جي سنڌ کي ضرورت آهي”.

❊

**ماڻڪ -جي جيون جو خاڪو:**

5 مارچ 1943ع- ۾ نوشهرو فيروز ۾ جنم ورتائين.

هُن- سوشلاجي ۾ ايم اي ڪئي هئي ۽ ايم ايڊ جي ڊگري ورتائين.

علم تدريس جي شعبي سان به وابسطا رهيو.

صحافت به ڪيائين.

وڪالت به ڪيائين.

ميڊيڪل اسٽور به کوليائين.

❊

حويليءَ جا راز- هيءَ ڪهاڻي "سهڻي" مئگزين ۾ 1967ع- ڌاري ڇپي هئي ۽ ماڻڪ- جو حويليءَ جا راز- نالي سان ڪهاڻين جو مجموعو 1991ع- ڌاري ڇپيو. ان ڪتاب ۾ شوڪت شوري- جي ماڻڪ بابت هيءَ راءِ ڏنل آهي.

"ماڻڪ- بي رحم، ظالم ۽ قاتل ليکڪ"

–

"پڙهندڙهن کي شوق سان پڙهڻ کان پوءِ گاريون ڏيندا آهن".

–

۽ ماڻڪ- جو وڏي ۾ وڏو ڏوهه آهي ئي اهو ته، هُو اگهاڙو سچ تو پيش ڪري".

❊

توهان ماڻڪ- جي ڪهڙي به ڪهاڻي پڙهو توهان کي ان ۾ حقيقت پسنديءَ جا اولڙا اکين آڏو اچي ويندا. ۽ ائين ئي وري هُن جو ڪوبه ناوليٽ خاص طور "ساهه مُٺ ۾"- پڙهو جهڙوڪ موجوده حالتن تي حقيقت جا پڙدا کوليندي اوهان کي نظر ايندو. ۽ اهڙا گهٽ ليکڪ هوندا آهن، جيڪي سماج کي اهڙو ته، پنهنجي تحريرن ۾ چٽي ڇڏيندا آهن، جو انهن جي تحريرن جو استعاروئي سماجي ٿي ويندو آهي. ۽ ماڻڪ- سماج کي اهڙو ته چٽيو آهي، جو هن جي هر ڪهاڻي، ناوليٽ ۾ سماجي رشتو ڳنڍيل اوهان کي نظر ايندو.

❊

ماڻڪ- جو ناولٽ "رُج ۽ پڙاڏا"- پهرين "ميسوٽي"- نالي سان 1961ع / 1967ع- لکيو ويو ۽ وري ٻيهر 1973ع / 1975ع- جي وچ ۾ "رُج ۽ پڙاڏا" جي نالي سان شايع ٿيو ۽ هيءُ ناوليٽ 1992ع- ڌاري "تي ناوليٽ" نالي سان روشني پبليڪيشن- آندو ۽ انهن ٽنهي ناوليٽن ۾ "رُج ۽ پڙاڏا"، "پاتال ۾ بغاوت" ۽ "لُڙهندڙ نسل" شامل هئا.

❊

ماڻڪ- اسان / اوهان کان وسري ويو هو ۽ پوءِ وري اسان کي مُنور سراج- ياد ڏياري،

# ماڻڪ جي خودڪشي، هڪ نفسياتي جائزو

## مصور حسين

سنڌي ادب ۾ ماڻڪ جي خودڪشي ايتري ئي حساس ۽ اهم معاملو آهي جيترو انگريزي ادب ۾ ارنيسٽ هيمنگوي جي آپگهات. ڇاڪاڻ ته ٻنهي ليکڪن جي زندگي ۽ حالتن ۾ گهڻو فرق آهي پر ٻنهي جي موت جو هڪ پاسو ملندڙ جُلندڙ آهي. جو هيمنگوي به خودڪشي کان اڳ بلڪل ٺيڪ هيو ۽ تفريح ۽ شوق خاطر شڪار ڪرڻ به ويو. پوءِ اُتان جيئن ئي موٽيو ته بندوق جو فائر ڪري پنهنجو انت آڻي ڇڏيو.

اهڙي ريت ماڻڪ سان هڪ عرصو گڏ گذاريندڙ دوستن جي چواڻي هن جي اندر ۾ به هر وقت آنڌ مانڌ جاري هوندي هئي. پر هو ان ڳالهه جو اظهار ڪنهن سان به ڪونه ڪندو هئو ۽ دوستن سان تمام گهٽ ئي ڳالهائيندو هيو. هيمنگوي جيان هُو به پنهنجي زندگي جو ڏيئو اُجهائڻ کان اڳ زندگي سان ڀرپور هو. صبح جي پهر ۾ پنهنجي پُٽ عليءَ سان راند ڪيڏيو ريڊيو ٻُڌائين. گهر واريءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪيائين ۽ پوءِ دوائن جي اسٽور تي هليو ويو جنهن کان پوءِ هو تقريبن 12 وڳي ڌاران گهر موٽي آيو ۽ زهريلي دوا پي آپگهات ڪري ڇڏيائين. سوال اهو آهي ته صبح تائين هو بلڪل به نارمل ۽ ٺيڪ هيو. منجهند تائين آخر ڪهڙو واقعو پيش آيو جو هُن ان قسم جو انتهائي قدم کڻڻ ۾ ئي بهتري سمجهي؟ ان جي جواب ۾ محققن جو خيال آهي ته آپگهات جو خيال ماڻهوءَ جي من اندر ۾ ڪو اوچتو پيدا ناهي ٿيندو. پر اهو هوريان هوريان سان تڪميل ۾ايندو آهي . ”آپگهات فرد جي اندر ۾ هلندڙ هڪ ڊگهي ڇڪتاڻ جو نالو آهي. جنهن جو فيصلو ته هڪ پل ۾ ٿي ويندو آهي. پر ان مواد کي گڏ ٿيڻ ۾ ڊگهو وقت لڳندو آهي.“

هتي دلچسپي سان ڀريل هڪ ڳالهه اها به آهي ته ماڻڪ جنهن عمر ۾ خودڪشي وارو اهو قدم کنيو. اها عمر جذبات سان ڀرپور هوندي آهي. ان ئي عمر ۾ ڪي ماڻهو ٿوري ٿوري ڳالهه تي ٻين جو نقصان به ڪري وجهندا آهن. ته پنهنجو زيان ڪرڻ ۾ پڻ دير ناهن ڪندا. عام ماڻهن وانگر اديبن جي لاءِ عمر جو اهو ڏاڪو پڻ ڏاڍو منجهائيندڙ هوندو آهي. ان حوالي سان ڏنو وڃي ته ورجينا وولف، ايڊگر ايلن پو، مايا ڪووسڪي ۽ ايلس واڪر سوڌو دنيا جي وڏن وڏن اديبن زندگيءَ کان بيزار ٿي ان ئي عمر ۾ خودڪشيءَ وارو قدم کڻي پنهنجي زندگيءَ جو انت آندو.

ماڻڪ به ان ئي عمر ۾ خودڪشي ڪئي. يقينن عمر جي ان حد ۾ ماڻهو گهڻو ڪري جذباتي ۽ آدرشي هوندو آهي. هو پنهنجي خوابن کي ڇڪنا چور ٿيندي نه ڏسي سگهندو آهي. تنهن ڪري وڏي کان وڏو نقصان ڪرڻ کان به ڪيٻائيندو ناهي. بلڪ جذبات ۾ اچي پاڻ مارڻ جهڙو اُهرو قدم به کڻي وٺندو آهي.

ماڻڪ خودڪشي ڇا لاءِ ڪئي؟ سنڌي ادب ۾ اهو سوال 80ع واري ڏهاڪي کان جواب طلب رهيو آهي. پر اڃان تائين ان سوال کي مڪمل طور تي حل ناهي ڪيو ويو. سنڌ جون ادبي تاريخون

ڪهاڻي ۽ ناول جي صنف ۾ ماڻڪ جي ادبي عظمت جو اقرار ڪندي ته نظر اچن ٿيون، پر هن جي خودڪشي واري معاملي تي فقط چند سٽون ئي لکيون ويون آهن. سنڌي ادب ۾ هن کان اڳ ۾ علامه آءِ آءِ قاضي جي وفات پڻ ڳجهارت بڻيل آهي، قاضي صاحب سنڌ جو تمام وڏو اديب ۽ مفڪر هُيو پر ان جي وفات بابت تمام ٿورڙو لکيو ويو آهي ۽ اڄان تائين اها ڳالهه واضع نه ٿي سگهي آهي ته هن جي وفات خودڪشي جو نتيجو هُئي يا وري محض اتفاقي حادثو!

هتي ان حقيقت کان به انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ته ڪجهه ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جو انت اهڙي نموني آڻيندا آهن جو ان واقعي کي يا وري ڪڏهن ان حادثي جي ڪارڻ کي سمجهڻ هڪ وڏي سُٽ سُلجهائڻ جي برابر هوندو آهي. پر ماڻڪ جي باري ۾ اهو هر گز نٿو چئي سگهجي ته سندس موت پراسرار نموني ٿيو يا اهو هڪ ڳجهارت مثال آهي ڇو ته سندس والد کان وٺي گهرواري ۽ پُٽ تائين سڀ ان ڳالهه تي متفق آهن ته اها بلڪل به خودڪشي هئي، جنهن جو اظهار هُو مير ٽيهي سان اڳ ئي ڪري چڪو هيو. ها ان ڏس ۾ ايترو ضرور چئي سگهجي ٿو ته هن وقت تائين اُهي محرڪ سامهون نه اچي سگهيا آهن، جن جي ڪري هُو اهڙو عمل ڪرڻ تي مجبور ٿيو. ماڻڪ جي خودڪشي يقينن سنڌي ادبي لڏي لاءِ هڪ وڏو حادثو هُئي ۽ وڏا وڏا اديب ۽ ڪهاڻيڪار سندس دوستي ۽ ڄاڻ سڃاڻ جي حلقي ۾ شامل هُئا، جيڪي هُن جي آتم هتيا ۽ ان جي ڪارڻ بابت گهڻو ڪجهه لکي پئي سگهيا، پر سندس ڪنهن به همعصر ليکڪ ان معاملي ۾ اڳڀرائي ناهي ڪئي. ان حوالي سان انور پيرزادو به ساڳيو ئي الميو ظاهر ڪندي لکي ٿو:

”ماڻڪ پنهنجو انت ڇو آندو؟ چئي نه ٿو سگهجي ڇاڪاڻ ته ان موضوع تي سنڌ ۾ تحقيق نه ٿي آهي. علامه آءِ آءِ قاضي جي زندگيءَ جي پُڇاڙي به ايئن ٿي، ڇو ٿي؟ ان تي ڪا ريسرچ نه ٿي آهي. جيڪڏهن انهن موضوعن تي ڪم ڪرايو وڃي ته انوکيون حقيقتون سامهون اچي سگهن ٿيون.“

منير احمد عرف ماڻڪ سنڌي جي خودڪشي جا ڪيترائي محرڪ ٿي سگهن ٿا . هن ڏس ۾ اهو چوڻ بلڪل درست ۽ حتمي نه ٿيندو ته هُن بيروزگاري سبب آپگهات ڪيو. جيتوڻيڪ اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي هڪ حقيقت آهي ته زندگيءَ جي آخري ڏهاڙن ۾ هو نوڪري لاءِ پريشان ضرور هُيو. پر ان باوجود اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سندس آپگهات جو ڪارڻ فقط بيروزگاري نه هئي، بلڪ ڪجهه ٻيا معاملا اهڙا به هيا جن گڏجي ڪري اهڙو ماحول ناهيو جو هُن اڏول ۽ آدرشي ليکڪ کي خودڪشي واري واٽ وٺڻي پئي. ان حوالي سان سندس لکڻين ۽ ڏنل انٽرويوز جو نفسياتي جائزو وٺڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ماڻڪ جي گهري خاموشي ۽ آپگهات واري عمل جو هڪ ممڪنه سبب هن جي دل ۾ ويٺل بدي وارين قوتن Evil forces جو خوف به ٿي سگهي ٿو جنهن جي ڪري هُو دوستن سان به پنهنجي حالتن ۽ ڪيفيتن جو کُليل اظهار نه ڪري سگهندو هو. هو ون يونٽ ۽ ان کان پوءِ ضياءُ الحق جي دور ۾ بنا ڊپ ڊاءَ جي دل کولي لکندو رهيو. اهڙي سنگين صورتحال ۾ به ماڻڪ سنڌين ۽ بنگالين جي حقن بابت وڏي بهادريءَ سان لکندو رهيو. تنهن ڪري اهو ممڪن آهي ته اهڙيون لکڻيون لکڻ کان پوءِ هُن تمام گهڻو ڀوڳيو هجي ۽ ان ڀوڳنا سندس من اندر ۾ خوف پيدا ڪري ڇڏيو هجي. اهو بلڪل ايئن آهي ئي آهي جيئن ڪهاڻي ”حويلي جا راز“ لکڻ کان پوءِ ڪيس موتمار ڌمڪيون

ڏنيون ويون ۽ ڳارين سان ڀريل خط لکيا ويا. ان ڪري منير جي زندگيءَ سان لاڳاپيل انهن حالتن کي بہ نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي. ان حوالي سان سندس ناول ”ساهہ مُٺ ۾“ ۾ پڙهڻ کان پوءِ اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سندس آس پاس ڪيئن نہ عدم تحفظ واريون حالتون پيدا ڪيون ويون هيون. جن هُن لاءِ آتم هتيا واري ماحول کي هٿي ڏني. ماڻڪ جي اندر ۾ ويٺل خوف ۽ ڇوڙاري بي يقيني واري صورتحال هُن جي آپگهات لاءِ راهہ هموار ڪئي. ساڳئي طرح ان دور جون حالتون بہ اهڙيون اڻ وڻندڙ هيون جو هڪ حساس ليکڪ جو جيئڻ جنجال ٿي ويو. ماڻڪ کي جوانيءَ ۾ قدم رکندي ئي انتهائي ڏکين حالتن جو مقابلو ڪرڻو پئجي ويو. ون يونٽ جو ڏاڍ ڍاڪا، بنگال وارو سانحو ذوالفقار علي ڀُٽي کي ڦاهي ۽ ان کان پوءِ جو آمريتي دؤر، جنهن ۾ عام ماڻهن جي لاءِ ڦاهين ۽ ڦٽڪن جا تحفا، انهن حالتن هُن کي ڏيجاري ڇڏيو. بحيثيت هڪ سُجاڻ اديب هُو انهن حالتن کان مُنهن موڙي نہ پئي سگهيو. سنڌي اديبن جي ڊگهي قطار ۾ هُو واحد ۽ اڪيلو ليکڪ هيو جيڪو قول ۽ فعل جو پڪو هيو. بلڪ پاڻ ذاتي طور تي انهن ماڻهن کان سخت نفرت ڪندو هيو جيڪي قول ۽ فعل ۾ تضاد رکندا هئا. ان کان علاوه ماڻڪ جي هڪ وڏي خوبي اها بہ هئي تہ هو ان وقت جو سڀ کان وڏيڪ عالمي ادب پڙهي ويٺل سنڌي ليکڪ هو جنهن ڪافڪا، ڪاميو ۽ شوپنهار سوڌو عالمي ادب جي تقريبن سڀني وڏن ليکڪن جي لکڻين جو مطالعو ڪيو هو. ان مطالعي جي جهلڪ سندس لکڻين ۾ پڌري آهي، ساڳئي طرح هُو عالمي ادب جي تحريڪن ۽ لاڙن کان نہ پلي پت واقف هيو. ڪيس اهو پڻ اعزاز حاصل هيو تہ هو انهن ليکڪن منجهان هڪ هيو جن سنڌي ادب ۾ وجوديت ۽ شعوري وهڪري وارن لاڙن کي متعارف ڪرايو. ان ڏس ۾ ماڻڪ سنڌي ادب ۾ وجودي فڪر جو ترجمان ليکڪ پڻ هيو ۽ سندس لکڻين ۾ وجودي فڪر جي جهلڪ ڏسي سگهجي ٿي. خاص طور تي سندس ناوليٽ ”پاتال ۾ بغاوت“ ۾ سسيفس ۽ زيوس ديوتا جي ڳالهہ ڪاميو کان متاثر ٿيل نظر اچي ٿي، ان حوالي سان هو ڪاميو CAMUS جي ABSURDISM واري فڪر کان پڻ متاثر ٿيو جنهن جو اثر هن جي تخليقن سان گڏ سندس ذاتي زندگيءَ تي بہ پيو. ڪاميو موجب دنيا ۾ ماڻهو وچ ۾ بنيادي مسئلو اهو آهي تہ اسان هن ڪائنات کان ڇا ٿا گهرون ۽ هن ڪائنات ۾ اسان کي ڇا ٿو ملي؟

ماڻڪ جي خودڪشي پويان هڪ سبب absurdity of life جو بہ نظر اچي ٿو جيڪو هُن جي موت جو مُکيہ ڪارڻ سمجهہ ۾ اچي ٿو ڇو تہ ان وقت تائين مختلف واقعن ۽ حادثن هُن جي زندگيءَ ۾ زهر ڀري ڇڏيو هو. بنيادي مسئلو اهو ئي هيو تہ هن دنيا کي ڪهڙي نموني ڏسڻ پئي چاهيو ۽ اها ڪهڙي نہ پوائتي روپ ۾ سندس سامهون اچي بيٺي هُئي. ماڻڪ جي زندگيءَ جي آخري ڏينهن بابت مليل مواد ۽ ڄاڻ جو جائزو وٺڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ هو پنهنجي زندگيءَ جي مقصد کي وڃائي وينو هيو ۽ وٽس جيئڻ جي باقي اميد نہ رهي هئي، تنهنڪري هن آپگهات جهڙو انتهائي قدم کنيو. جنهن جي لاءِ هُن ڪيترو وقت اڳ ئي سوچي ڇڏيو هو. مير ٿيٻي موجب:

”انهي تسلسل ۾ مون هڪ ڏينهن کانئس پڇيو: منير! جيڪڏهن تون زندگيءَ ۾ ناڪام ٿئين تہ؟ هڪدم وراڻيائين، پاڻ کي ماري ڇڏيندس، اهو جواب ايترو تہ سنجيدگي سان ڏنائين جو مان حيرت ۽ ڏک ۾ خاموش ٿي ويس.“

هتي اها ڳالهہ غور طلب آهي تہ هن پنهنجي ويجهي دوست مير ٽيٻي کي زندگيءَ ۾ ناڪامي جي صورت ۾ جيترو جلدي سان جواب ڏنو هو ايترو ئي جلدي ۾ هن خودڪشي ڪري بہ ڇڏي جڏهن ڪيس پڪ ٿي تہ هو زندگيءَ جي مقصد ۾ ناڪام ويو آهي. پر اهو سڀ ڪجهہ جذباتپڻو ڇئي سگهجي ٿو جو هو پاڻ کي ناڪام سمجهي رهيو هيو پر هن جيڪو ڪجهہ لکڻين جي روپ ۾ سنڌي ادب کي ڏنو هيو تنهن جي بنياد تي ڪيس ڪامياب ترين ليکڪ سڏي سگهجي ٿو ۽ ائين هرگز بہ نہ ٿو چئي سگهجي تہ هن جي زندگي اجائي ۽ بيڪار گذري.

”اسان جا ڪيترا ليکڪ اهڙا آهن، جيڪي طبعي طور جيئرا آهن، وڏي ڄمار اٿن، پر هو ادب ۾ گهڻو اڳ مري چڪا آهن. ماڻڪ انهن ليکڪن مان ڪو نہ هو. هو آخري دم تائين جيئرو جاڳندو ليکڪ رهيو.“

هن سڄي بحث مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ ماڻڪ هڪ حساس ۽ باشعور ليکڪ هو هن وٽ زندگيءَ جي هڪ معنيٰ هئي، ڪنهن مقصد کان سواءِ زندگي هن لاءِ بيڪار ۽ فضول شيءِ هئي، ڪيس اها پروڙ هئي تہ جانورن ۽ انسانن کي مليل زندگيءَ ۾ وڏو فرق هيو. ڪيس ان ڳالهہ جو پرپور احساس هيو تہ جانور پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪو ڦيرو ڪا تبديلي آڻي نہ ٿا سگهن. پر انسان چاهي تہ جدوجهد ۽ ايڪو اتحاد ڪري وڏي تبديلي آڻي سگهي ٿو. ان ڪري هن زندگي پنهنجي آدرشن جي نالي ڪري ڇڏي هئي. هتي ان ڳالهہ جو ذڪر ڪندو هلجي تہ ماڻڪ حد درجي جو آدرشي انسان هو. وٽس ٽڪي جي بہ منافقت ۽ مفاهمت ڪانہ هُئي، هُو پنهنجي مقصد سان ايترو سچو هيو جو وٽس فقط بہ واٽون هيون، پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي — ٻي صورت ۾ ايذائيندڙ موت.

**(ماهوار ڪينجهر: جنوري 2019ع)**

# سرحد پار سنڌ ۾ وجود جي پوائنٽن تجربن جي تصوير
# (ماڻڪ جو ناول ”ساهه مُٽ ۾“ 1986ع)

## هيرو شيوڪاڻي

سرحد جي ٻنهي طرف، ڀارت توڙي سنڌ ۾، ادب جي سنجيده اڀياسن ۽ نقادن کي انهيءَ حقيقت جو چٽو احساس ٿيندو پيو وڃي ته عالمي چاهي برصغير هند- پاڪ جي فني معيارن تي اسان جو سنڌي ادب نسبتي طور چڱو هيٺڀو آهي. البت تنقيدي سطح تي ان احساس جو ردعمل شايد ڏار ڏرا نظامن ۾ - عجب ڪانڻ جي حد تائين مختلف آهي. هت ڀارت ۾ سنجيده سنڌي تنقيد، عالمي ماپن ۽ ماڻهن تي پنهنجي ساهتيه کي ضرورت کان گهٽ ۽ هيٺو تي سمجهي، ته سنڌ ۾ تنقيد يا ته آهي ئي ڪانه يا جيڪڏهن آهي ته تخليقي ڪاوشن کي هڪدم عظيم، شاهڪار وغيره جا لقب ڏيڻ جي حد تائين مروت پسند آهي. پر منهنجي راءِ انهن ٻنهي مختلف تنقيدي رخن جو بنيادي سبب ساڳيو آهي: سنڌ ۾ موجوده پاڪستان جي سياسي ۽ سماجي نظام ۾، سنڌ ۽ سنڌي ادب جا گهڻگهرا ساهت کي همٿائڻ لاءِ ضرورت کان وڌيڪ فراخدل آهن يا بنهه ماٺ آهن، ته ڀارت ۾ ڪليل لوڪشاهي نظام ۽ سماج جو ٻُهو ڀاشي (گهڻ ٻوليائي) ادبي سرگرمين ۾، چٽاڀيٽيءَ جي حرص تحت ضرورت کان شايد وڌيڪ ڪرٽيڪل ۽ سخت آهن. مان ڪو سان چئي ته نه ٿو سگهان يا شايد اهڙن مامرن ۾ ڪو سان ڪجهه چئي سگهبو به ڪونهي، پر ائين لڳو آهي ته ٻنهي طرف تنقيدي اڀياس جا اهي رخ شايد تخليقي ادب جي چاهيل اوسر ۾ رڪاوٽون وجهي رهيا آهن يا مبادا اها سموري تنقيد به يڪي سر، سنڌي ادب جي نسبتي هيٺائيءَ جو حصو هجي، آخر تنقيد به ته ادب جو جزو آهي.

مون انهيءَ پسمنظر ۾ ماڻڪ (منير احمد) جو ناول ”ساهه مُٽ ۾“ جائزي لاءِ چونڊيو آهي.

ماڻڪ جو پهريون ناول (ناوليٽ) اڄ کان 10-15 سال اڳ، جڏهن ڪنهن اديب دوست مون ڏانهن موڪليو هو، تڏهن اُهو ناوليٽ ”لڙهندڙ نسل“ پڙهي، مون پروڙي ورتو ته سنڌ جو هي بيحد حساس نوجوان اديب، پاڪستان ۾ واڙيل سنڌ ۽ سنڌ جي کُهني ورثي ۽ موجوده نسل جي شناخت کي ادب ذريعي ڳولڻ طرف آماده ٿيو آهي ۽ مونکي خوشي ٿي هئي. پوءِ لڳاتار هن جون ڪهاڻيون، جيئن ته ”حويلي جا راز“، ۽ ”آنام ڪهاڻيون“ ۽ ”پاتال ۾ بغاوت“ (ناوليٽ) پڙهيم ته ماڻڪ، مون کي ڪر موريندڙ سنڌ جو عيوضي ليکڪ لڳو پر پوءِ هڪڙي ناول جو دستخط پورو ڪري به سال اڳ ماڻڪ اوچتو مري ويو هڪ پرجي نه سگهندڙ خال پيدا ڪري...

اُهو دستخط سنڌ مان لڪ چوريءَ هت هند ۾ آيو. سنڌي ٽائيمس پبليڪشن اُلهاسنگر هي ناول تازو ئي شايع ڪرايو آهي، جولاءِ 1986ع ۾. ماڻڪ جو هي ناول ”ساهه مُٽ ۾“ پڙهي يڪ بارگي منهنجو ذهن جڻ ته سُن ۾ اچي ويو آهي. سوچيان پيو اختصار ۾ هن ناول جو تجزيو ڪٿان شروع ڪريان. هستيءَ جي پوائنٽن تجربن مان گذرندڙ چيچلائيندڙ گهڙين جي اظهار جو بارود هن ناول جي هر صفحي ۾ پريل آهي. مذهب — ڌرم جي نالي ۾ جڏهن ڪان هن ننڍي ڪنڌ جو ورهاڱو ٿيو آهي. سرحد

جي ٻنهي طرف سنڌي، هڪ ذهني ۽ نفسياتي ولولي مان گذري رهيا آهن- پنهنجي جداگانه ڳهني قومي شناخت کي برقرار رکڻ جي جدوجهد ۾! خاص طور پاڪستان جي هڪ زرخيز مگر ننڍي صوبي سنڌ کي، وري موهن جي دڙي (جي کنڊرن) ۾ بدلائڻ جون اذيت ناڪ تياريون گذريل 39 سالن کان جاري آهن. ناول جو مکيه ڪردار، سنڌي زبان ۽ ادب جو ليڪچرار، هڪ هنڌ چوي ٿو : ”هي سموريون جايون، گهر ڊهي پونداءِ هتي هڪ دڙو ٿي ويندو نابود، ڊٺل جاين جو دڙو. . . پوءِ اڳتي هلي سيپيتا جا ماهر لکندا . . . هتي جا رهواسي ڏاڍا قربائتا، امن پسند هئا، سادا، مهمان نواز هنن ڪڏهن به اڳرائي ڪري ايندڙ – مارو ڪندڙن سان سينو نه ساهيو هٿائين هنن جي ماري جو بيچينيءَ سان اوسيئڙو ڪندا رهيا ته ڪڏهن ٿا ڪڙڪن. هو اُلر ڪندڙن جي آجيان ڪندا هئا. ديڳيون چاڙهي، پنهنجي سائي چهچ ڌرتي سندن حوالي ڪري“

طنزيه انداز ۾ هڪ اديب، انساني مهلن، قدرن ۽ باوقار هستيءَ خلاف ٿيندڙ ههڙي پوائتي جبريت سامهون، اِن کان وڌيڪ ڀيو ڪهڙو احتجاج ٿو ظاهر ڪري سگهي؟

ٻن سؤ صفحن جي هن ناول جي سرورق تي لکيل آهي ”سنڌ ۾ ملٽري حڪومت جي پس منظر ۾ لکيل“ ناول جو واقعاتي آڌار نهايت چِٽو پڌرو آهي. سنڌي زبان جو هڪ ليڪچرار ائين محسوس ڪرڻ لڳو ته ڪا لڪل طاقت سندس پيڇو ڪري رهي آهي، ڪو سندس ڪڍ آهي. پنهنجي ئي ڌرتي تي غير سلامتيءَ جو احساس، نوڪري کسجڻ جو ڊپ، مسلمان هوندي به سنڌي هجڻ جو اُڏڪو هن کي پيڙي رهيو آهي. ناول جي اِن چِٽي پڌري واقعاتي اُٽت ۾ ليکڪ سنڌ جي موجوده صورتحال کي، آمريت، جبريت ۽ پنهنجن جي ئي وڏيرا شاهيءَ ۾ ساهه مُٽ ۾ ڪٽي هلندڙ سنڌ کي ڪن علامتن سان مڪمل وضاحت ۽ بيباڪيءَ سان چٽيو آهي. فوجي تاناشاهي نيري خاڪي ورديءَ ۾ پليگ جي بيشمار ٺلهن، مُچن وارن ڪوئن جيان سنڌ جي جسم کي ٽُڪي رهي آهي يا ٻاهران آيل ماڪڙ جي ڪاهه سنڌ جي پيٽ ڪاڻ ڪان پوءِ اُن جي زبان کائيندا، پوءِ وات، ڄڀ، اندران ئي اندران ميڄالي تي پهچندا. پرماريت تي ٻڌل وڏيرا شاهي ۽ فوجي تاناشاهيءَ ۾، سنڌ ۾ سنڌي پٽي- سنڌي هجڻ جو احساس هڪ ڏوهه آهي. اُن مڙهيل ڏوهه جي شدت کان اڄ جو سجاڳ، حساس سنڌي نسل پيانڪ غير محفوظيءَ ۾ جيئي رهيو آهي. ان صورتحال کي هي ناول ڪافي دهشت انگيز روپ ۾ اظهارڻ ڪامياب ويو آهي. عبرت ناڪ حالت اِها آهي جو رب جي نالي ۾، ”نظامِ مصطفيٰ“ جي اوٽ ۾، پنهنجي ئي ڌرتيءَ جي ماڻهن جا سؤڪا ۽ ڪونئرا اُمنگ مروٽي سروٽي ختم ڪيا پيا وڃن.

اهڙي اذيت ناڪ حالت ۾ هڪ دفعي ناول جي انهيءَ مکيه ڪردار جي گهر واري ڪانئس هڪڙو سوال ٿي پڇي:

”نيٺ اسان جو ڇا ٿيندو؟ اسان سنڌين جو؟“

ٺهڪ ڏيندي هو چوي ٿو:

”ڇري آهين بابا، اسين مسلمان ٿينداسين.“

”ته هينئر اسين مسلمان ڪونه آهيون.“

”سنڌي آهيون نہ ۽ سنڌي هجڻ هڪ غير اسلامي فعل آهي. اسان پڪا مسلمان تڏهن ٿي سگهون ٿا، جڏهن پاڻ کي ڊي سنڌيلائيز (De_sindhilize) اڻ سنڌي ڪري ڇڏيون.“

بي ساختگي سان، فنائتي نموني اهڙا ڪيئي ڇُپندڙ منظر، هن ناول ۾ پاڪستان جي موجوده سياسي حالات تي چٽيل آهن ۽ ليکڪ ڪافي ضبط ۽ شعور سان، غير جذباتي پيرايي ۾ اُنهن جي دهشت کي اُياريو آهي.

هن ناول جو ليکڪ ماڪ، منير احمد يا مُنير سنڌي، سنڌ جي نئين ٽهيءَ جو هڪ ڏمريل نمائندو ۽ اهم اديب هو. هو ڪجھہ سال اڳ اوچتو گذاري ويو. هن کان اڳ بہ جيڪي ناول (ناوليٽ) ڪهاڻيون ۽ ناٽڪ هن لکيا، سي هن جي بيقرار، ڏکندڙ ذهن جي پنهنجي تجربي ۽ پوڳنا جي اُپج آهن. مون کي خبر ناهي تہ هن ناول ”ساھ مٺ ۾“ جو دستخط، ماڪ پنهنجي موت کان ڪيترو اڳ لکي پورو ڪيو هو. مونکي لڳي ٿو تہ سوشالاجيءَ ۾ ايم اي ۽ ايم ايڊ جون اوچ ڊگريون حاصل ڪيل هن حساس ليکڪ کي اهي شايد پروڙ پئجي چڪا هئا تہ حيات هن کي تمام ٿورو وقت ڏنو آهي، انڪري ادبي ڏات ڏٽيءَ ماڪ، گهربل لهر ۽ فني ڪساءُ جو خيال نہ ڪندي بہ، هن ناول ۾ شايد دهشت سان گڏ اُميد ۽ اُمنگ جو وشواس، ”سنڌ“ جي نئين نسل، نئين رت تي رکيو. جيڪو ٻُٽ محرومي ۽ مايوسيءَ ۾ مجموعي عمل سان پنهنجي سڃاڻپ قائم رکڻ لاءِ پنهنجي واٽ گهڙيندو اوس گهڙيندو.

**(هيرو شيوڪاڻي جي ڪتاب ”ادب جا معيار ۽ سنڌي ادب“ تان ورتل)**

# ماڻڪ جو خالي ڇڏيل ادبي مورچو

## انور پيرزادو

ماڻڪ ڳالهائيندو گهٽ هو. شايد سوچيندو وڌيڪ هو. ڏاڍو مانيٺو بردبار. سولائي سان تيش ۾ ايندڙ ماڻهن جي ابتڙ. پر پنهنجي خيال وارو– پنهنجي تي اچي ته بس– هن سان بحث ڪرڻ سولو نه هوندو هو ڇاڪاڻ ته هن جا دليل پختا هوندا هئا. هو اجايو نه ڳالهائيندو هو ۽ هر مسئلي تي پنهنجو ذاتي، تخليقي ردعمل ظاهر ڪندو هو. بيحد حساس ماڻهو جنهن جون شاهد هن جون ضيائي مارشل لا ۾ لکيل ڪهاڻيون آهن. ڏڌندڙ بالڪنيءَ مان اُلر ڪندڙ جوا وسيئڙو.

هُو جيڪو هو سو پنهنجي ڪهاڻين ۾ هو. ذاتي زندگيءَ ۾ هو تمام گهٽي رواداري ڪان ڪم وٺندو هو. ڪنهن سان اجايو سجايو بحث به نه ڪندو. ڪو جُلهه ڪري ويندو ته ان جو هرويرو جواب نه ڏيندو. پڌ ڏرم واري غير اهنسائي ۽ شاهه ڪريم بلڙي جهڙي سهپ.

پر جڏهن قلم ڪٽي ويهندو ته ڪوڙهي سماج جا آنڊا گونڊا ڪڍي ٻاهر رکندو. حويليون حرڪت ۾ اچي وينديون ۽ وڏيرڪي سنڌي ڪلچر جو اسلام خطري ۾ پئجي ويندو. ڏسو سندس ڪتاب (لڙهندڙ نسل). بهادر ايڊو جو ضيائي ظلم خلاف ايم آر ڊي تحريڪ ڪان به اڳ ادب جي محاذ تي جيترو ماڻڪ وڙهيو پيو نه ٿو سُجهي.

پاڪستان جي تاريخ ۾ ڏهڪاءَ جي لحاظ ڪان هڪ ايوب واري مارشل لا مشهور آهي ۽ ٻي جنرل ضياءَ واري. ايوبي مارشل لا ۾ ڳوٺن اندر ماڻهن بورچيخاني جي استعمال جون ڇريون ۽ ڪاتيون زمين ۾ پوري ڇڏيون هيون. پر ضيائي مارشل لا لڪ لنگهي وئي– سياسي مخالفت ۾ ڦاسي ۽ گولي ڪان وٺي ڦٽڪن ۽ منهن ڪارو ڪرڻ جهڙين غير انساني سزائن ۾ هن مارشل لا جوڪو مقابلو ڪونهي.

اهڙي دهشت واري ماحول ۾ انتهائي فنڪاري سان رياستي دهشتگرديءَ خلاف اڪيلي سر جنگ ڪرڻ ماڻڪ جو ئي حوصلو هو. پٺي ڪي ڦاسي اچي چڪي هئي، ڳڙهي خدابخش وارو علائقو ڇهه مهينا گهيري ۾ هو ۽ سنڌ ۾ ڪِول به نه ڇُري سگهندي هئي - ۽ خاص ڪري جنرل ضياءَ جي ”اسلامي سزائن“ خلاف ڪو به لکي نه سگهندو هو ۽ نه ڪا اخبار ڇاپي سگهندي هئي. ان وقت ماڻڪ هٿن ڪپڻ واري موضوع تي هڪ امر ڪهاڻي لکي.

ماڻڪ سان منهنجي پهريون پيرو ملاقات روسي سفارتخاني جي صحافتي نوڪري دوران ٿي. ان وقت ماڻڪ ڪميونسٽ پارٽي ۾ ڪم ڪري هاڻي آزاد خيال رهڻ لڳو هو ان ڪري سختگير ڪميونسٽ هن ڪي انارڪسٽ چئي نظرانداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا جنهن جي هن ڪي ذرو به پرواهه نه هوندي هئي. پنهنجي ڪهاڻين ۾ هو جيڪو لکندو هو. ان سان فڪري اختلاف هن جا دشمن به نه ڪري سگهندا هئا. البت هن جي ڊڪشن ڪي هضم نه ڪري سگهندا هئا ڇاڪاڻ ته ان ۾ ڪڙي حقيقت پسندي هوندي هئي، سيڪس، ڪرائيم، نشو ڀروپائي، رت جي رشتن جو مادي اٿرن هيٺ بي معنيٰ ٿيڻ ۽ مذهب جي صاف اچي غلاف هينان مومنن جي اندر ۾ وينل ابليسن ڪي

جڏهن ماڻڪ ڪڍي ٻاهر ڪندو هو تڏهن مذهبي ڍونگ ۾ ننگي تي پلجندڙ سماجي ڪيئان ڦٿڪڻ لڳندا هئا.

۽ اهو ماڻڪ جيڪو پنهنجي ڪهاڻين ۾ سچ ۾ حق جارحاڻي انداز ۾ چوڻ ڪري انارڪسٽ سڏبو هو، سو سنڌي ادبي سنگت جي محفل ۾ جڏهن سنڌي ڪهاڻي واري موضوع تي ڳالهائيندو هو تڏهن ايئن لڳندو هو ڄڻ هو ڪنهن يورپي يا آمريڪي يونيورسٽي ۾ سنڌي ادب جو پروفيسر آهي. هڪ بيحد سنجيدي فيلسوف وانگي انساني سماج جي انساني پهلوءَ جو جڏهن هو چيد ڪري ويهندو هو ته پوءِ ويٺلن جي حالت اها هوندي هئي جو چوندا هئا ته ان موضوع تي ماڻڪ ڀرپور ڳالهائي ويو آهي، هاڻي ڪو نئون موضوع ڳوليو.

ماڻڪ پنهنجو انت پاڻ آندو- ڇو آندو؟ ڇئي نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ ته ان موضوع تي سنڌ ۾ تحقيق نه ٿي آهي. علامه آءِ آءِ قاضي جي زندگيءَ جي پڄاڻي به ائين ٿي — ڇو ٿي؟ ان تي به ڪا ريسرچ نه ٿي آهي. جيڪڏهن انهن موضوعن تي ڪم ڪرايو وڃي ته انوکيون حقيقتون سامهون اچي سگهن ٿيون پر اسان جي سنڌي سماج ۾ جيڏا وڏي قد جا ماڻهو پيدا ٿين ٿا انهن تي ريسرچ ايتري ئي ننڍي ۽ مختصر ٿئي ٿي.

تو سڱ ساهه ڪٽڻ سين، جيئڻ گوشي جا
مرڻ مون سين آءُ ته پنيءَ تو پنڌ ڪريان
(ڀٽائي)

**(انور پيرزادي جي ڪتاب ”جديد سنڌي ادب“ تان ورتل)**

# اگھاڙو سچ

## شوڪت حسين شورو

ماڻڪ: بيرحم، ظالم ۽ قاتل ليکڪ. سنڌي ليکڪن جي ڊگھي قطار کان هٽيل، ڪٽيل ۽ الڳ. جنهن کي سنڌي ادب جا تارا ٺيڪيدار ليکڪ مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ پڙهندڙ هن کي شوق سان پڙهڻ کان پوءِ گاريون ڏيندا آهن.

ڏسڻ ۾ بنهہ سادو، ابوجهہ. پر اصل ۾ ميسوڻو. اڳ ۾ گرم بحث ڪندڙ هاڻي گهڻو ڪري خاموش رهندڙ. من ۾ خطرناڪ ڳالهيون سوچيندڙ ۽ رڳو سوچيندڙ نہ. جيڪڏهن هو اُهي خطرناڪ ڳالهيون من ئي من ۾ سوچيندو رهي تہ اسين سڀ ڊِڪ ۾ رهون ها. اسين سڀ الائجي ڇا ڇا سوچيندا آهيون، الائجي ڇا ڇا ڏهاڙي ڏسندا آهيون – گنديون، ڪنيون، واهيات ڳالهيون. پر پاڻ ئي انهن تي لڄي ٿيندا آهيون، پنهنجو پاڻ کي ڇنڀيندا آهيون ۽ مڃڻ کان انڪار ڪندا آهيون تہ اسان جي چؤطرف اهو گند بہ آهي.

اسان وٽ ڪلاسيڪي چوٽي آهي تہ گند کي ڦلهوريو تہ ڍَڪ ڪندو. هن نئين دور ۾ اسين سچ کي لڪائڻ جي خلاف آهيون، اسين سڀ حقيقت پسند آهيون، پر ان سان گڏ مهذب پڻ آهيون، اسين سچ کي، حقيقت کي ڪپڙا پهرائي پيش ڪندا آهيون.

۽ ماڻڪ جو وڏي ۾ وڏو ڏوهہ آهي ئي اهو تہ هو اگھاڙو سچ پيش ڪري – هن حقيقت تان ڪپڙا لاهي ڇڏيا آهن. آئون ڄاڻان ٿو تہ اسان مان گهڻا ان ڳالهہ کي قبول نہ ڪندا. ها، جي چاهين تہ ماڻڪ کي دل کولي گاريون ڏئي سگهن ٿا، پر اهو خيال رکن تہ وڏي وات گاريون ڏيندي گڦون وهائيندي، رڙيون ڪندي، ڪٿي چريا نہ ٿي پون ۽ ڪپڙا لاهي رستن تي ڊوڙڻ نہ لڳن. نہ، اسين مهذب ماڻهو آهيون. اسين رڳو بڇڙو ڪنداسين ۽ ماڻڪ کي آهستي آهستي فضيلت سان بہ تي ڪڇيون گاريون ڏئي ڇڏينداسين. تهذيب ۾ رک رکاءُ، مصلحت پسندي ۽ ٿوري منافقت اڻ ٽر آهن.

۽ انهن ئي ڳالهين کي نون ڪهاڻيڪارن ڦٽي ڪري ڇڏيو آهي، ٽُڏي ڇڏيو آهي. روايتن جو ليڪو لنگهي ويندڙ اگھاڙو سچ پيش ڪندڙ – لڙهندڙ نسل جا ليکڪ- جن ڪڏهن پيغمبر هئڻ جي، سونهين هجڻ جي دعويٰ نہ ڪئي آهي. هو پنهنجي ذهن جو پنهنجي وجود جو بار لڪڻ وسيلي لاهڻ چاهين ٿا. ۽ اهو رڳو هنن جو بار ڪونهي، سڄيءَ نئين ٿهيءَ جو بار آهي، نين حالتن جو بار آهي. ماڻڪ ان بار لاهڻ جي، اسان سيني کي آجي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

(”ماڻڪ مٺ سندوم“ تان ورتل)

# ديوانگيءَ جو سفر

## منور سراج

نومبر 2013ع جو صبح آهي.

نومبر جا ههڙا ڪيترائي صبح ماڻڪ منير جي اڱڻ ۾ لٿا هوندا. ڪيئن گذاريا هوندا ماڻڪ اهي صبح، شامون، راتيون؟ انهن صبح، شامن ۽ راتين ۾ ڪير به جهاتي پائي نه ٿو سگهي. ماڻڪ ”ساهه مٺ ۾“ جو پهريون صفحو ڪهڙيءَ موسم جي ڪهڙي پل لکڻ شروع ڪيو هوندو!

۽ ”لڙهندڙ نسل“ جي ڪلائمڪس تي ڪهڙي پل پهتو هوندو.

ڪاش! آئون ماڻڪ سان مليو هجان هان! ڪاش آئون ماڻڪ سان ملي سگهان!

هاڻي ته مان چاهيندي به ماڻڪ سان ملي نه ٿو سگهان.

ماڻڪ ته تڏهن خودڪشي ڪري ڇڏي هئي، جڏهن مون کي اجان ادب جي الف ب جو به پتو نه هو.

ماڻڪ سان نه ملي سگهڻ جو ڏک منهنجو اضافي ڏک نه آهي. حقيقي ڏک آهي!

مون جيترو گهڻو ماڻڪ کي پڙهيو ايترو گهڻو سندس ويجهو ٿي ويس.

هن جون سڀ لکڻيون سدائين پنهنجون پنهنجون پاسيم. مون ماڻڪ کي جڏهن به ۽ جتي به پڙهيو تڏهن ۽ اتي پاڻ کي هن جو حصو محسوس ڪيم. افسوس! نواب شاهه ۾ يعني ساڳئي شهر جي آس پاس هوندي به مان ماڻڪ کي ڏسي نه سگهيس.

۽ اڪثر انهن دوستن کان جن جي ماڻڪ سان ملاقات هئي، پڇندو رهيو آهيان ”يار سارنگ سهتا، ماڻڪ ڏسڻ ۾ ڪيئن لڳندو هو؟ ڳالهائڻ ۽ ملڻ جو انداز ڪيئن هئس؟“

”سائين مير محمد پيرزادا، اوهان ٻڌايو اوهان سان ڪچهرين ۾ ماڻڪ ڪهڙيون ڳالهيون ڪندو هو؟“

۽ سائين مير محمد تڏو ساهه کڻي ٻڌائڻ لڳندو، ”يار هو ڪچهرين ۾ گهڻو ڪري خاموش رهندو هو. گهٽ ڳالهائيندو هو... تمام گهڻو مطالعو ۽ شعوري سگهه سان مالامال هو...... گهڻو ٻڌندڙ ۽ گهٽ ڳالهائيندڙ هو.“

مان ڪنهن ننڍڙي ٻار جيئان تجسس، خوشي ۽ پيار سان ماڻڪ بابت ڳالهيون ٻڌڻ لڳندس!

پر هي ڇا؟ مان ماڻڪ بابت ٻڌندي، سوچيندي ۽ ڳالهائيندي آخر ٻار ڇو ٻڌجي پوندو آهيان؟

دوستن واتان اڪثر ٻڌڻ ۾ پيو ايندو هو ته ماڻڪ جو هڪڙو پٽ به آهي. علي احمد نالو اٿس. وڏي ڏاڙهي وارو باغي پٽ، جنهن کي ماڻڪ کان چڙ آهي. جنهن کي پيءُ تي ڪاوڙ آهي. جيڪو پيءَ جي ادبي حيثيت تي ناراض آهي..... وغيره وغيره....... ڪجهه دوستن ته ايترو به چيو پئي ته ماڻڪ

جي مولوي پٽ پنهنجي پيءُ جا فوٽا بہ ساڙي ڇڏيا آهن...... هو فوٽا گهر ۾ رکڻ کي بدعت ٿو ڀائين.... وغيره وغيره.....! پر پوءِ بہ الاءِ ڇو مون ساڻس ملڻ ٿي چاهيو!

مون پنهنجي محبوب ليکڪ جي پٽ کي ڏسڻ ٿي چاهيو.

ڇڻ ماڻڪ کي نہ ڏسي سگهڻ جي ڪمي پوري ڪرڻ ٿي چاهيم. پر ماڻڪ جي پٽ سان ملڻ بہ شايد سولو نہ هو.

هن جي صحبت الڳ هئي!

هن جو اٿڻ ويهڻ جدا هو.

هن جو سنڌي ادب ۽ اديبن سان ڪوئي تعلق نہ هو.

ادبي پروگرامن (اردو توڙي سنڌي) ۾ هن جو اچڻ امڪان کان ٻاهر هو.

مان بہ شايد هن سان ملڻ جو آسرو ذري گهٽ لاهي ويٺس. شايد اها ڪنهن سياري جي شام هئي! آئون شهر مان موٽي ڪالوني ڏي ايندي رستي ۾ پنهنجي پياري دوست نديم ڀٽيءَ جي گهر وٽان پئي گذريس تہ نديم کي نم جي ڀرسان ڪنهن باريش نوجوان سان بيٺل ڏٺم. ٻنهين سان مليس... دعا سلام ٿي. اوچتو نديم جي اکين ۾ چمڪ ۽ چپن تي دلربا مرڪ ڦهلجندي وئي...."منورا هن دوست کي سڃاڻين ٿو؟" نديم جي مرڪندڙ چپن چيو.

"نہ يار"

"هي پاڻ واري منير ماڻڪ جو پٽ علي احمد آهي."

نديم جو جملو پڄندي ئي منهنجي چپن مان بي اختيار هڪ جملو اپريو اڙي..... يارا..... توهان..... ماءِ گاڊ!. ۽ مون هيو پيرو ان دوست کي ڀاڪر ۾ ڀري ورتو... ۽ دير تائين ڪيس ڀاڪر جي گهيري ۾ گهيري رکيو..... ڇڻ ماڻڪ منير کي ڀاڪر پاتو هجيم..... ماڻڪ جو جسم..... ماڻڪ جو وجود...... ماڻڪ جي خوشبو..... ماڻڪ جي اداسي..... ماڻڪ جو ڏک.... ماڻڪ جو حادثو...الا!...... ماڻڪ جا نيڻ.... ماڻڪ جا هٿ! ماڻڪ جي ڇاتي!! ان ڀاڪر جو گهيرو وسيع ٿي ويو..... سياري جي اداس شام ڪان نومبر جي هن صبح تائين سڀ موسمون انهيءَ ڀاڪر جي گهيري ۾ آهن.

ان شام ڪان وٺي اسان جو ملاقاتون ۽ مختصر توڙي طويل ڪچهريون شروع ٿيون ۽ اڃان جاري آهن.

مون محسوس ڪيو تہ علي احمد جنهن کي مان پيار مان علي ڀائي سڏيندو آهيان ڏاڍو حساس، انتهائي ذهين ۽ شاندار ماڻهو آهي. برابر هو پيءُ وانگر ناولسٽ ڪونهي، ڪهاڻيڪار ڪونهي پر هو پيءُ وانگر حساس آهي! بي حد حساس! هن جي اکين ۾ ماڻڪ جي خودڪشي وارو حادثو هر وقت اٽڪيل آهي. هن جو اندر زخمي زخمي آهي، پيءُ جي پيار، شفقت ۽ موجودگيءَ ڪان محروميءَ جو ڏک هن جي ذات جو وڏي ۾ وڏو ڏک آهي. ان ڏک، ان حادثي ۽ اڪيلائي سندس شخصيت کي Disturb ڪري ڇڏيو آهي! هن کي جيڪا پنهنجي پيءُ تي ڪاوڙ آهي اُها ڪاوڙ سنڌ جي مشهور ليکڪ ماڻڪ منير تي نہ آهي پر پنهنجي پيءُ تي آهي.... پنهنجي بابا تي آهي. اها ڪاوڙ دراصل ڏک آهي. ڏوراپو آهي، لڙڪ آهي، سڏڪو آهي. پنجن سالن جي ٻنهہ ننڍڙي ڄمار ۾ پيءُ جي ڇانءَ ڪان محرومي

ٿي ويڃڻ جو ڏک تمام وڏو ڏک آهي. هن جي دل ۾ ماڙڪ منير نالي مشهور ليکڪ کان وڌيڪ پنهنجي پيءُ جي اهميت آهي. هجي به ڇو نه! هن جي ڪاوڙ هن جي شڪايت هن جو ردعمل Justified آهي! ۽ بهرحال ڪاوڙ جڳ هوندي هن جي دل جي ڪنڊ ۾ پيءُ ماءُ لاءِ بي پناهه پيار آهي. اهو پيار مون ڪوڙ دفعا سندس اداس اکين مان ليئا پائيندي ڏٺو آهي.

هي علي ياڻي جو نظم آهي.

یہ سانجھ کا سمہ

یہ سمندر کی شور مچاتی لہریں

یہ سرخ انگارے سا ڈوبتا سورج

یہ مجھے اپنے طرف بلاتے ہیں

سر گوشی کرتے ہیں میرے کان میں

لوگوں نے تمہیں تنہا کر دیا تو کیا ہوا!

آؤ ہم تمہیں اپنی بانہوں میں تھام لیں،

شاید کہ سورج کی تپش سے تمہارے داغ دھل جائیں،

تمہارے پیشانی بے داغ ہو جائے،

یہ سمندر کا نمکین پانی تمہیں پوتر کر دے،

کہ شاید ہم اچھے دوست بن جائیں،

اور تمہارا کرب اپنے اندر سمو لیں،

سکھ کے رشتے سے دکھ کے رشتے مضبوط ہوتے ہیں

ہم ملکر دونوں رشتے نبھائینگے،

اور جہاں ہم سب الزامات اور تہمتوں سے

ہمیشہ کے لئے آزاد ہو جائینگے۔

۽ ڳڻو هيءُ هڪڙو نظم ئي نه هن ڪوڙ نظم لکيا آهن ۽ هن جو هر نظم جڻ باهه جو ٻرندڙ شعلو آهي.

هن جي اندر ۾ مسلسل هڪ شعلو ٻري رهيو آهي. دنيا جي خوبصورت ناولسٽ پائلو ڪوهئلو پنهنجي ذاتي تجربن تي مشتمل ڪتاب Like she flowing river ۾ هڪ جاءِ تي لکيو آهي:

“Every human being should keep alive within them the sacred flame of madness, but should behave as a normal person.”

يعني: هر انسان کي پنهنجي اندر ۾ پاڳلپڻي/ ديوانگي جو هڪ مقدس شعلو زنده رکڻ گهرجي. البت سندس رويو متناسب هجڻ گهرجي.

سو ماڻڪ کان جيڪو ديوانگيءَ جي آڳ جو شعلو سندس پٽ علي ٻائي جي سيني تائين پهتو آهي اهو واقعي بہ ڏاڍو مقدس آهي.... پڪ سان ان شعلي جي هوندي بہ ماڻڪ جو ماڻهن سان رويو اهڙوئي نارمل هوندو. جهڙو علي ٻائي جو آهي.... ها پر Abnormality ۽ Normality جي وچ ۾ توازن قائم رکندي رکندي اڪثر ماڻهو پاڻ مقدس باهہ جي شعلي ۾ سڙي رک بہ ٿي ويندا آهن. جيئن ماڻڪ ٿي ويو.... جنهن دنيا جا ٻيا ڪيئي ديوانا روح ٿيندا آهن. ماڻڪ جي خودڪشي بلڪ هر آرٽسٽ جي خودڪشي بلڪ هر ماڻهوءَ جي خودڪشي دراصل خودڪشي نہ آهي پر قتل آهي، بي حس سماج طرفان قتل.... بي پرواهہ رياست طرفان قتل.

ڪوئي آهي جيڪو ڪنهن ڪورٽ ۾ ڪڏهن انهن قاتلن تي ڪوئي ڪيس داخل ڪري؟

هڪ ڏينهن پنهنجي اندر ۾ آڳ جو شعلو ۽ اکين ۾ هڪ اڻ وسرندڙ حادثي جو ڏک کڻي جيئندڙ منهنجو دوست علي ٻائي مون وٽ آيو. ان ڏينهن سندس هٿ ۾ هڪڙو پراڻو بريف ڪيس هو. بريف ڪيس منهنجي سامهون رکندي چيائين، ”منور هي توهان جي ماڻڪ منير جو بريف ڪيس آهي، جنهن ۾ سندس ڪجهہ ڪتاب، ڪاغذ، خط ۽ مضمون وغيره آهن. هي بريف ڪيس ماڻڪ جي خودڪشيءَ کان وٺي امان سنڀاليو آهي. اڄ هي بريف ڪيس مان تو وٽ کڻي آيو آهيان.... جو امان ۽ مان سمجهون ٿا تہ ماڻڪ جي هن بريف ڪيس جو حقيقي وارث منور سراج آهي.“

۽ مان حيرت ۽ خوشيءَ جي احساس ۾ ٻرجي ويس.

خودڪشيءَ جهڙي معصوم احتجاج سان هن بيمار سماج کان منهن موڙي ويل ڪنهن پوپٽ جهڙو روح رکندڙ آرٽسٽ جي بريف ڪيس جو وارث ٿيڻ کان وڏو ٻيلا ٻيو ڪهڙو اعزاز ٿي ٿو سگهي؟ ها. ماڻهوءَ کي خوابن تان دستبردار نہ ٿيڻ گهرجي. مڪمل جنون ۽ سچائيءَ سان ڏٺل خواب ڪڏهن ڪڏهن ضرور ساڀيان جي دهليز تي پهچندا آهن.

بريف ڪيس ۾ ماڻڪ جي هٿن جي خوشبوءِ هئي. اُها خوشبو جنهنجي مون کي ڳولا هئي. ۽ اهو ڇهاءُ جنهنجو منهنجي اکين ۾ خواب هو، سو ڇهاءُ بريف ڪيس جي هر خاني ۾ موجود هو.

”علي تنهنجي مهرباني جو هن سڄي شهر ۾ توهان مون کي ئي ماڻڪ جي خوابن جو وارث چونڊيو.“ مون اهو جملو ان شخص کي چيو جيڪو پنجن سالن جي عمر کان اداسي جي علامت بڻيل

هو جنهن کي چاچن مامن وٽان ڪنهن به پيءُ واري آسيس نه ملي هئي، جنهنجي ماءُ ڪيس پيءُ ٻڻجي پيار ڏيڻ جي باوجود به پيءُ جي ڪمي پوري نه ڪري سگهي هئي.

مون گهر اچي بريف ڪيس کوليو.

بريف ڪيس ۾ عجيب خوشبو هئي.

خوابن جي خوشبو.

محبت جي خوشبو.

سڪل گلابن جي خوشبو.

اکين ۾ رهجي ويل ڪنهن شام جي خوشبو.

خودڪشيءَ جو خوشبو.

جدائي جي خوشبوءِ زندگيءَ سان پاڙجي نه سگهيل هڪ واعدي جي خوشبو.

(هڪ ڏينهن منهنجي هٿ ۾ قرت العين حيدر جو ناول "آگ کا دريا" ڏسي عليءَ ٻڌايو هو ته "منور" امان ٻڌائيندي آهي ته شادي جي پهرين رات تنهنجي پيءُ مون کان پهريون دفعو جنهن ناول بابت پڇيو هو اُهو آگ کا دريا هو ۽ ان رات امان دير تائين "آگ کا دريا" تي ڪچهري ڪئي هئي.)

بريف ڪيس ۾ ٻين انيڪ ناولن جي خوشبوءَ سان گڏ "آگ کا دريا" جي خوشبو به هئي! شايد ماڻڪ جي شاديءَ جي پهرين رات ٿي آگ کا دريا جي خوشبو به سهاڳ جي خوشبوءَ سان گڏ بريف ڪيس ۾ بند ٿي وئي هئي!

مان هڪ هڪ ڪري بريف ڪيس جي قديم غار مان گلن جي خوشبوءَ ۾ ڳنڍيل شيون ڪيڻ لڳس.

ساهه مٽ ۾ ۽ لڙهندڙ نسل جو مسودو (ماڻڪ جي اکرن جي خوشبو اڃان تازي آهي.)

هڪ عدد هڪ رپئي جو نوٽ، جيڪو هاڻي (Date expire) ٿي چڪو آهي.

سيد شاهه محمد شاهه ڏي ڄامشورو موڪليل ڪنهن خط جي ٽپال ڪاتي واري رسيد، رسيد نمبر 171. تاريخ 21 جنوري، سال چٽو نظر نه ٿو اچي.

آگم پبليڪيشن کان نثار صاحب جو هڪڙو خط. ادا، ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ ته في الحال اهڙي خالي جاءِ منهنجي نظر ۾ آهي ئي ڪانه. ها باقي شاهه محمد شاهه چاهيندو ته ڪري سگهندو.... وغيره وغيره. تاريخ 24.05.1981.

ڪراچيءَ مان عزيز سنڌي جو خط

مير جو خط

رياض پائي ڏي منير جو خط

ڊاڪٽر محمد سليمان جو خط

نصير مرزا جو خط

عزيز سنڌيءَ جو خط
ڪنهن مئگزين ۾ ڇپيل ماڻڪ جي ڪهاڻي "سونهان اڻ سونهان".
ماڻڪ جو وزيٽنگ ڪارڊ.
ماڻڪ جو اڻ ڇپيل ناوليٽ "پڇتاءُ"
ماڻڪ جي هڪ بي نامي ڪهاڻي.
هڪ عدد ڪارو پراڻو پلاسٽڪ جو ٻٽون ۽ بس....!!
۽ ها سچي هڪ عدد هڪ اخباري ڪٽنگ. (منير ماڻڪ سنڌي ادب ۾ نون تجربن جو خالق آهي.
هو انتهائي حساس فرد هو سندس لکڻيون اجتماعي احساس جو اولڙو آهن)
(ساس نوابشاهه طرفان ڪرايل ورڪشاپ ۾ مير ٽيبي، نثار حسيني ۽ ٻين جا ويچار)

۽ بريف ڪيس ۾ بند رهجي ويل نومبر جي شام جهڙي هڪ خاموش، اڪيلي ۽ اداس شام ماڻڪ جي بريف ڪيس جي وارثيءَ منهنجي خوشي ۽ اداسي ٻيڻي ڪري ڇڏي آهي.

نومبر جي ئي ڪنهن ڏينهن پياري ممتاز بخاريءَ فون ڪري ماڻڪ جو ناوليٽ "پڇتاءُ" ڇپائڻ جو ذڪر ڪيو. منهنجي اداسيءَ جا گهاتا ڪارا ڪڪر چانديءَ جي مختصر ترين بوندن ۾ بدلجڻ لڳا. ۽ پڪ سان ماڻڪ جو ناوليٽ توهانجي هٿن تائين پهچندو ته منهنجي دل جي آسمان تي ست رنگي انڊلٺ اڀري چڪي هوندي.

مان اوهان وانگر ماڻڪ جي پڙهندڙ طور هي ناوليٽ ڇپجندي ڏسي تمام گهڻو خوش آهيان....
مون کي به اوهان وانگر ماڻڪ کي پڙهندي شدت سان محسوس ٿيندو آهي ته هر بندرو ماڻهو پاڻ کان وڏيڪ بندرو ماڻهو ڏسي پاڻ کي قدآور ماڻهو سمجهي خوش ٿيندو آهي ۽ هر ڏکهو ماڻهو پاڻ کان ڏکهو ماڻهو ڏسي پاڻ کي بندرو سمجهي پريشان ٿيندو آهي.... پر سچ بهرحال هر حال ۾ سچ ئي هوندو آهي.

**منور سراج**

نومبر جي شام
2013ع
نواب شاهه
(ماڻڪ جو نه هوندي به ماڻڪ جو شهر)

# ماڪ جي ناول "ساهہ مٽ ۾" جو اڀياس

## نصير سارنگ

هيگل هڪ ڀيري چيو هو تہ "ادب هڪ تاريخ آهي، جنهن مان ڪنهن بہ قوم جي وقت بوقت بدلجندڙ شين جون تصويرون ڏسي سگهجن ٿيون. ادب قومن جي عروج ۽ زوال جو آئينو آهي."

منير ماڪ جو لکيل ناول "ساهہ مٽ ۾" بہ هڪ دور جي تاريخ آهي. هي ناول ون يونٽ جي آئيني تسلسل، ۽ فوجي آمريت جي دور ۾ ان ۾ پيدا ٿيل حالتن جي پس منظر ۾ لکيل آهي. جنهن ۾ هڪ غلام قوم جي ساڃاهہ وند فرد جي خوف، عدم تحفظ جي احساس، پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي اوپرائپ ڀري ماحول مان پيدا ٿيل انديشن جي مڪمل عڪاسي ڪئي وئي آهي.

سڄي ناول ۾ ڪردار بہ زال ۽ مڙس جا آهن. جيڪي بنا نالي جي "ضمير متڪلم ۽ حاضر" طور استعمال ٿيل آهن. ناول جو وڏو حصو ڪيفيتن ۽ احساسن جي عڪاسيءَ ۾ لکيو ويو آهي. ڪردارن جي وچ ۾ ڊائيلاگ نسبتاً گهٽ آهن. جيتوڻيڪ ڪجهہ جملا احساس جي اظهار لاءِ استعمال ڪيل آهن. جيڪي ڪٿي ڪٿي ڊائيلاگ واري انداز ۾ بہ آهن.

البت ناول ۾ خوبصورت ڊائيلاگن بدران ڪهاڻي تي وڌيڪ زور ڏنو ويو آهي ۽ واقعن ۽ حالتن جو تسلسل پوري رواني‌ءَ سان موجود آهي ۽ ڪٿي بہ ڪو غير معمولي جهول محسوس نہ ٿو ٿئي.

ناول جو پهريون ڀاڱو "امن امان" جي سري هيٺ آهي، جنهن ۾ ون يونٽ واري دور کان سنڌ اندر سياست جي آڙ ۾ باشعور ماڻهن تي نازل ٿيل عتاب ۽ فوجي دور ۾ ان جي اونداهي تسلسل کي ڪافي حد تائين جاندار انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. واقعن، انديشن ۽ سوچن جي اظهار ۾ ايتري تہ غير معمولي جرئت آهي. جو هي ناول ملڪ ۾ ڇپجي نہ سگهيو ۽ هندستان ۾ پهريون ڀيرو ڇاپيو ويو. ناول جي پهرين حصي ۾ فوجي حڪومت دوران سنڌي ٻوليءَ سان ٿيل ناانصافين، سنڌي اديبن تي ٿيل ڏاڍ، ڏمر، پهرن ۽ وٺ پڪڙ کان وٺي رياست، سماج ۽ نظرئي جهڙن موضوعن تي پڻ ڪٿي ڪٿي نهايت وزنائتو بحث ٿيل آهي.

ناول جو مرڪزي ڪردار ڪاليج ۾ هڪ ليڪچرار آهي، ۽ ساڳي وقت ليکڪ پڻ آهي. ناول جي ڪهاڻي ان دور جي حالتن تي ڦري ٿي جڏهن ون يونٽ ٽٽي چڪو هو ۽ ٻوليءَ وارا هنگاما بہ ٿي چڪا هئا. هڪ طرف ون يونٽ جي دور ۾ سنڌيت لاءِ پيدا ٿيل اوپرائپ وارا اثر اڃان سماج ۾ موجود هئا تہ ٻوليءَ وارن خوني هنگامن جي نتيجي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پاس ٿيل بل جي رد ٿيڻ سنڌي ڪتابن ۽ رسالن تي پابندين، سنڌي اديبن خلاف وٺ پڪڙ جي نتيجي ۾ پڙهيل ڳڙهيل طبقن ۾ سخت هراس ۽ احساس محرومي پکڙيل هئي.

فوجي حڪومت جيڪا هڪ طرف وچين طبقي جي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن کي اڳيان آڻڻ جي دعويدار هئي تہ ٻئي طرف ان ۾ وچين طبقي جا باشعور ماڻهو چوويهہ ئي ڪلاڪ ايجنسين جي اک ۾ بہ هوندا هئا. ٻوليءَ وارن هنگامن ۾ ليڪچرار عبدالرزاق سومري جو شهيد ٿيڻ ۽ سرڪاري

سرپرستيءَ هيٺ هلندڙ هڪ تنظيم جي چرچ تي ليڪچرار اشوڪ ڪمار جو رياستي تشدد ۾ شهيد ٿيڻ جهڙن واقعن جي پسمنظر ۾ ناول جو مک ڪردار جيڪو پڻ ليڪچرار آهي. ڏاڍو ڊنل ۽ هيسيل محسوس ٿئي ٿو. ان سڄي صورتحال ۾ ڪردار ذهني طور جنهن پيڙا، خوف ۽ دهشت جو شڪار آهي، ان جي احساس جي لفظن جي مدد سان عڪاسي ڪرڻ ۾ مان وڏي حد تائين ڪامياب ويو آهيان. مثال طور ناول جي شروعات ۾ ڪردار کي سي آءِ ڊي جي ڪارندي جو تعاقب محسوس ٿئي ٿو. رستي کان گهر پهچڻ تائين ڪردار جي ڪيفيت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ماڻڪ ناول جا ڇهه صفحا صرف ڪيا آهن. جن جي هڪ هڪ جملي ۾ ڪردار جي ذهني دٻاءُ ۽ نفسياتي طور هيسيل هجڻ جي ڀرپور عڪاسي ٿيل آهي. گهر پهچڻ کانپوءِ هو پنهنجي گهر واريءَ سان جيڪا ڳالهه ٻولهه ڪري ٿو ان ۾ پڻ ساڳي ڪيفيت جو ڀرپور اظهار ٿئي ٿو. با ر بار گهر واريءَ کان ڪنهن جي اچڻ نه اچڻ جو پڇڻ ۽ پوءِ پنهنجي گهر کي ڏينهن ڏٺي جو اندران ڪڙي ۽ ڪرف لڳائڻ لاءِ چوڻ، بار بار چوڻ ته ”پتين کي به ڪن آهن“ بک نه لڳڻ، گهر واريءَ سان اوچتو تکو ڳالهائڻ، نڙي خشڪ ٿي وڃڻ، ان ڪيفيت جون ڀرپور علامتون آهن. ان ڪيفيت ۾ هو خواب ۾ جيڪي ڪجهه ڏسي ٿو سو خود ماڻڪ جي شعور ۽ دوراندیشيءَ جو ثبوت آهي، خواب ۾ هن فوجي جنتا کي ڪوتن ۽ انهن جي راڄ سان پيدا ٿيندڙ حالتن کي پليگ سان ڀيٽيو آهي. اڳتي هلي وقت ثابت ڪيو ته ماڻڪ شعور جي اک سان مستقبل جي پردي کي چيري جيڪو ڪجهه به ڏٺو هو سو سؤ سيڪڙو صحيح نڪتو. اهڙي نام نهاد جمهوري دور ۾ جنهن ۾ دعوائون ٿي رهيون هجن ته هاڻي ملڪ ۾ مارشلا جا دروازا بند ڪيا ويا آهن. آئين کي ٽوڙيندڙ کي موت جي سزا ڏني ويندي، اتي ماڻڪ جو ڳرن بوٽن جو آواز ٻڌڻ، خاڪي ورديءَ واران ڪوتن کي ڏسڻ ۽ پليگ ڦهلجڻ جو خطرو محسوس ڪرڻ ان ڳالهه جي علامت آهي ته ماڻڪ هڪ اهڙو حساس ۽ ذهين ليکڪ هئو جنهن جي نظر سڄي سماج ۽ سياسي ڦير گهير تي هئي، جنهن وٽ ادب کي سماج ۽ سياست کان ڪٽي ڏسڻ وارو فرسوده نظريو نه هو. هن جي تکي نظر سنڌ جي آئيندي کي مصيبت ۾ گهيرجندي ڏسي ورتو هو. ماڻڪ بار بار جيڪا رت جي بوءِ سنگهي پئي، سا سندس وفات کان رڳو هڪ سال پوءِ سچي ثابت ٿي وئي. هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ ماڻڪ جي حساسيت، تهذيبي ۽ انساني قدرن سان سندس محبت ۽ فوجي راڄ هيٺ انهن جي چيڀاٽجڻ جي ارمان جو هن جملي مان ڪيڏو نه ڀرپور اظهار ٿئي ٿو ”ڪٿان انساني وستين ۾ پليگ آڻي تباهيون ڦهلائيندا آهن، وسندڙ تهذيبن کي ناس ڪندا آهن يا ڇڪلن ۾ تبديل ڪري ڇڏيندا آهن.“ يقينن اهو احساس پنهنجي چوڌاري موجود حالتن مان پيدا ٿيل ان خوف مان ڦٽي نڪري ٿو. جيڪو سڄي سماج کي گهيري وٺي ٿو. ان سڄي صورتحال جي ذميواري ماڻڪ جي خيال ۾ انهن قوتن تي عائد ٿئي ٿي، جن جو جياپو ان ڳالهه تي آهي ته سندن محڪوم ڇاڪيءَ جي ڏاند جهڙي زندگي گذاريندا رهن ۽ سماج جي ارتقا ۽ فطرت جي نيمن سان ٽڪراءَ جهڙن لقائن جي ڪين ڄاڻ نه هجي، هو تحقيق ۽ ڇنڊ ڇاڻ جهڙين وٿن کان به ٻنهه اڻ ڄاڻ هجن. مثال طور ماڻڪ جي ڪردار جا هيٺيان جملا اوهان پنهنجي سوچ جو اظهار ڪيو ٿا، کوڄنائي لڪٽين ذريعي، جيڪي ايندڙ امڪانن جون واٽون صاف ڪن ٿيون. بانس واري بيٺل تلاءَ ۾ جنهن ۾ اسين ٻڏل آهيون ۽ غوطا کائي رهيا آهيون، کوڄنا جا پٿر ٻڌايو ته تلاءَ جي ڏٽين کي وڻندا؟

ماٽڪ جي خيال ۾ حاڪم قوتن لاءِ سنڌي ان ڪري ناقابل قبول ۽ اڻ وڻندڙ آهن، جو اهي پنهنجي اهڃاڻ جي برقراريءَ لاءِ هٿ پير هڻن ٿا. مثبت توڙي منفي نظام توڙي قوتون پنهنجن جبلتن موجب پنهنجي بقاءَ لاءِ ضرور هٿ پير هڻن ٿيون. اصل ۾ تاريخ جي سيوري ارتقا انهن مخالفن قوتن جي باهمي ٽڪراءَ جي ڪهاڻي آهي. قوتن جي بقا جي ان ويڙهه ۾ حاڪم قوتون پنهنجي بقا لاءِ مختلف طريقا استعمال ڪن ٿيون، جن ۾ سڀ کان اثرائتو طريقو نظرين ۽ فلسفن جو اهو نشو آهي. جيڪو محڪوم قومن جي رڳن ۾ ڪڏهن مذهب، ڪڏهن سياست ته ڪڏهن شاونسٽ قومي نظريئي جي نالي ۾ انجيڪٽ ڪيو ويندو آهي. ماٽڪ چواڻي ته ”ائبنارمل سماج لاءِ ته ٽرنڪولائيزرس نظرياتي نشي جيئن ڏنو ويجي ٿو.“

اهڙن معاشرن جا واڳ ڌڻي پنهنجن مفادن جي پورائيءَ لاءِ هر ممڪن طريقو استعمال ڪن ٿا. شايد تڏهن ئي ماٽڪ لکيو آهي، ته هن ملڪ ۾ ڪابه ڳالهه ناممڪن ناهي.

ڪافي وقت اڳ هڪ سياستدان جو انٽرويو ڇپيو هئو جنهن ۾ هن هڪ ٻئي سياستدان سان ٿيل ذاتي ڪچهريءَ جي حوالي سان ڏاڍي دلچسپ ڳالهه ٻڌائي هئي ته هن جڏهن ٻئي سياستدان کان پڇيو ته ”آخر سنڌين جو بنيادي مسئلو ڪهڙو آهي؟“ ته هن وراڻيو ته ”بس ٽن وقتن جي ماني“ جنهن تي ان سياستدان کيس چيو ته ٽن وقتن جي ماني ته ڪُتي کي به ملي ويجي ٿي، پاڻ انسان آهيون، اسان کي ٻيو به ڪجهه گهرجي.

وچولي طبقي جي ان خود غرضيءَ ۾ پاڻ پوڄا واريءَ نفسيات جو ماٽڪ هن ناول ۾ ڏاڍو بهتر ڇيد ڪندي ڪتي ۽ پائولوف جو مثال ڏنو آهي ۽ ان کي علامتي طور ڪٽندي رياست کي پائولوف ۽ رعيت کي ڪتي سان وزنائتي ڀيٽ ڏني آهي ۽ اتي وچين طبقي جي نفسيات لاءِ بنهه صاف لفظن ۾ چوي ٿو. ”هڏين ۽ ڇيڇڙن جي بخشش کان سواءِ، جيڪو اسان پڙهيل ڳڙهيل مڊل ڪلاس جو سڀ کان وڏو مطالبو آهي.“

دنيا جي تاريخ گواهه آهي ته هر دور ۾ ڦورو ۽ استحصالي قوتن پنهنجي ڦرلٽ ۽ استحصال کي مختلف نظرين، فلسفن ۽ سانچن ۾ ٺهيل جملن جي بنياد تي جائز قرار ڏئي ڏنو آهي. اها ڦوروءَ جي نفسيات آهي، جيڪا سندس مفادن جي تحفظ جي بنيادي گهرج آهي. سنڌ جي سالن کان مال غنيمت جيان ڀيل ڪندڙ پناهگير ٽولي جي ان دعوي ته ”اسان قربانيون ڏئي ملڪ حاصل ڪيو هو“ جي جواب ۾ ماٽڪ جا جملا ڦورو قوتن توڙي سنڌن هٿ گهڙيل نظريئي جو بهترين جواب آهن. پنهنجي غرض خاطر جان جوکي ۾ وجهي ۽ ٻين جي ڦٻائڻ لاءِ ڪجهه وڃائي، پوءِ عيوض ۾ گهڻو ڪجهه حاصل ڪري، ڦٻائي سوڀارو ٿي ايڙي ۽ ڦٻايل هنڌ تي پير کپائي اوچو ٿي ٻيهي ۽ لتاڙ شروع ڪري پوءِ چوي ته مون هيءُ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن.

ماٽڪ وٽ سنڌ ۽ سنڌين جي ان حالت جا ذميوار به مک فيڪٽر نظر اچن ٿا. هڪ سنڌ جو جاگيرداراڻو سماج ۽ وڏيري جي روايتي ذهنيت ۽ ٻيو لساني بنيادن تي سنڌ کي فتح ڪيل علائقو سمجهندڙ پناهگير فيڪٽر. ماٽڪ جي خيال ۾ جاگيرداريت سنڌي قوم جو اهو داخلي ناسور آهي،

جنهن اسان کي ڇؤڪنيو ٻڌي ٻيوس ٻڻائي ڏارين جي پيرن ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي. ماڻڪ جي ان سوچ جو اظهار سندس هيٺين جملن مان ٿئي ٿو.

”منهنجون ٽنگون ڀڃرين ديسي مڪڙن کاڌيون جن جا آنا هن ڌرتيءَ ۾ ڦُٽا جيئن مان هلي نه سگهان! سڀ مڪڙ هڪ جهڙا آهن. آبادين کي ناس ڪندڙ وسنديون ناس ڪندڙ انهن کي ٻڙڪائيندڙ حياتيءَ جي ست کي چوسي چوسي ناس ڪندڙ.

ماڻڪ جي ذاتي زندگيءَ جي حوالي سان ممڪن آهي ته مٿين جملن ۾ سندس اشارو پنهنجن انهن دشمنن يا دوستن ڏانهن هجي، جن کيس هيسائي ٻيوس ٻڻائي زندگيءَ جي شاهراه تان موت جي اونهيءَ کاهيءَ ۾ ڌڪي ڇڏيو. جڏهن ته مجموعي حوالي سان اُهي جملا سنڌ جي مفاد پرست ۽ قومي غيرت کان وانجهيل مٿين طبقي لاءِ موزون نظر اچن ٿا.

هن ناول ۾ ماڻڪ تي ٻوليءَ وارن هنگامن کان پوءِ پيدا ٿيل حالتن جو اثر ڪافي گهرو محسوس ٿئي ٿو. اهوئي ڪارڻ آهي جو ماڻڪ جي ناول ۾ سنڌ مٿان رياستي ڏاڍ کان به وڌيڪ نسل پرست پناهگيرن جي ڏاڍاين جو ذڪر ڪيل آهي. ماڻڪ جاگيرداريت ۽ جاگيردار پرستن کان پوءِ سنڌين جي برباديءَ جو ٻيو مک ذميوار فيڪٽر ان کي ئي سمجهي ٿو. ناول ۾ سنڌين جي ”ڪلچرل جينو سائيڊ“ جو خوف ڪيترن هنڌن تي صاف محسوس ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ ماڻڪ کي ان سڄي صورتحال جي پس منظر ۾ رياستي هٿ کي وڌيڪ چٽو ڪرڻ گهربو هو ۽ ان سان گڏ کيس سنڌين جي اڪناميڪل جينو سائيڊ (Genocide) ۽ ان جي ذميوار عنصرن تي به لکڻ گهربو هئو. بهرحال هڪ ڳالهه ناول مان صاف محسوس ٿئي ٿي، اها آهي سنڌين جي قومي وجود جو خطري ۾ هجڻ ۽ پنهنجي ڌار سڃاڻپ وڃائي ٻي سنڌ يلائيزڊ ٿي وڃڻ جو خوف. اصل ۾ ون يونٽ جي ڊگهي عرصي دوران سنڌين جي ڌار وجود جي خاتمي، ٻوليءَ وارن هنگامن ۽ پٽي دور ۾ سنڌي ڪتابن ۽ رسالن تي پابندين وارن واقعن جي نتيجي ۾ سنڌي ثقافت کي ٽين درجي واري حيثيت ملڻ سبب اهو احساس پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن ۾ نهايت پختو ٿي چڪو هئو. اهوئي سبب آهي جو ان عرصي دوران تخليق ٿيل سنڌي ادب ۾ هڪ طرف جاگيرداريت کان ڌڪار نظر اچي ٿي ته ٻئي طرف ڪلچرل جينو سائيڊ ( Cultural Genocide) جو پڙ ۽ ان جي خلاف مزاحمت جو عنصر ملي ٿو. اهو ساڳيو ئي اثر 1980ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ لساني هنگامن يعني گذريل ڪجهه سالن جي تخليقي ادب ۾ به ڪنهن حد تائين موجود رهيو آهي. ان وچ ۾ رياستي جبر خلاف ادبي مزاحمت جو وڏو حصو 1983ع جي تحريڪ کان پوءِ مڙهيل ملي ٿو. جڏهن ته هينئر تبديل ٿيندڙ عالمي صورتحال جي نتيجي ۾ اقتصادي ۽ ٽيڪنيڪي محاذن جي ڪمزور هجڻ جو احساس هوريان هوريان لکڻين ۾ وڌيڪ ٽيڻ لڳو آهي.

هن ناول جي هڪ خوبي اها به آهي ته ماڻڪ رڳو هڪ مسئلي کي کڻي ان تي جملي بازي نه ڪئي آهي ۽ ڪهاڻيءَ کي رڳو هڪ مخصوص دائري ۾ ويهي نه ڦيرايو آهي پر سماج اندر موجود مختلف تضادن ، مسئلن ۽ مونجهارن تي پڻ ڏاڍو ڪارائتو بحث ڪيو اٿس. مثال طور ذهني دٻاءُ ۽ فرسٽريشن سبب پنهنجيءَ گهر واريءَ جي جنسي گهرج پوري نه ڪرڻ ۽ امپوٽنٽ (Impotent) ٿي وڃڻ واري احساس کان پوءِ هو سوچي ٿو. هڪ اهم سوال فرض ڪر ته مان لائق نٿو رهان ته پوءِ سندس

لاءِ؟ يار؟ جيڪڏهن ڪنهن به سبب هوءَ منهنجي لائق نه هجي ته. مان چڪلي يا پرائيويٽ ڪري سگهان ٿو پر هن لاءِ چڪلو ڇو نه آهي؟ مرداڻو چڪلو. ڪيس چوندس ته بلو ڪري، يعني يار، هڪ اخلاقي سوال پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. ماڻڪ پنهنجي ذات جي محرومين ڪي حوالي طور ڪٽي سڄي سماج جي جوڙيل انهن اخلاقي قدرن ڪي چئلينج ڪيو آهي. جيڪي جاگيرداريت جي پاڇي ۾ پلجن ٿا. ۽ جن جو بنياد ان ڳالهه تي هجي ٿو ته مرد پنهنجي فطري تسڪين جي پورائيءَ لاءِ هر جائز ناجائز طريقو استعمال ڪري ٿو. باقي عورت جي مٿي تان جيڪڏهن پوتي به سِرڪي ته مذهب خطري ۾ اچي وڃي ٿو. جيتوڻيڪ ماڻڪ جي انهيءَ سوچ ڪي ان بنياد تي قبول نٿو ڪري سگهجي ته سماج اندر هڪ برائيءَ ڪي جائز قرار ڏئي ان ڪي اخلاقي تحفظ ڏجي. اها خود سوچ جي انتها پسندي آهي. البت ماڻڪ جي اها ڳالهه سوچڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي ته هڪ اخلاقي سوال پنهنجيءَ جاءِ تي موجود آهي. هونءَ به ماڻڪ جي سڄي ناول ۾ جنسي حوالي سان لکيل ڳالهيون ذهني عياشيءَ جي حوالي سان نه پر سماج اندر موجود فرسٽريشن ۽ انارڪيءَ ڪي واٽکي ڪرڻ لاءِ لکيل آهن. جيڪي ناول ۾ اجائيو ٽنبيل يا Misfit محسوس نه ٿيون ٿين، بلڪ ماڻڪ انهن حوالن سان پنهنجي سوچ ڪي وڌيڪ اثرائتي انداز ۾ پڙهندڙن تائين Communicate ڪري ٿو. مثال طور ناول ۾ ڪردار جو گهر واريءَ جي جنسي اڄ به اجهائي سگهڻ واري حالت ان جي ذهني فرسٽريشن ۽ خوف ڪي غير معمولي انداز ۾ ظاهر ڪري ٿي. جنهن ۾ حقيقت نگاريءَ جو عنصر موجود آهي ۽ ڪردار جي ڪيفيت ڪي اهو هڪ واقعو ڀرپور انداز ۾ سامهون آڻي ٿو ته جيڪي ماڻهو ماڻڪ جي ذاتي زندگيءَ کان واقف هوندا انهن ڪي هي ناول پڙهي اهو احساس ٿيندو ته ماڻڪ پنهنجي اندر جي سموري خوف، مرض، مايوسين، ذهني ۽ جنسي مونجهارن ڪي ان ۾ سمايو آهي. ماڻڪ جي حساسيت جي حد اها آهي ته هن ڪي ان امن کان به پؤ ٿئي ٿو. جيڪو ڌڪاءُ جي ڪُک مان جنم وٺي ٿو. جنگ کان نفرت ڪندي امن چاهيون ٿا ۽ امن کان به نفرت. ان امن کان جيڪو ڌڪاءُ جي ڪل ! اتي سوال نه رڳو ماڻڪ جي ذهني ڪيفيت جو آهي پر اها ڳالهه هونئن به سوچڻ لائق آهي ته زندگيءَ جي ڪنهن به حاصلات جو ملهه ڇا آهي ۽ جيستائين امن جون سوال آهي ته اهو دشمن اڳيان هٿيار ڦٽا (Surrender) ڪرڻ سان به ملي سگهندو آهي. پيو امن اهڙو به ٿيندو آهي، جيئن اڄڪلهه سڄيءَ سنڌ ڪي وڪٽي حڪمرانن شهرن ۾ عارضي امن قائم ڪرايو آهي. ساڳيءَ طرح ماڻڪ جي ناول ۾ بيا به ڪيترائي جملا فڪري پهلوءَ کان ڏاڍا ڳوڙها ۽ با معنيٰ آهن. جيڪي ناول جي ڪهاڻيءَ سان ڪو سڌوسنئون تعلق نه رکڻ جي باوجود اهميت وارا آهن. خاص ڪري جنگ ۽ بنيادي انساني حقن وغيره بابت سندس رايا ناول جي ڪردار ڪي ٿورن ئي لفظن ۾ پيتائيءَ جي هن سِٽ ۾ بيان ڪري سگهجن ٿا ته ”الا ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن.“ سيرت ۽ ساڃاهه رکڻ سبب هو پنهنجي بي وسيءَ ڪي وڌيڪ شدت سان محسوس ڪري ٿو. مثال طور ڪردار جا هي جملا ڪنهن حساس فرد جي بيوسيءَ جو ڪيڏو نه اثرائتو علامتي اظهار آهن. ”مان پنهنجي اکين سان ڏسان ويٺو ته مان ڪاڇي رهيو آهيان، منهنجو پيٽ منهنجي اڳيان مڪڙ کائن پيا. ان احساس مان گذران پيو ٿو ته مڪڙ مونکي ٽُڪي رهيا آهن.“ ان قسم جي بي وسيءَ ۽ هيڻائيءَ جا احساس جڏهن پنهنجيءَ مخصوص انتها تي پهچن ٿا ته پوءِ مستقل مزاج جدوجهد وارو

عنصر ڪمزور ٿيڻ لڳي ٿو جيڪو مقابلي واري سگهه کي بہ نستو ڪري ڇڏي ٿو. ماٺڪ اهڙيءَ بي وسيءَ واري عالم ۾ پاڻ آجو ڪرائڻ جو ڪو چِٽو گس ڏيکاري نہ ٿو سگهي بلڪ شديد مونجهاري واري ڪيفيت جو شڪار بڻجي وڃي ٿو. مثال طور سندس هيٺيان جملا ان رويي جو اظهار آهن. ”آءٌ مڪڙن هٿان ائين بي وسيءَ سان مرڻ بدران هڪ ڀيرو ئي پاڻ کي پر اهو ناممڪن آهي، ائين پاڻ کي ماري نٿو سگهجي.“

جيڪڏهن جانور بہ........ پوءِ جبلي ڪمزوريءَ هيٺ ئي سهي پڄاڻيءَ واريءَ مهل تائين بہ پاڻ بچائڻ لاءِ جيئري رهڻ لاءِ هٿ پير هڻي ٿو مان تہ انسان آهيان. ساڳيءَ انهيءَ پاڻ بچائڻ واري جبلي ڪمزوريءَ سان نوازيل پر اهي کهڙا مڪڙ آهن. جن جي واٽ لڳڻ سان منهنجي رهيل کهيل جسم ۾ اهڙو زهر اوتجي ويو آهي جيڪو جيئري رهڻ جي سياويڪ آس کي بہ ختم ڪندو پيو وڃي. لڳي پيو زنده رهڻ جي جوت جهڪي ٿيندي پئي وڃي. مان سمجهان ٿو تہ هي جملا ماٺڪ جا اهي سچا پچا احساس آهن، جن ۾ ماٺڪ جو بيوس وجود صاف ليئا پائيندو نظر اچي ٿو. مٿين جملن مان اهو احساس ٿئي ٿو تہ ماٺڪ وٽ زنده رهڻ جو اتساه شعوري نہ پر جبلي وڃي رهيو آهي. شعوري طور زنده رهڻ جي آس تہ ڪجهہ وقت زنده رکي سگهي ٿي، پر نج جبلي بنيادن تي زنده رهڻ وارو مدو بنهہ مختصر تہ ٿي سگهي ٿو.

شڪ ناهي تہ ماٺڪ جي آپگهات جي پٺيان بہ اهو ئي الميو هجي، ننڍي پئماني تي دوستن جي روين ۽ وڏي پئماني تي رياستي ڏهڪاءُ جي نتيجي ۾ ماٺڪ وٽ اهڙي ڪيفيت ممڪن آهي تہ جنم ورتو هجي. باوجود ان جي اهو ڪردار ناول جي آخر ۾ ڪنهن حد تائين جرئتمند نظر اچي ٿو. جيڪو حالتن ڏانهن شعوري ردعمل ڏيکاري ٿو حالتن جي منهن مقابلي ٿيندي مسئلن جي حل لاءِ مختلف واٽون بہ ڏسي ٿو. اها صورتحال تہ رڳو ناول جي پلاٽ جي گهرج بہ آهي، پر ساڳئي وقت ماٺڪ جي ذات جو اهو رخ بہ آهي، جنهن وٽ جيئڻ جي ڀرپور تمنا هئي، جيتوڻيڪ حوالي طور مٿي ڏنل جملا ردعمل جي لحاظ کان وڌيڪ فطري محسوس ٿين ٿا. جو اهي ڪهاڻيءَ ۾ واقعاتي حوالي سان نہ پر ڪردار جي ڪيفيتي حوالي سان ڏنل آهن.

ڪردار جي ذات بلڪل ”ڪڏهن من ماڪوڙي ڪڏهن ڪيهر شينهن“ جيان لڳي ٿي.

ناول جو ٻيون باب ”ٻائيتال“ سري هيٺ 1977ع وارين چونڊن جي دور تي لکيل آهي، جنهن ۾ ماٺڪ پاڪستان اندر جمهوريت جي سياسي مفهوم کي اخلاقي بنيادن تي چئلينج ڪندي، ان کي ”ٻڪريءَ کان ڪاسائيءَ جي چونڊ ڪرڻ واري حق ڏيڻ“ سان ڀيٽيو آهي. ورهاڱي کان پوءِ سياسي شعور سنڀاليندڙ نسل لاءِ ڀٽو حڪومت پهريون جمهوري تجربو هئي، جيڪا قومي جبر، بنيادي قومي ۽ انساني حقن جي پائماليءَ ۽ رياستي ادارن جي طفيلي هجڻ سبب ماٺڪ وٽ قابلِ قبول ناهي. ماٺڪ ان عوامي سوچ جو ترجمان آهي تہ هن سياسي ڍانچي ۾ جمهوريت مارشل لا جي سول روپ کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي. اتي اها ڳالهہ واضع ٿيڻ کپي تہ ماٺڪ جمهوريت کي بحيثيت سياسي نظام جي رد نہ ٿو ڪري پر ملڪي سياسي پس منظر ۾ ان کي اڻ لاڀائتو سمجهي ٿو. هونءَ بہ سياسي نظامن کي رڳو وصف جي بنياد تي قبول نہ ٿو ڪري سگهجي. اصل مسئلو انهن جي عملي نقاد واري طريقيڪار جو

آهي، سوشلسٽ ملڪن جي تباهيءَ جو ڪارڻ بہ اهوئي هئو! هتي جمهوريت اصل ۾ مارشل لا جي بچڙي ڏائڻ جي مٿان ڪنهن خوبصورت پريءَ جي چاڙهيل ماسڪ جيان رهي آهي. ماڻڪ جي ان رويي کي سندس موت کان پوءِ ملڪ ۾ ٿيل جوڻيجو بينظير توڙي هاٺوڪي نواز شريف وارين جمهوريتن سچو ثابت ڪيو آهي. ناول جي هن باب ۾ پهرئين باب جي ابتڙ ماڻڪ جا جملا زندگيءَ جي احساس سان ڪيئن نہ ڇلڪندا محسوس ٿين ٿا. ”سنڌ ۾ سنڌي هن مهل بہ جيئرو جاڳندو رت جو لوڙهو آهن. هو جيئرا آهن ۽ حياتيءَ سان پيار ڪن ٿا.“ زندگيءَ سان محبت ۽ مايوسين ۽ نامرادين سان مزاحمت جو اهڙوئي اظهار ڪردار جي گهر واريءَ سان شهر ڇڏي ڳوٺ هلڻ واري بحث مان بہ ٿئي ٿو. ماڻڪ ايترين سارين داخلي ڪمزورين، سنڌي سياستدانن جي منافقانہ روين، وڏيرن جي ويساهہ گهاتين کان ڪٿي ڪٿي نفرت پريءَ چڙ ۽ مايوسيءَ جو اظهار بہ ڪري ٿو پر اهڙي گهڻ پاسائين خوف ۽ عدم تحفظ واري احساس هيٺ ذري گهٽ نفسياتي مريض بنجي ويل ڪردار جي اها جبرئت ذهن ۽ دل جي وچ ۾ هلندڙ ويڙهہ جي علامت آهي. جنهن ۾ سندس هيسيل دل ڪٿي ڪٿي سندس ذهن کي بہ هيٺو ڪري ڇڏي ٿي. پر ڌرتيءَ ڏٺي هجڻ وارو احساس سندس ذهن کي مزاحمت تي اڀاري ٿو.

ماڻڪ وٽ نہ رڳو بچاءُ جو احساس نظر اچي ٿو پر ساڳئي وقت هو ان کان هو وڪ اڳتي وڌندي چوي ٿو. ”هو بہ اسان جي اکين ۾ آهن. ٿيڻ گهرجن. هلندڙ تاريخ جون ضرورتون ئي اهڙيون آهن. هو بہ اسان جي اکين ۾ ٿيڻ گهرجن.“ سندس اهي جملا جرمن شاعر بريخت جي ان شعر جي ياد ڏيارين ٿا تہ ”هيءُ نظام پينگهہ جيان آهي. ان ۾ مٿيان ان ڪري مٿي آهن، جو هيٺيان هيٺ آهن.“ مطلب تہ توازن ۾ هڪ قوت جي ڪمزوري، ٻيءَ قوت کي مضبوط ٿيڻ ڏئي ٿي. ماڻڪ اها ڳالهہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ”جيڪڏهن اسان کي ڳڙڪائيندڙ قوتون اسان جي اک ۾ ناهن تہ پوءِ پڪ سان ايندڙ وقت ۾ اسان انهن جي چنبن ۾ هونداسين.“ هڪ ڳالهہ ٿوري محسوس ٿئي ٿي تہ ڪردار جي گهر واريءَ جو ڪردار ذهني اپروچ ۽ ڪيفيتي حوالي سان ڏاڍو اڻ چٽو محسوس ٿئي ٿو. هن باب ۾ وڳوڙن شروع ٿيڻ کان اڳ هوءَ ايتري تہ هيسيل ۽ ڊنل محسوس ٿئي ٿي، جو هوءَ مڙس کي دروازو کڙڪائڻ تي در تائين وڃڻ کان روڪي ٿي، جڏهن تہ مذهبي جنونين جي شروع ڪيل وڳوڙن کان پوءِ هوءَ ڪيس ڪرفيو جي وٿيءَ ۾ ڪاڏي پيتي جو سامان وٺي اچڻ لاءِ چوندي بنهہ نارمل ۽ بي خوف محسوس ٿئي ٿي. ساڳي طرح ان ڏهڪاءُ واري حالت ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌين جي ڳوٺ سڙڻ ۽ هڪ ڪٽنب جي قتل ٿيڻ تي بہ سندس ردعمل سندس نفسياتي اعتبار کان جاندار نہ ٿو لڳي. سڄي ناول دوران سندس ذهني سطح جو ڪوبہ چٽو اندازو نہ لڳائي سگهڻ جو ڪارڻ سندس ذهني ڪيفيتن ۽ اپروچ جي باري ۾ ڏنل متضاد حوالا آهن. ڪٿي ڪٿي هوءَ انتهائي جرئتمند ۽ پڙهيل ڳڙهيل وچولي طبقي جي عورت محسوس ٿئي ٿي تہ ڪٿي وري جملن ۽ روين مان بنهہ عام ڳوناٺي سادي سودي عورت لڳي ٿي. جنهن جي ڪل ڪائنات سندس مڙس ۽ گهر آهي.

ساڳيءَ طرح انهن هنگامن جي حوالي سان ماڻڪ وٽ ورهاڱي کان نفرت جو احساس بہ ملي ٿو. ڪيس اهو احساس شدت سان ٿئي ٿو تہ تهذيبي ۽ ثقافتي پس منظر ۾ سنڌي هندو توڙي مسلمان

مذهبي ويڇن ڪان ڏاڍا مٿانهان هجڻ سبب انسانيت جي ان مالها ۾ پوئيل هئا. جتي سمورن تضادن جي باوجود گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۽ سنڌين جو قومي وجود خطري ۾ نہ هئو. امن جي هن ڏرتيءَ تي وحشت ۽ دهشت جي اهڙي راڄ جو انديشو نہ هئو.

ناول جو آخري باب ۽ ”امن امان“ جي سري هيٺ لکيل آهي، جنهن ۾ 1977ع وارين چونڊن جي ٻيهر ٿيڻ واري اعلان کان وٺي پُٽي جي ڦاسيءَ تائين واري دور کي ٻيهر موضوع بڻايو ويو آهي. ڪردار جي خوف، هراس ۽ فرسٽريشن کي نہ رڳو برقرار رکيو ويو آهي. پر ان کي اڃا بہ وڌيڪ شدت پرئي لهجي ۾ بيان ڪيو ويو آهي. بيوسيءَ جا لڱ ڀڳ ساڳيا احساس صرف سچوئيشن جي تبديليءَ سان ڏيکاريل آهن. ناول جي پڇاڙيءَ ۾ ماڻڪ جيڪي سوال پڙهندڙن اڳيان اٿاريا آهن، يا ان دور ۾ مستقبل جي حوالي سان جن انديشن ۽ وسوسن جو اظهار ڪيو آهي سي هينئر پوري شدت سان اڀري آيا آهن. مثال طور ماڻڪ جو سنڌ ڏانهن ميريءَ اک سان نهاريندڙ قوتن جي نيت بابت اها اڳ ڪٿي ڪئي تہ:

“A LAND WITHOUT PEOPLE FOR THE PEOPLE WITHOUT LAND.”

سنڌ جي قومي سياست ۽ اجتماعي قومي نفسيات جي حوالي سان ماڻڪ جا هي جملا ڏاڍا اهميت وارا آهن. ”سوچ جو هيءَ نقطو آهي تہ نيت سنڌي احساس جي پوڳيندڙ سطح کان اڀري تنظيم جي روپ ۾ ڇو ڪونہ نمايان ٿي بيٺا آهن.“

سنڌ اندر ڪنهن بہ اداري يا جدوجهد جي منظم نہ هجڻ کي ڪي ماڻهو سنڌي قوم جي ان گڏيل قومي نفسيات جو حصو سمجهن ٿا، جيڪا تاريخ جي حوالي سان اجوڪي نسل کي ورثي طور ملي آهي، ۽ ڪن جو خيال آهي تہ اها غير منظم حالت مجموعي طور غلام سماجن جي نفسيات ۽ مزاح جو حصو رهندي آئي آهي. غلام سماجن اندر ويساه گهاتين، موقعي پرستيءَ وارن لاڙن جو ڦهلاءُ موتمار وبا جيان ٿيندو آهي، جيڪا انهن جي اندروني جينياتي قوت کي نستو ڪري ڇڏي ٿي. مختلف گروهي مفادن جي ٽڪراءَ سبب اهڙن سماجن ۾ ڇڙواڳيءَ جو عنصر وڌي وڃڻ سياويڪ عمل آهي ۽ اهو ساڳيو اصول سنڌي سماج سان پڻ لاڳو ٿئي ٿو. ساڳيءَ طرح سنڌ جون اڪثر جدوجهدون تاريخي پسمنظر ۾ غير منظم ۽ منتشر نظر اچن ٿيون. شايد سنڌ جي شڪست مان پريل تاريخ جو ڪارڻ بہ اهوئي هجي. هڪ ٻئي ڳالهہ جيڪا محسوس ٿئي ٿي، اها آهي ماڻڪ جي راءِ تہ ڏاڍاين کي منهن ڏيڻ جي اڪيلي واٽ جوابي طاقت آهي. ماڻڪ تنظيم کان وڌيڪ ايڪشن تي زور ڏيندي نظر اچي ٿو. ماڻڪ جي خيال ۾ حاڪم ۽ محڪوم جي وچ ۾ طاقت جي توازن جي اڻ هوند محڪوم جي محڪوميءَ جو بنيادي ڪارڻ آهي. پر هڪ اٽل حقيقت پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ دنيا جي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ غلام قومون حاڪم قومن کان وڌيڪ منظم ۽ مظبوط ناهن رهيون، ان ڪري غلامن جون اڪثر سوچون طاقت جي توازن جي حق ۾ نہ هجڻ ڪان پوءِ ڏاهپ جو توازن پنهنجي حق ۾ ڪرڻ سان ٿيون آهن. ٿورن لفظن ۾ ائين ڪري چئجي تہ حالتن جي مقابلي لاءِ طاقت ۽ ڏاهپ جو گڏيل توازن حق ۾ ڪرڻ ضروري آهي، بنهي مان ڪنهن بہ هڪ کي مسئلي جو حل سمجهڻ درست ناهي. (شايد شديد بيوسيءَ واري ردعمل ۾ اها سوچ پيدا ٿي هجي)

بهرحال مجموعي طور تي هي ناول پنهنجي دور جي سچاين جو ڀيباڪ عڪاس آهي ۽ وچولي طبقي جي هڪ فرد ۽ ليکڪ جي خيالن ۽ احساسن جو مجموعو آهي، جنهن وٽ وقت ۽ حالتن مان پيدا ٿيل هراس ۽ مايوسيءَ سان گڏ ڪجهه ڪرڻ وارو اتساهه به آهي. هي ناول نه رڳو ماڻڪ جي ذاتي احساسن ۽ جذبن جو عڪاس آهي پر ساڳي وقت سنڌ جي تاريخ جي هڪ دور جو داستان پڻ آهي.

(ماهوار ساجاهه، شمارو 41، 1992ع تان کنيل)

# ٻه اکر

## امداد حسيني

ماڻڪ اُن ٿهيءَ مان هو جيڪا پاڻ کان سينئر ۽ جونيئر جي بنِ پُڙن ۾ پيسجي رهي هئي / آهي. سينئر پنهنجي لکڻين ۾ وڏيرن کي لوئي پاڻ ادبي وڏيرا بڻجي ويا - ۽ جونيئر شارٽ ڪٽس جي ڳولا ۾ رهيا، ائين ادبي محاذ تي قومي ايڪي واري اعليٰ مقصد کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. ون يونٽ کان پوءِ واري ماڻار ۾ جن ليڪڪن بيٺل پاڻيءَ ۾ پٿر اُڇلي، تجربي جو ساهس ڪيو ۽ ادبي ٺيڪيدارين جي مخالفت ڪئي، انهن کي ڪچيون گاريون ڏئي، جُڙتو حالتن جي ڪنڊ- تار لوڙهي ۾ واڙيو ويو! نصاب مان ڪين ٻاهر رکيو ويو. ادارن جا دروازا تہ مٿن اڳ ئي بند هئا، پر نجي سطح تي بہ هو ”ادبي واڳن“ جي ور چڙهي ويا! ان اُگري صورتحال جو ماڻڪ وڏيڪ شڪار رهيو: شايد ان ڪري ئي ماڻڪ پاڻ ارپي، ڪلا سان سچو رهي ٻولي/ ساهت / جاتيءَ ۽ پوري انسانذات لاءِ شاندار اُتساهيندڙ ڪردار ادا ڪندو رهيو. اسان کي پڙهندڙ ۾ اٽل ويساهہ آهي، تہ ”ٽڪڙ پبليڪشن“ جي پرپور آجيان ڪندو- ۽ سنڌي ٻولي / ساهت ۽ قوم کي درپيش خطرن کي ٽارڻ لاءِ مڪمل سهڪار ڪندو.

# ماڻڪ

## شرجيل

اڄوڪي هلال اخبار
27 جنوري 1982ع جي
منهنجي هٿن ۾
پهرئين صفحي جون
وڏيون ۽ ننڍيون خبرون پڙهندي،
اوچتو نظر پئي،
”ماڻڪ وفات ڪري ويو“ !!! ؟؟
سخت سيءَ هوندي
سڄي جسم ۾ سناٽو ڇانئجي ويو..
ڄڻ اوچتو ئي اوچتو
ڪنهن شهر جون،
سڀ بتيون، وسامي ويون هجن،
هٿوراڙيون ڏيندي
خبر کي ڦولهيم
هڪ ننڍڙو آس جو ڏيئو
هٿ لڳي ويو...
ماڻڪ جي موت جي تصديق نہ ٿيڻ جو.
ڪاش،
تصديق نہ ٿي سگهي
ماڻڪ جي موت جي، !؟

# مئي پڄاڻان

## آغا قيوم

- ماڻڪ بدران جي علي مري وڃي ها تہ ڪيڏو نہ سنو ٿئي ها ..... (علي بابا)
- ماڻڪ اهو ليکڪ هو جيڪو پنهنجي مقصد سان سچو هو.... (حميد سنڌي)
- ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب پيدا ڪرڻ ۾ ماڻڪ پهريون ليکڪ هو.... (مراد علي)
- ماڻڪ ذهين، حساس ۽ سگهارو ليکڪ هو.... (شوڪت شورو)
- اديب ۽ فنڪار قومي امانت آهن، ماڻڪ هميشہ امر رهندو.... (اسرار شام)
- ماڻڪ سنڌ جي سرواڻ اديبن مان خودسر تخليقڪار هو.... (رسول بخش درس)
- ماڻڪ جي وڇوڙي بعد لڳي ٿو وڏيون پٽيون مست هاٿيءَ وانگي مون ڏانهن ڊوڪڻ اچي رهيون آهن .... (شرجيل)
- ماڻڪ اجا ڪجهہ وقت زنده رهي ها جي هو منافق هجي ها تہ .... (نثار حسيني)
- ايندڙ دور ۾ ماڻڪ جا پڙهندڙ وڌيڪ پيدا ٿيندا .... (امداد)
- جيسين بي روزگاري ۽ اڻ سڃاڻپ آهي تيسين ماڻڪ اسان وٽ موجود رهندو... (قاسم پٿر)
- ماڻڪ نون تجربن جو ماڻڪ هو.... (عزيز مهراڻوي)
- ماڻڪ جو اوچتو موت ايئن محسوس ٿيو ڄڻ بنهہ منجهند جو اوچتو سج ٻڏي ويو (نصير مرزا)
- حقيقت پسند ليکڪ ماڻڪ جهڙي گنڀير ۽ حساس شخصيت ورلي ڪا ملندي .... (ظفر حسن)
- ماڻڪ انتهائي ذهين ۽ جديد ادب جو سرواڻ ليکڪ هو.... (مدد علي سنڌي)
- ماڻڪ پنهنجي لکڻين جي شڪل ۾ اڄ بہ اسان وٽ موجود آهي .... (پروانو ڀٽي)
- ماڻڪ حقيقت پسند ۽ هڏ ڏوکي انسان هو.... (حافظ عبدالرحيم)

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book